اداسي جون آهون

مصنف

(الهہ بخش ٹالپر)

1.50 قیمت

چپائيندڙ

آر- ايڇ احمد اينڊ برادرس

پبلشرس، بڪسيلرس، شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چپائيندڙ:
آر- ايڇ- احمد بردارس
بکسيلرس
شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ)

[دفعو پهريون] سال ۱۹۶۷ع [جلد ۳۰۰۰

قيمت [redacted]

چپيندڙ:
مفيد پرنٽنگ پريس
رشي گهاٽ روڊ حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تمهيد

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪرم سانگ،
سوريءَ سپيرين جي، چڙهه ته ٿئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪان پوي.

برهه بري بلا آهي. جيڪو ان جي ور چڙهيو، سو سڄي لڳين نه بچيو. انهيءَ ارڙ ڪئين خان ڪپائي ڇڏيا هن جو ڪاڏو سال نه آيو. انهيءَ زهر جو ڪو تریاق ئي ڪونهي. اتي نه ڪنهن حڪيم جي حڪمت ڪم ڏٺي ٿي، نه ڪنهن ڊاڪٽر جي ڊاڪٽري هلي ٿي. نه ناصحن جي نصيحت اثر ڪري ٿي، نه عاقلن جو عقل ڪم اچي ٿو. هن تي نه ڪنهن فقير جو ڦيٽو فائدو ڏيندو، نه مانڊي جو منڊ مفيد ٿيندو. هن ڪئين ڪيس ڪيا آهن. هت اهڙي هڪ ڏڪيل جوڙي جو احوال ڏجي ٿو، جن مان هڪ وڃي موت جي منڙي ننڊ ۾ ستو. باقي هڪ بيجان بوتي مثل زندگيءَ جون گهڙيون گهاري رهيو آهي.

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڇن،
ريس ريذاليون تن سين ڪجاڙي ڪي ڪن،
مارڪ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۲- هن ۾ نالا فرضي آهن. ڪوبه صاحب پاڻ ڏانهن منسوب نه ڪري.

۳- ناول جي لکڻ جي صحيح مراد آهي اصلاح، انهيءَ ڪري هن ۾ ٿيل تي نصيحت جا نڪتا پڻ ڏنا ويا آهن.

۴- هن ۾ سادي ۽ اصطلاحي سنڌي ڪم آندي ويئي آهي. انهيءَ لاءِ ته اديب صاحب هن مان پورو پورو مواد وٺن.

اميد ته پڙهندڙ حضرات هي پڙهي خوش ٿيندا ۽ بنده کي دعائي خير کان نه وسارينداء.

حيدراباد سنڌ
۱-۱-۱۹۶۲ع

والسلام
الهه بخش ٿالهپر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انتساب

انهيءَ نماڻيءَ نار جي نالي، جا بي موت مري ويئي.
جنهن جي آس جي آڪاس تي سدائين اونده رهي.
جنهن جي اميدن تي هميشه لاءِ پاڻي ڦري ويو.
جا رسومات جي ديويءَ اڳيان پل چڙهي.
جنهن کي سماج جي ابن نڊڪو ڪري ڪٽيو.
جنهن جي آخري پساهه مان به وفا جي خوشبوءِ نڪتي.
جنهن جيڪي پول پڌا، سي پاريا.
جنهن ڪنڌ قبوليو، پر قول نه ڦيرايو.

ٽالپر-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آئون نہ گڏي پرينءَ کي- عمر ٽان وٺي
ولهي ڏينهن وڃائيا - سرتيون سپٺي
پيريءَ ۾ پٺي- تي اکيون آريءَ ڏي ڪٽي

اکڙين آرو- مونهان پڇي نہ ڪيو
اتي وڃي اڙيون- جت چوڻ ناه چارو
هينڙو ويچارو- واٽون جهليو و جهلي

اکين کي آئون- جان کي جهلون پائيان
لوڪ لتاڙي ننڊ ۾- ساجن سونائون
مون کي ماريائون- پاڻ پرچي آئيون

هر کہ آمد درجهان آخر بہ منزل خود رسيد
پير شد زيب‌النساء اورا خريدارے نہ شد

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسيءَ جون آهون

تقدير

اول نانءُ الله جو مڙني مٿانهون
ڪيئن ڪري قبوليان، عمر ڪي آئون
رازق رضائون، مون مڙيئي مجبون

ڳالهه ٿا ڪن، ته ٽنڊي محمد خان نزديڪ هڪ نندڙو واهڻ آهي، جنهن جي آدمشماري به ادائي سو ڪن مس ٽيندي. اتي ڪمال نالي هڪ غريب آدمي رهندو هو. هن تي نندي هوندي مائٽن ڪوڏ جو نالو ڪڍڻ رکيو هو، تنهن ڪري عام طور هن جو اهوئي نالو مشهور هو. سندس وڏا اول ته نهايت شاهوڪار ۽ سکيا ستابا ماڻهو هئا، پر پوءِ زماني جي ڏکن هٽي ڪين ڪيرائي وڌو. نيٺ ڪٿي تر ٽي ويا.

انسان جي به جڏهن ڦٽندي آهي، تڏهن هٿ به انگهون ٽي پوندا اٿس. سنئين ڪر، ته اوندي پئي ٽيندي آهي. جيتري قدر ڪوشش ڪبي آهي، ته مٿي چڙهان، او تري قدر پيو هيٺ لهبو آهي. سو ڪٿڙ ڀچاري به گهٽيئي حيلا ڪيا، پر وريو ڳالهه مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کي نہ ڪيو. غربت هن کي بي پاڙي ول جيان وکوڙي ويئي. خير وقت گذرندو رهيو. آخر هن شادي ڪئي ۽ جلدئي هن کي هڪ ننگرڙي ڇائي، جنهن جو نالو بيگم رکيائين. ماءُ ويچاري پنهنجي نياڻي نماڻي کي ڏاڍو ڪوڏ سان نپائيندي رهي، پر موت جي بي رحم چنبي کيس ايتري مهلت نہ ڏني، جو معصوم کي تاتي وڏو ڪري.

تحقيق اجل اهڙو زوراور آهي، جو نہ ڏسندو نڊيو نہ ڏسندو وڏو. هن وٽ پيري ۽ جواني ٻئي برابر آهن. هو ڪڏهن پينگهي لڏندڙ پتنگڙا پيو مارينڊو آهي تہ ڪڏهن سيج تي ويٺل گاڙها گهوٽ پيو گهائيندو آهي، ڪڏهن سڪايل ماءُ جي هنج پيو خالي ڪندو آهي. تہ ڪڏهن معصوم کان مائٽ قري کيس يتيم بنائي ڇڏيندو آهي. هن جو ڪو وقت مقرر ڪونهي. حافظ حامد فرمايو آهي:

گهڙي گهوڙا نہ ڏيندو موت مهلت
حياتي هٿ نہ ڪا ايندي آڏاري

هاڻ ويچاري بيگم بہ چوري ٿي پيئي. ماءُ جي مٽو هٿ هن جي مٿي تان لهي ويو. وڃي ويچاري پيءُ جي پناري پيئي. ڪٽ ڪي هن جو ڏاڍو خيال هوندو هو، پرهو تڏهن بہ مرد هو، سو ماءُ جون سڪون ڪٿي ٿي لاهي سگهيو؟ سندس گهوٽ ۾ هڪ ميان جي رهندو آهو، جو تمام وڏو ماڻهو هو. ان جي گهر وا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کي اچي خيال ٿيو، ته بيگم ويچاري چورڙي ٿي پيئي آهي، جو نہ ان يتيم تي هٿ رکجي، سو ماڻهو موڪلي هن کي گهرائي ورتائون. هاڻ هن ندوريءَ تان ڏکن جا ڏينهن ڏور ٿيا ۽ سکن جو ورق وريو. پيءُ جا پلنہ بہ آجا ٿي پيا. وقت گذرندي ويرم کانہ ٿي ٿئي. گهڙين مان پلڪ، پلڪن مان پهر، پهرن مان ڏينهن، ڏينهن مان هفتا، هفتن مان مهنا ۽ مهنن مان سال گذري ويا. اڄ بيگم جواني ديواني جي چري وهءَ ۾ داخل ٿي. چوندا آهن ته هن وهءَ ۾ ڦوڳ بہ ڦلاربو آهي، پر هيءَ ته اصلي گل هئي. سونهن کنهن جو ڏاج کونهي، نہ وري ان کي خريد ڪري ٿو سگهجي. هيءَ ته ڏاتار جي ڏات آهي، جنهن تي عطا ٿئي هن کي ته مولي پاڪ واندو ٿي ويهي ناهيو هو. ننهن کان وٺي چوٿيءَ تائين سهڻي هئي. رنگ گورو ۽ اکيون ڪجليون هئس. جنهن ڏانهن سندس مرگهه نين نهاريندا هئا، تنهن کي بنا گهور گهائي وجهندا هئا. هيءَ بانهي ٿي نپني هئي. هن جو هڏ گنل هو. مطلب ته سيئين پرئين سدوري هئي. ڪٽڻ جي مائڻن ۾ هڪ نوجوان هو، تنهن جڏهين بيگم جي سونهن جي ساک پڌي، تڏهين اچي شوق کنيس انهيءَ چوکريءَ سان هادي ڪريان. هو غريب ماڻهو هو. چڙيو پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماٺهو هو. چڙيو پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندو هو. ماءُ ڪانسواءِ ڪوبہ اوهي واهي ڪونہ هوس. ماٽس نوجوان تہ ڪانہ هئي، پر اڃا ستر وٺري هئي، تنهن ڪي چيائين، تہ امان تون وڃي ڪٺ ڪان منهنجي لاءِ سنگ جي گهر ڪر. ماءُ چيو ها ابا آڻون وڃي ٿي حيلو ڪريان. رات جو هنن جون اهي رٿون پڪيون ٿيون، صبح جو سويل ئي هيءَ آٿي ڪٺ جي گهر رواني ٿي. ڪٺ هن ڪي پليڪار ڪري خبرون پڇيون. هن لهوارين اوپارين گالهين بعد گالهہ چوري. ڪٺ ڪي چيائين، تہ ادا پاڻ رت جگر آهيون، پنهنجا وڏا هڪ ٻئي سان گڏبا آيا آهن. هاڻ پاڻ بہ ڪٽي ڪير ڪنڊ ٿيون، تہ چگو. ڪٺ چيو، تہ مائي تند وڳي سر سمجهيوسون. جي لکيو هوندو، تہ ٽرندو ڪين. مائي چيو، تہ ادا تون مون سان وار وڃائيندين، تہ آڻون سڃي ڄمار تنهنجا گٺ گهائيندي رهنديس. توتي بہ بار پريو ٻيٽو آهي. انسان جي دم تي پروسو ڪونهي. آدم جو دم ڪنيو نہ ڪنئي جهڙو. جي پنهنجي هٿن سان نياڻيءَ کي سرهو ڪندين، تہ سڀڪو واه واه چوندو. ڪٺ چيو، هائو بروبر اها گالهہ تنهنجي سڃي آهي، پر هي عمر جو سودو آهي. هڪ ٽپي سان ڪوهہ م ڪربو، پر پوءِ هزار ڀل هٽبا، تہ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نکري نہ سگھيو. آئون بہ دل من پچان ۽ جن منهنجي نياڻيءَ کي نپائي هيڏو کيو آهي، اُنهن سان بہ گالهايان، پوءِ جيئن مولیٰ کي منظور هوندو، تيئن ٿيندو. آخر مائي اتي کڙي ٿي ۽ موٽي اچي پنهنجي ڪکن پيڙي ٿي. ڪٽ سچو ڏينهن سوچيندو رهيو. هيءُ آٽ پڙهيل هو، عقل سان ته ورهين کان ويڑ هوس، سو هن ۾ اهڙو سوچ ويچار جـو مادوئي ڪونہ هو. آخر شام جو ميان جي جي بنگلي تي آيو ۽ کيس خلاصو ويهي احوال سڻايائين. ميانجي چيو، ته ابا ترس آئون حويليءَ تي بہ گالهہ ڪريان، انهن جو بہ رايو ونان. ته اهي ڇا ٿا چون؟ سمهڻيءَ جو اندر حويليءَ تي پهتو ۽ پنهنجي گهر وارن سان سمورو احوال ڪيائين. انهن چيو، ته اها گالهہ چڱي آهي، پنهنجا پاڻ ۾ آهن ڪٽ کي بہ پي واه ڪهڙي آهي؟ ڏارين ۾ ڏينڊو تنهن کان اني چڱو اٿس. هنن جا اهي فيصلا ۽ گفتگو ٿيندي رهي ۽ بيگر ٻڌندي رهي، پر وات مان ڪجي کي بہ ڪين. هن کي حيا جي مهر لڳل هئي. البت دل ۾ چيائين، ته افسوس، هي ماڻهو ڪيڏا نہ ظالم آهن! هڪ گنگيءَ گانءَ کي ابتي ڪاتيءَ سان ڪهندي کو قياس ئي نہ ٿا ڪن! بس مون کان اڀرو بـــ نہ ٿـا پچن، ته آما ڀلا تنهن جو فلاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان پلئہ تا اڪاپون، تو کي تہ کو اعتراض ڪونهي.
آئون تہ وڏن جي گالهہ ڪان باهر ڪونہ ويندس.
ڪتي جي پٽيان لائي ڇڏيندا، تہ بہ هلي ويندس
پر هنن کي تہ ائين ڪرڻ مناسب ڪونهي. ماشاءالله
جيئن رب کي وڻي، تيئن ڀلي! آئون ڪنهن کي
چوان؟ ڏيءُ جو ناز هوندو آهي ماءُ تي، سا ويچاري
مون کي ڇڏيءَ جي چوري ڪري هلي ويئي، هاڻ
آئون ڪنهن سان سور سليان. پيءُ آهي هنن پوراڻن
جي پٽيان، سو ٻئي جي ٻڌندو ڏي ڪونہ. جتي هي
ٻيهاريندس، اتي ٻيهندو. هاڻ آئون رکان تي رب تي.
تحقيق جن انهيءَ مالڪ تي رکيو، تن جا ٻيڙا پار ٿيا.
اي سپاجها تون ٻاجهہ ڪجانءِ. تو کي جيڪا چگي
وڻي، سا ڪجانءِ. تون انسان لاءِ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ
خيرخواه آهين. تون ئي ڪريم ڪار ساز آهين. سير
مان اڪاري پار ڪرڻ وارو تون ئي آهين.

ٻئي ڏينهن صبح جو ميانجي ڪٽڻ کي سڏي چيو،
تہ آبا اسان جي راءِ آهي، تہ تون پل اتي وڃي گڏج.
ڪٽڻ چيو تہ سائين آئون مفت ۾ ڇو ڏيان، ڪجهہ
تہ عيوضو وٺان؟ ميان جي چيس، تہ اها تنهنجي مرضي.
هوڏانهن ٻن ڏينهن بعد مائيءَ کي پٽ اچي ٽپايو،
چي اما تون وري وڃ. پنهنجي ٿوري گڏه کي ٻہ
پيرين ٻڌبو آهي. سگ لاءِ ماڻهو ميڙيون منتون ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن، تو جي به ڪي پنڌ ڪيا، ته ڪهڙي ويڳي ڪاڪ
چٽبي! ساڻسي نيٺ هڪ ٿيڻهن ٻوڙي ڪيڻ جي ڪهڙ
ويئي. هن ڪي چياڻين، ته هلڻ ڪاڻي ٿيڻهن ڪمري ٿي
ويا آهن، تو پنهنجو دل سڻ پڇجو هيڪڙو هلڻ جا
ته ورندي ڏي. هن ڏٺو، آهي اها هڪ نياڻي جي
اها به گهر مان ويندي هلي، ته پوءِ آڻين نه ٿڪر
پور لاءِ به سورن ۽ پڇجي ويندس، ساڻي ٿڪر ڪاڪ
ٽين درن تي وتو منتون ڪندس، سو دل ۽ جهٽي
ته آڻون ڪوڏن جهڙي ٽينگر سٽ ڪيتي ڪيلاڻ سڻي ۽
ڪي چياڻين، ته تون به اڃا ننڍي آهين جي
تون مون ڪي ڪٽي پلاڻ ڏين، ته آڻون پهچي
جهوليءَ ڪي ڪٽي ٽنهنجي جهوليءَ ۽ ايلاڻ سڻي
گهاڻ پڏي پڏي ويئي. هن لاءِ هڪ ٽين ڪهاڻ ٻيا
ٽي پيئي، سا ڪچي ڪاند، سات سات ڪري هن ڪل
موڪلائي گهر رواني ٽي. پٽ ڪي اڄي ساڻ ڏهر
سلياڻين. پٽس ڪي ته وهر ڪيو ٻيٽو هن ٽهن ساڻ
ڪان پڇيو، ته اما پوءِ ٽنهنجي ڪيڻي راڻ آهي ۽
مائي چيو ته ابا منهنجي دل ڪي ته اها ڳاله ڏي
ڪانه ٽي.

مڙو ڪٽڻ مڙس ڪرياڻ ٽهن ڪاڻ وڃي ڪلي ۽
۽ نه ٽپو ڏيان! هي ماريو سوالي انڌي ٻڌ سڻجي
جي در تي ٽاپا ڪائي. هن سان پلاڻ ڪڪڻي آڻيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڻ کي دوزخ ۾ وجهان، تنهن مان ڪهڙو ڦائدو؟

پٽ چيس ته واه اما واه! اهي به مائرون هيون، جن پنهنجا سينا چيري، جگر هٿن سان ڪڍي پٽن کي ڏنا، ته وڃي معشوق اڳيان نذر رکو. تو کان ايترو به نٿو پڄي، جو ڪٽي هن سان نڪاح ڪرين. تو کي ڪس ڪهڙي ٿي لڳي؟ تو کان وڌين پيا پيا مڙس ڪيا، تو ڪيو، ته بس سندڪي لوڏو اڇي ويندو. شرع ۾ ڪو شرم آهي ڇا؟

مائي نيٺ پٽ اڳيان هار ڪاڌي. هن کي چيائين، ته ابا تنهنجي ڪري آئون وڃيو ٿي ڦاهو کان. ائين چئي پنهنجي هڪ عزيز وٽ ويئي. ان کي سرسٽو احوال ڪري ٻڌايائين ۽ چيائينس، ته تون ڪٽڻ وٽ وڃ ان کي چئو، ته تو جيڪو شرط وڌو آهي، سو اسان کي قبول آهي، هاڻ دير نه ڪر. هو همراه رات جو ميانجي جي بنگلي تي ويو. ڪٽڻ کي اتي گهرائي گالهيون ڪيائين. ڪٽڻ اقرار ڪيو. يڪدم مٺايون ورهايون ويون. بيگم کي خبر پئي، ته ڦاهي ڪچي۽ ۾ ٻڌجي ويئي، سا ويچاري دل ئي دل ۾ ارمان ڪرڻ لڳي.

انسان جڏهين جواني۽ جي منزل تي ايندو آهي، تڏهين هن کي هڪ ساٿي۽ جي تلاش ٿيندي آهي. مرد زال لاء تڙڦندو آهي، زال مرد لاء بي قرار رهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. چو ته هيءَ هڪ قدرتي امر آهي. هن ۾ ڪابه
قير قار ٿي نٿي سگهي. رب جبار هر هڪ جنس جا
جوڙا جوڙا ڪري پيدا ڪيا آهن. هن زندگيءَ جو
سفر بـه ڏاڍو ڏکيو آهي. منزل دور ۽ پنڌ اڻلنگو
آهي. اتي هڪ مسافر هوندو آهي، ته پيو هيڏانهن
هوڏانهن ٻڪندو آهي. پر جي بـه ٿي پوندا آهن،
تـه پوءِ کين ڏکيو سفر سکيو ۽ سهنجو ٿي پوندو
آهي. هر هڪ تڪليف ۾ هو هڪ ٻئي جا ڏک پائي
۽ هر هڪ غم ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي هوندا آهن. پر
اهو سڀ تڏهين ٿيندو آهي، جڏهين ٻئي مسافر هڪ
طبيعت جا هوندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي پسند پيل
هوندا آهن.

بيگم ويچاري بـه جڏهين وهي چڙهي، تڏهين
هن کي بـه اهائي تلاش رهي. هيءَ پنهنجي دل ۾
مڪڙ جون ماڙيون اڏڻ لڳي. هيءَ تصور ئي تصور
۾ ڪئين نقشا تيار ڪندي هئي. هن جون اميدون
اڳيان سجده ريز ٿيندیون هيون. هيءَ پاڻ کي رنگين
رنگين خوابن ۾ خوش ڪندي ايندي هئي. هيءَ
چوندي هئي، تـه هاڻ آئـون اهڙو جوڙ ٻوال هٿ
ڪنديس، جو منهنجي لاءِ جانباز ۽ جان نثار هوندو،
جنهن جو منهنجي دل ۾ ديرو هوندو، جنهن کي
ڏسڻ سـان منهنجون اکيون ٺـري پونديون، جنهن
تي مان ڏاڍي آب تاب سان حڪم هلائيندس، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي ناز برادري پنهنجي لاءِ سڀاگائي سمجهندو جنهن جي دل جي تخت تي ويهي آئون حڪمراني ڪندیس، جو مون کي پنهنجي پٽ راڻي سمجهندو، جنهن کي مون کان سواءِ گهڙي گهارڻ ورهيه نظر ايندي، جنهن لاءِ نور به آئون، تہ روشني به آئون؛ عاشق به آئون، تہ معشوق به آئون؛ وندر به آئون، تہ ورونهن به آئون. مطلب تہ هن جي دنيا ئي آئون هوندیس. پوءِ ڪڏهين ڪڏهين ڇاڻي واڻي آڏون هن سان رسي ويڻي رهندیس. هو پرچائيندو، آئون ڪانہ پرچندیس. هو مڙو ٽيندو، آئون ڪڙي ٽيندیس. هو سامهون ايندو، آئون پٺ ڏيندیس. هو نهارينڊو، آئون منهن موڙيندیس. پوءِ جڏهين ڏک ۾ پرجي پري ويهي ٽڏڙي ٽڏڙي آهہ پريندو، تڏهين آئون ٿهڪ ڏيئي وڃي متائس پاڻ ڇڏيندیس. هن جا پيار پريا هڏڙا جڏهين منهنجي جسم کي ڇهندا، تڏهين ڪيڏي تہ مون کي راحت اچي ويندي! آئون هن‌سان انگل آرا ڪندیس، ڪلندیس، ڪڏندیس، نچندیس ٽپندیس، گائيندیس وڃائيندیس، مطلب تہ زندگيءَ جي بهار جون سڀ موجون ماڻيندیس. جڏهين صبح جو پنهنجي ڪارو بار ڏانهن روانو ٿيندو، تڏهين هوندیس، تہ پيارا، هاڻ الله جا هٿ هوندءِ. وڃڻ بعد پاڻهن پرئي اڳيان پاڏائي دعا جا هٿ ڪٽيندیس، تہ اي مولي تنهنجا لک لک شڪرانا، جو تو مون کي هڏڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سلڇٽو ور عطا ڪيو، هادي سائين هاڻ تون هن تي هت ڏرجا ۽. شال هن ڪي ڪوسو واءُ نه لڳي! هن تان ايڏا پيڙا سپ لهي! دشمن دفع ۽ سڄڻ سامهان هجنس! سدائين نئون نمرو ۽ تازو توانو هجي! منهنجون اکيون هن جو مدو نه پسن! سدائين مشڪندڙ منهن سان گهر ۾ پير پائي!

وري جڏهين پاهران موتي هت ايندو، تڏهين بسم‌الله چئي اٿي هن جي آجيان ڪندس. ڪونرو پري هٽ منهن ڏئارينديس. ٽوال ڪٽي اڳيان رکيندس. بوٽ ڪٽي اگهنديس، ماني کارائينديس، پاڻي پيارينديس. مطلب ته هن ڪي هر چيز ڪٽ چڙهي حاضر ڪنديس. آئون ته پاڻڪي هن جي گولڙي ۽ ٻانهي سمجهنديس.

زر خريد جتن جي ٻانهي ٻانهوٽي
ٻئي ٻاروچي هٽ ۾، چڱن سر چوٽي
تنهين ڪي موٽي، ڇڏيو پب ڏٽي

اها هئي هن جي خيالن جي دنيا، جنهن ڪي ميانجي جهڙن مانگر مڇن ۽ ڪٽڻ جهڙن خرمغزن هڪ ئي ڏڪ سان اجڙ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. هڪ ئي لمحي ۾ ويران ۽ بيابان بنائي ڇڏيو. هڪ ئي وار سان تلف ۽ تاراج ڪري ڇڏيو.

اي رسم جا بوڃاريو! ڪيستائين او هين هڙ ڏون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گنگيون گانئيون رسومات جي ديوءَ اڳيان قربان ڪندا رهندؤ؟ ڇا اوهان جي مذهب ۾ انسانن جون بليون چاڙهڻ اڃا به جائز آهن؟ اوهان ڪان ته اهي جاهل عرب ڪٿين درجا مٿي هئا، جيڪي پنهنجي نياڻين کي جمندئي دفن ڪري ڇڏيندا هئا. ڇو ته انهن معصومن لاءِ ته هڪڙوئي عذاب هوندو هو ۽ پوءِ بس. پر هنن لاءِ ته حياتيءَ جو لمحو لمحو عذاب آهي، گهڙي گهڙي قيامت آهي، منٽ منٽ مصيبت آهي، پلڪ پلڪ ڪسڻ آهي. ڇا ڪنهن کي مڏيءَ ڪاتيءَ سان ڪهڻ مان اوهان کي مزو ٿو اچي؟ ڪنهن کي لڇندو ۽ ڦٽڪندو ڏسي اوهان کي خوشي ٿي ٿئي؟ ڪنهن جون تمنائون برباد ٿيندیون ڏسي اوهان کي آرام ٿو اچي؟ ڪنهن کي زنده قاهيءَ ۾ لٽڪندو ڏسي اوهانجي دل ٿي ٺري؟ ڪنهن کي پچندو پچرندو ڏسي اوهان کي مزو ٿو اچي؟ ڪنهن جي راتين جي مٺڙي نند کي ان کي بي آرام ڪرڻ مان اوهان کي سرور ٿو حاصل ٿئي؟ ڪنهن جي سسيءَ تي لت رکي ان کي چيچلائڻ مان اوهان کي فائدو ٿو پوي؟ آخر ڇا اوهان انسان آهيو يا درندا ڇا اوهان جو ڪم ئي آهي انسانن کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ؟ اي ظالمو هيئين واقعي مان سبق پرايو، جو سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

گاڏهه تا ڪن، ته وتايو فقير اگهيماڻين جي گوٺ ۾ رهندو هو. اتي جو وڏو زميندار اگهيماڻي هو، جو نهايت مڪي چوس هو. هڪ ڏينهن شام جو وڻس ڪچهري لڳي پيئي هئي. وتايو فقير به اتي ويٺو هو. تنهن کي ڪن ماڻهن چيو، ته فقير اسان ڏي آهي، تہ تون ڀٽي دفعا مري وري جيئرو ٿيو آهين، يا نہ. فقير چيو، ته پهريون اڳئين جهان جي ڪا خبر نہ پڏاءِ. فقير چيو، ته پهريون دفعو ته مون کي ملائڪن يڪدم پوئتي ورايو، باقي ٻي دفعي ويس، ته ڏٺم ته سڪل پادرن جو ديگ پيو پسي. بس منهنجو اتي رسڻ ۽ پادرن جي وار واران ٿيڻ. هڏي چني چڏياڻون. پوءِ مون کي چياڻون ته هاڻ موتي وڃ ۽ وڃي تنهنجي اگهيماڻي زميندار کي سلام ڏي. چئينس ته تون پل مال ميڙيندو گڏ ڪندو وڃ، خدا جي نالي تي نہ ڏي، باقي هت به رسڻ جي ويرم اٿئي. اهو سڄو ديگ تنهنجي متان چنبو. چون ٿا تہ انهيءَ ڏينهن کان وٺي اهو بخيل اهڙو تہ سخي ٿي پيو، جو اڄ تائين سندس نالو پيو گهائجي.

اي چند سڪن تي پنهنجي ايمان وڪڻڻ وارا، ڪجهه خدا کان ڊجو! هو اوهان کي ڏکوئو رسو ڏئي ٿو. هن جي ديگ در سان ٽپندي آهي. هن جي وٽ نهايت زبردست آهي. هن جي پڪڙ تمام خطرناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. جي هو ڏمريو، تہ هن جي ڪاوڙ ڪان ڪير بہ بچي نٿو سگهي. پوءِ پيو ڪوبہ در ڪونہ اٿو، جتي اوهين پناهہ وٺي سگهو. هن ڪان نہ اوهين لڪي سگهو ٿا، نہ پچي سگهو ٿا.

اي ظالمو، اوهين ظلم جي رسي کي ڊگهو نہ ڪريو! ڪجهہ قادر قهار ڪان ڪنبو. هنن معصومن جون آهون عرش کي بہ جنبش ۾ آڻيو ڇڏين. لوهار جي دڪان ۾ نہ ڏٺو اٿو، تہ مئل ٻڪريءَ جي ڪل لوهہ کي ٻسم ڪرايو ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان ٻيو

شادي يا بربادي

لکيو منجهه نراڻ قلم ڪيڙي نه وهي
پارئو وينو پار جيڪي لعلن لکيو لوح ۽
تقدير آڏو تدبير نه هلندي، لکيو هر حالت ۽
پرندي ترندو ڪين، ازل جي ڪاتب انسان جي قسمت
۽ جيئن قلم وهائي چڏيو آهي، تيئن ضرور ٿيندو. بيگم
ويچاري به هاڻ نئين دنيا کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي
رهي هئي. مگڻي ٽيڻ سان هن شاديءَ جي سنبت ڪئي.
گهڻي دير ڪانه ٿي، انهي ئي مهني جي پچاڙيءَ ۽
بيگم جي شادي ٿي گذري، هاڻ هو لعل هٿڙن سان لعل
ڪنوار پئي سڏي. هڪ حسن، ٻيو جواني، ٽيون گهر،
چوٽون نوان ڪپڙا، سيني ائين پئي ياڻيو، نه ڇڻ ڪا
جنت جي حور آسمان تان اڏامي اچي زمين تي واسو
ڪيو آهي. ڪجهه ڏينهن خير جا گذريا، هائي هيءَ
نئين گهر جي مالڪياڻي هئي. هن کي اتي پنهنجي
دنيا ناهڻي هئي، تنهنڪري هن هڪ وفادار سلاڇڻي عورت
وانگر پنهنجي ڪاندَ سان اهڙو قرب رکيو، جو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاهل بہ هن کي ڏاڍو پائڻ ۽ پيار ڪرڻ لڳو. سچ پچ
ٽڏو گھڙو پاڻيهي پاڻ کي چانو ۽ رکائيندو، سو هن
مرد جي دل تي پنهنجو سڪو جمائي ورتو. هي پاڻ ۽
کير ڪنڊ ٽي ويا. ڏاڍي مزي سان هنن جو وقت گذرندو
رهيو. هن کي نہ پنهنجي مڙس جي غربت جو غم هو،
نہ هن جي مسڪينيءَ تي ملول ٿيندي هئي. بلڪ هن
کي ڏکين ڏکين وقتن تي دڙ دلاسو ڪري هن جي
دل جوئي ڪري چڏيندي هئي. البت ڪڏهين ڪڏهين
پنهنجي منهن پنهنجي قسمت جي شڪايت ضرور ڪندي
هئي. هوڏانهن ڪٽڻ بہ مائيءَ سان نڪاح ڪري هن
کي پنهنجي گھر وٺي ويو، پر پهرينءَ رات ئي هڪ
پئي سان پريا ڏوٽياڻون. پوءِ جيڪو ڏينهن گذرندو ويو،
سو ڏينهن هنن جي ڪلفت ۽ واڌي ڏيندو ويو. آخر
هنن جي چٽاپٽي شروع ٿي. هنن جي ڪٽ ڦٽ تي
اوڙي پاڙي ۽ چوپچو ٿي. وڏڙين اڇي ٻنهي کي
سمجهايو، مگر هنن جي چوڻ هيڪاري هنن جي نفرت
جي باهہ تي گاسليٽ جو ڪم ڏنو. سڄ لهي، ته
جهيڙو شروع ٿئي، تانجو رات جو ڪچ حصو گذريو
وڃي. اهڙيءَ طرح پهر ڏيڍ تائين پاڻ ۽ جهگڙي هٽن،
پوءِ سيڪو منهن سڄايو پري پري وڃيو پوي. صبح
ٿي ته نہ مڙس کي زال جو منهن وڻي، نہ زال کي مرد
جي شڪل پسند اچي. آخر هي پاڻ ۽ جهڙا ڇاندیا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منگسي ٽي پيا. ڪٽڻ ڪٽو ٽي هن کي طلاق ڏني.
مائي موتي اچي پٽ وٽ ويئي. هاڻ هن جي اندر
۾ انتقام جي باهه شعلا هڻڻ لڳي، تنهن پٽ کي چورڻ
شروع ڪيو. چوندا آهن، ته ماڻهن چورئي ڪاٽ ڏي
پڇيو پون، سو هت ته ڏاريو ماڻهو ڪونه هو، پر هن
جي ماءُ هئي. تنهن جي چورت پٽ تي اثر ڪندي
ويئي. جي پڙهيل ۽ سياڻو هجي ها، ته ڪجهه ويچار
ڪري ها، پر هو جاهل ۽ نادان، سو ماءُ جي سٺ
تي سندرو ٻڌي بيهي رهيو. نه پنهنجي ننگ جو ننگ
پيس، نه لوڪ جي لڄا ماريس. چيائين ته آئون ٿو زال
کي طلاق ڏيان. بيگم ويچاري وائڙي ٿي ويئي، تنهن
هن کي پنهنجي منهن گهٽو ڪي سمجهايو، پر هن جي
دل تي جيڪو زهر چڙهيو هو، تنهن جو علاج هوءَ
ڪري نه سگهي. بيوس اڻن بار چڏيا آهن. هن ڏٺو، ته
هاڻ آئون هن اڻ گهڙئي ڪاٽ کي چا ڪري
سگهنديس. جيترو منٽون ڪندي سانس، اوترو شوخ ۽
شيطان ٿيندو، سا ويچاري مات کي منو سمجهي چپ
ڪري ويهي رهي. مڙس رات جو ميانجي وٽ ويو
۽ ان کي چيائين، ته آئون زال کي طلاق ٿو ڏيان.
هن چيس ته پوڪ تو کي ڪهڙي لڳي، جو ڇڏي
ڪونڊن جهڙي زال کي ڪيو ٿو چڏين؟ پلا هن
ڪهڙي ٻلي ماري آهي؟ چيائين ته سائين هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيءُ منهنجي ماءُ کي طلاق ڏني آهي، سو آڏون اهو ويڙ ٿو وڻان. آڏون هاڻ ڪنهن به قيمت تي هن کي نه وهاريندس. جهڙي هن ڪئي آهي، تهڙي آڏون به ڪندس. اڳرائي هن ڪئي آهي، تنهن جي پڻيان آڏون به ٿو ويڙ پاريان. ميانجي هن سان گهٽوئي مٺو هنيو، پر سان تي ڀڳئي. نيٺ هن ان ئي رات معتبر شاهدن جي روبرو بيگم کي ٽي پٽر ڏنا. هيءَ ويچاري جڳ ڪان بچڙي ٿي سياه داغ پاڻ تي هٽائي، وري اچي پيءُ جي گهر ويٺي. هن جي مڙس جي مائٽن جڏهين پڏو، ته هن بيگم کي طلاق ڏني، تڏهين ڏاڍا هٿ هنيائون. هن کي چيائون، ته قلندر جي مار پوئي، تو هڙو بچڙو ڪم ڇو ڪيو؟ تون ڪنهن مائٽ مٽ سان صلاح ته ڪرين ها. نيٺ هنن پنهنجو وڏو ميڙ گهرايو. ان ۾ فيصلو ڪيائون، ته بيگم کي اصل نه چڏبو. وڻو ته ڪٽڻ تي ميڙ ڪريون. نيٺ رات جو وڏو ڏنبلو ڪري اچي ڪٽڻ جي گهر پهتا. هن کان بيگم جي پاڻهن گهريائون. هن چيو، ته فيصلو ميانجي تي آهي، جيئن اهـو چوي، تيئن ڪندس. پوءِ ته سڀئي ميانجي جي بنگلي تي آيا ۽ اچي ڪيس خبرون پڌايائون. هن چيو ته ابا مون چوري کي گهڙو ئي سمجهايو، پر هو نه مڙيو. هن پنهنجي خوشيءَ سان طلاق ڏني آهي، ڪنهن ساڻس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زور ز بردستي کانهي ڪئي، تنهن ڪري هاڻ انهيءَ کي ڀانهن نه ملندي.

هٿ ويئي جو نڪو ويچ نڪو طبيب

سپ پوٽ ڦلها ڪري ٻاهر نڪتا. منجهن کي شريڙ هئا، تن چيو، ته لاڙ ۾ فلاڻو وڏيرو پنهنجو مائٽ آهي، هو وڏيءَ پهچ وارو آهي، هلو ته هلي انهيءَ کي دانهن ڏيون. هو مڙسن جو مڙس آهي، هيءَ لڇ جهڙي گهالهه آهي. هو اهان جي ضرور مدد ڪندو. ادا لڇ يولڙي کي بهه پياري آهي، اسين پنهنجي ڀانهن نهه چڏينداسون، هتي سرن جا سودا ٿيندا. ٻئي ڏينهن سج اپريو، هي اٿي پنڌ پيا ۽ وڃي وڏيري جي گهوٽ نڪتا. رات جو هنن ساڻس سڄي ماجرا بيان ڪئي ۽ هن کي ذات جا واسطا وڌائون؛ بس تير نشان تي پورو لڳو، هو يڪدم تيار ٿي ويو. ٻئي ڏينهن وڏي اٽالي سان سهي سنيري نڪتو. شام جو اچي ميانجي جي گهوٽ پهتا. سڏا ڪنڊ جي گهر هليا ويا. هنن دير ڪئي ڪانه، وڃڻ سان وڃي بيگم جي ڀانهن ۾ هٿ وڌائون. هن غريب هيڏو گوڙ ڏسي وڻي رڙيون ڪيون. اوڙي پاڙي جا ماڻهو اچي مڙيا، پر هنن وٽ هٿيار ڏسي هٿي بيهي رهيا. ميانجي ان وقت ٻاهر ويل هو، ان جي حويليءَ تي وڃي خبر ٻڌي. تن ماڻهن موڪليو، ته بيگم کي چڏائي هڪدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان ڏي موڪل. انهيءَ ڪم اچي هنن کي
ڏڪا تاب کيا ۽ چيو ته ميانجي جي حويليءَ تان
چيو اٿن، ته جي اوهين پانهن سان وڏيڪ دست اندازي
ڪندا، ته هاڻ خوبي نه رهندي. هنن پانهن مان ڪٽي
هٽ ڪيا. هن بيگم کي وٺي وڃي ميانجي
جي گهر ڇڏيو. وڏيرو ويچارو اتي ئي بيمار ٿي پيو.
ڪيس اڇي دست شروع ٿيا. تنهن ڏٺو، ته مار مون
هي ظلم ٿي ڪيو، تنهنجو نتيجو مولي پاڻ اتي
ئي مون کي ڏنو، سو اوڏيءَ مهل ئي واپس وريو ۽
ساري وات سور سهندو وڃي پنهنجي وطن رسيو. پئي
ڏينهن ميانجي آيو ۽ اڇي سموري خبر ٻڌايائين. ڪاوڙ
۾ ٿيس ۽ ڏڪ ۾ ٿيس، ته هنن بي حيائن هيڻن ڇو
ڪيو، پر پوءِ ڪجهه سوچي مات ۾ رهيو. هنن مان
ڪي ڪمينا اڇا ۾ سازشون سٽڻ لڳا، تن جي به خبر
ميانجي کي پوندي رهي. تنهن خيال ڪيو، ته هاڻ
اهڙو ڪم ڪريون، جو هي ملهالو سر تان بنه لهي
وڃي. سو پنهنجن سڃڻن سان ان باري ۾ صلاح ڪيائين.
سڀئي انهيءَ راءِ جا ٿيا، ته ڪٽڻ کي ڏيءُ سميت هٿي
هنڌ موڪلي ڇڏجي، ته پنهنجي سر تان گوڙ ئي لهي
وڃي. پوءِ ته انهيءَ ڏڙ چڙه ۾ پيا، ته هن کي ڪٿي
روانو ڪجي. نيٺ فيصلو ڪيائون ته هن کي راهوڪي
اداسي ڏي موڪلي ڇڏجي. اداسي هڪ نوجوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻيندار هو، جو راهوڪي اسٽيشن تعلقہ حيدرآباد لڳ
هنجي گـوٺ ۾ رهندڙ هـو. ميانجي جـو ساڻس
ڏيهي رشتو هـو، تنهن ڪٽنبءَ بيگم ڪـي پنهنجي
ڏاڍوءُ سان گڏي او ڏانهن روانو ڪيو. هي رات جو
ٿئو مئو ٿري، تہ گهوڻان پنڌ پيا. بيگم لاءِ هي هڪ
نا معلوم مڪان هـو. هن گي اها خبر ئي ڪانہ هئي،
ته اتي هلي منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو روماني داستان
شروع ٿيندو. هيءَ وچاري ڏاڍا گهٽ هئي، سا قسمت کي
ٿيندي وکون ڪٽندي رهي. منزل وڏي هئي، تنهن هن
کي چڪناچور ڪري ڇڏيو. پر هري ڏاڍي اگتي پوندي
رهي، ڪانئين نہ ڪيو يائين. ڏنائين تہ نہ هيءَ آرام جي گهڙي
آهي، نہ ويسانهين جو وقت آهي، هلبو ۽ هلبو، ويهبو نہ:

پنڌ نہ پنڌڻ جيترو، ڪيئن سڄندي ڪيہ
جيڪس ڪريان ريهہ، پر چوندا منڌ چري ٿي

هاڻ وري هن کي اچي خيال ٿيو، تہ ڏاڙئي ڏيس
۾ آڏون ڪهڙو منهن ڪٽي گهمندس؟ جيڪو ڪاوڙيو
سو چوندو پلا رڻ طلاق، هڪڙن جا جهگا جهڙ ڪري،
ڏري آئي آهي پين جا پنگا پينگ ڪرڻ. اهي او پالا
منهنجا تہ آنڊائي ساڙي ڇڏيندا. ٻـون کي تہ ڏٽيان
پاڻيان ڪيي ڇڏيندا. منهنجو هينئون لهي ويندو، دل
ٿي پوندي، آڏون زنده نہ پر مرده هوندس. جيئري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ہر مثل ھوندیس. ان وقت کھڙو ساڻي منھنجو ساڻ ڏيندو؟ کير اچي منھنجي دلجوئي ڪندو؟ کير اچي مون کي ڏڍ ڏيندو؟ کير اچي منھنجا لڙڪ اگھنڙو؟ ڪنھن کي مون تي ترس ايندو؟ ڪنھن جا مون سان گڏ گھوڙھا گڙندا؟ ڪنھن جون اکيون مون لاءِ تر ٿينديون؟ ڪنھن کي منھنجي ڇڪي ايندي؟ کير اچي منھنجو اجھو ٿيندو؟ ھت تہ ھڙئي ڏاڙ يا ھوندا.

نکو ڪيڇ ڀيپور نکو مائٽ منڊ جو

اھي او پرا آٽلو ويڙھندا. ڇٽل ڦٽن کي وري ڇڪائيندا ۽ ڇڪبل ڦٽن تي لوڻ پر ڪيندا. ھنن لاءِ سروان موت ملوڪان شڪار وارو معاملو ھوندو.

بس اھي ڀيجون گھڙون ڪندي اڳتي وڌندي رھي. ڀيڇ بہ ڀني، تہ ھنن اچي اداسيءَ جي اوطاق ٽي پير ڏاريا. ھڪ پنڊ جي ڀيڇ، ڀيو او جاڳڻي جر ڇوڪڙو، تنھن ھنن کي ڪيرائي وڌو. جنھن، جتي پاسو ڪوڙيو، اھو اتي بس ٿيو. ننڊ ھنن تي ڏاڪا ڏي چڙھي ويئي. سڄ ڪانو ڪن مٿي چڙھيو، تہ اداسي بہ گھراڻ نکري ٻاھر ٿيو. ڪٽڻ وارن جي بہ اک ڪلي. ھي سڀ ھڪ ٻئي سان ملاقي ٿيا. اداسي ڪٽڻ کي چيو، تہ چاچا تون کو فڪر نہ ڪر، ھت بي پرواھ ٿيو ويٺو رھجانءِ. ھت تنھنجي وار جو نالو بہ کو ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وئندو. بيگم کي هڪدم اندر گهر ڏي موڪليو ويو.
هوءَ ويچاري منهن پکو ڪري اندر ويئي. اتي
سيني هن کي ڪيڪار يو. گڇ مهل کان پوءِ اداسي اندر
آيو، تنهن گهر وارن ماڻهن کي هنن نو وارد مهمانن جي
سفارش ڪئي. داين ۽ پاڻهين کي به تاکيد ڪيائين،
ته ڏسو متان مسافرن مار ڪريو. هنن پرديسين جي
هر طرح پارت اٿو. چند روزن بعد ڪٽڻ لاءِ هڪ ڇپر
چاڙهيائين ۽ ان جي پاهران لوڙهي جي پناه ڏيارئين
تنهن بعد هن کي چيائين، ته چاچا هاڻ وڃي پنهنجي منهن
مهاڙ رهو. ڪٽڻ ڇيو ته سائين تو اسان تي هٿين ڇانئون
ڪري ڇڏيون. اسان کي ته ملهه وٽي ڇڏيئي. هاڻ اپرو
سپرو پنهنجو جهگڙو ٽي پيو. ڏاڍي بهاري ٽي ويئي.
پوءِ بيگم کي وٽي وڃي پنهنجي گهرڙي کي وسايائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان ڏيون

محبت جو تير

لوري جت لڳوم ، ات اپو ئي آهيان
سورهيه پرين سندوم ، مان پاجهائي پيو هٽي

سياڻا چوندا آهن ، ته محبت انڌي ٿيندي آهي .
اها کيبي نه آهي ، پر ٿي ويندي آهي . پيار پيسن
سان نه وکامندو آهي . محبت ملهه سان خريد نه
ٿيندي آهي . پريم پدمن سان به هٿ نه ايندو آهي .
پيار جي پرک پيار سان ئي ٿيندي آهي . دلين جو
گنڍ جڙ بي اختيار ٿي ويندو آهي . محبت مٿي کان
مٿو شربت به آهي ، ته قاتل کان قاتل زهر به . هڪڙا
چاش چکي سيراب ٿيا ، ته پيا وهم پي وڃڻ کي ويا .
هڪڙن محبت تي فتح پاتي ، ته پين ان اڳيان شڪست
کاڌي . هڪڙن کي سڪندي سال ٿي ويا ، ته پين
کي منٿن ۽ محبوب مليا . هر دل محبت جي تلاش ۾
هوندي آهي . سڀڪو انهيءَ سڪ جو سڪايل آهي .
هر ڪنهن کي انهيءَ جي طلب هوندي آهي . انهيءَ
پريم جي پيالي مان ڏڪ پرڻ لاءِ سڀئي پياسي هوندا
آهن . انهيءَ سڪ جي شراب پيئڻ لاءِ هڙئي حيران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوندا آهن. انهيءَ محبت جي منڊ مان سرڪ ڦِرڻ لاءِ مڙيئي مستان هوندا آهن. انهيءَ قرب جي ڪستي مان ورڇ وڃڻ لاءِ ڪٿين قربان ٿيندا آهن. انهيءَ درد جي درياءَ مان آڃ اُجهائڻ لاءِ اڪثر آتا هوندا آهن. انهيءَ برهه جي ٻاغ مان ٻهاري وڃڻ لاءِ سوين شيدائي هوندا آهن. مرحوم نبي بخش لغاري پنهنجي ڪتاب سسئي پنهون ۾ هڪ هنڌ فرمايو آهي:

جيڪو هي درجهان مخلوق جايا
ڏٺم هرڪو قري سڪ دا سڪايا

بيگم به هاڻ انهيءَ پيار جي خريدار جي گولا ۾ هئي، جو هن جي پيار کي پيار سان جواب ڏئي. هن جي ديد سان ديد ملائي ۽ هن جي دل، دل سان ڇڪي. هيءَ گهر ۾ تن تنها ويٺي هوندي هئي. هن جو پيءُ پره سان پاروٽو ٽڪر ڪائي پورهئي تي پرندو هو ۽ پوءِ هيءَ اڪيلي گهرو ڪم ڪار لاهي ويهي پور پچائيندي هئي. نه حال پائي، نه سور ساڻي، ڪنهن سان اندر اوري؟

حال پائي هلي ويا ڪنهن سان سور سليان
پايو وتان پيٺ ۾، جانب ڪاڻ جلان
جي ٿي سور سليان، تہ جبل سڀ جلي وڃي
هاڻ هن جا پيلي ڏک هئا، جن کي پلئه وجهو
ويٺي ساڻن اوريندي هئي ۽ کين چوندي هئي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سورم وڃجا، سڄڻ جيئن سانگ ويا
پرين پڇاڙ، آڏون اوهان سين اوريان

اوڙي پڙي جون عورتون اڪثر وٽس ايندڙيون هيون ۽ اڇي هن سان چار چار ڪنديون هيون. هيءَ انهي سان وهسي وقت گذاريندي هئي، پر هن جي اندر کي آرام نه ايندو هو. ڪلندي هئي، پر اٿيو. ٿڪ ڏيندي هئي، پر زوري. اندر مان اڏا ڏيئي خوشيءَ جي ڪل نڪري، سا بنهه نه. اڪيلائيءَ ۾ جڏهن هيءَ اداس ٿيندي هئي. تڏهن اٿي هيڏانهن هوڏانهن لوهون ڏيندي هئي. ڪم هجي يا نه هجي، رڌڻي مان وڃيو اڳڻ ۾ ويندي هئي، ته اڳڻ مان ٽيو ڇپر ۾ ويندي هئي، مطلب ته بي آرامي کي تڙڻ لاءِ اهوئي وٽس علاج هو. ڪنهن ڪنهن وقت اڇي پيءَ تي ڇوهه ڇنڊيندي هئي. چوندي هئي، ته وئي وهاڻي پٽي پاڻ کي اڇي باه لڳي. مئي کي پيريءَ ۾ به پڙ ڪٽ نه ڇڏيو. جي ڪٽ ڪڇيءَ ۾ نه وڃي ها، ته ڇو هي ڏينهن ڏسڻا پون ها؟ وري جي اڇو منهن ڪيو هئائين، ته لائو لنجهو وقت نباهي ها. پر هن کي پاڻ وٽ آڻي پوءِ ويٺو آهي پوڻي تاڻائڻ. اهو ڪو مناسب هو؟ پلا ڪهڙا اڻ ڏٺا آر هن هڇاري ڪيا هئا، جي هن کان پورا نه ٿي ٿيا؟ ڪهڙيون هن کان سونيون ساهون ٿي گهريائين؟ ڪهڙن مال ملبدن لاءِ فرمائشون ٿي ڪيائين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاڙن ريشمي وگن جان ٽي حڪم ڪيائينس؟ هونهئين ماريو منجهي پيو. نہ پورهيو پڄيس، نہ گارهيو. ڏنائسن تہ مون کان ٽيندو سڪو ان بہ ڪونہ. اينڈو ڪارپٽ کي ڏينگهر ؛ سو ڪيائين منهن. نڪر ڏکر تي پٿر پٿر تي هٽي وڻايئين پوڙهيءَ کي گس. پوءِ تہ هن کي بہ اچي باه ڪنيو. نيٺ تيسين هن جي آتش نہ اجهاڻي جيسين منهنجو لاهہ نہ ڪيڏائين. بلي بلي!! انسان ڪيڏو نہ قهار آهي. جذبات جي طوفان ۾ اچيو ڪيڏا نہ ڪلور ٿو ڪري! هن بہ جيري خاطر پکري ڪٽي. پيءُ جي آئيءَ ۾ ڏيءُ کي آندائين. هائو هائو!! ڪرن ماوان لوڙن ڏيوان! عجيب تماشو آهي! مون هن رن جو ڪهڙو ڏڻ ٻڌو؟ مون هن سان ڪيئن ڦٽايو؟ مون ڪهڙي هن جي لوڙهي تي لت ڏني؟ مون هن جي ڪهڙي بلي ماري؟ مون هن جو ڪهڙو گناه ڪيو؟ آخر منهنجو ڏوه ڪهڙو؟ بس گهوڙا ڙي گهوڙا. چو؟ چي هونهئين. ائي ڪڙ گول شل قبر کي باه لڳنديئي! مون مسڪين کي ناحق رڙ ۾ رلايئي. وٺ پوئي، جي تون زال ٽين ها، تہ ڪيئن مڙس تو کان پري ٽئي ها؟ تنهنجا پير ڪونہ چمي ها؟ تنهنجو ٻانهو نہ ٽئي ها؟ تنهنجي تہ نڪ ۾ نوڙي هجس ها. زال جيڪڏهين صحيح معني ۾ زال آهي، تہ مرد ان کان ڪنهڙ بہ صورت ۾ پري ٽي نٺو سگهي. هوءَ هن جي حال پاياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. هن جي پانهي به آهي، ته راڻي به. ڪنهن وقت ڪنڌ بنجيو داڻپو ٻيٽي ڪندي، ته ڪنهن وقت ڪٽ چڙهيو راڻي بنجيو مڙس حڪم ٻڌي هلائيندي. هوءَ مرد کي رنج ٽيڙ جو سبب ڇو ٿي ڏئي؟ مڙس کي ڦوڪنجڻ جو وجهه ڇو ٿو ملي؟ پل هو اڙولا هلي، جي ابتبون ڏائي، پر هوءَ اتان ٻئي ايندي، جو هن جون سڀ ڪڙهون بند هونديون. پلا ڪيڏهين گڏهه هوندي، ته ٻوءَ رات ڏينهن مڙس سونڊين جي هوندي لوهه گارين جو وسڪارو.

پر انهن پنهي ڪان وڌيڪ مون کي ته ساڻ آهن منهنجي مڙس تي. عقل جي ڏيوالي نه سوچيو، نه سمجهيو، هن پوڙهي کل جي چوڻ تي جهلي چوٽ ڪان ڪيڏائين مون کي باهر. نه ڏوهه نه گناهه، نه گالهه نه پولهه. مڙا شل قيام ڪياري ٽينئي، قبر ۾ ڪيڙا پونئي ڪجهه ته سوچين ها! منهنجي به پڌين ته ها! آئون گالهه ڪريان، ته پڌي ئي نه. چڙ ڪنهن ڪنن ۾ شيهو پلٽي چڏيو هوس. نانگن کاڌا مون ڏس توسان ڪهڙا پير ڪنيو؟ آئون ته جهڙي تنهنجي ماهه خريد پانهي هوندي هيس. جي تون پوڏ چوندو هئين، ته آئون هميشه جيءُ چوندي هيس. تنهنجو منهن سڏائين سوٽو پيو هوندو هو، پر مون ڪڏهين پاڻ لکايو؟ تو جهڙي دو دستي جت سان مون اهڙو پيڄي گذاريو، جو ڪا زال نه گذاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سگھندي. منھنجا آرا تو نہ کنيا، پر مون تنھنجا انگل کنيا. بک ڏک جي بہ مون کڏھين شکايت ڪئي؟ چولي کي چٽيون ھٽي وقت گذاريم. پر ڪنھن کي ڪونہ چيم، تہ آئون ليڙون پئي لڙکايان. ست منھن سڏائين تنھنجي ساراہ ڪيم. جيڏين سرتين ڪئين، دفعا منجھہ ڪيو، پر منجھہ نہ ڏنو مان. چوڪ چنڊا تو منھنجو قدر نہ ڪيو. ڪري ڏاربي آھي تہ بہ ان کي، ائين ڪن ڪان وٽي ٻاھر نہ ڪيي چڏبو آھي. ماريا بوز تو منھنجو بز جيترو بہ مان نہ رکيو. ھوندين تہ ھاڻي تون بہ خوش! چپنيدين ۽ چاسون لھندين!!

آ الله سائين چا تنھنجي دنيا آھي ئي انھن کيسن سان پريل! آئون تہ ڀانيان ٿي، تہ مون جھڙيون ڪئين ويچاريون کيھون ڪنديون ھونديون! چا انھن نياڻين نماڻين جو ڪو نياء ڪرڻ وارو آھي يا آھي ئي ڪونہ؟ چا ھڙئي مرد اھڙا بيوفا ۽ ظالم ھوندا آھن؟ نہ نہ، ائين ڪيئن ھوندو! پنجئي آڱريون برابر ڪونھن. ھڪ ول جي پٺن ۾ ڏي فرق ٿي پوندو آھي، سو کي قدر وارا بہ ھوندا. تحقيق ھيري جو ڪلھہ بہ اھو پر ڪيندو، جو ھيري کي سچ ٽندو ھوندو، پر جي اھو ڪنھن اوڏ جي ور چڙھيو، تہ گڏھہ جي ڪچيءَ جي ڪاڻيءَ ۾ پڏي چڏيندس. مون کي بہ مائٽن ڪٽي ھڪ انڌي جي ڀڻيان لاتو، تنھن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪي اکيون ڪٿان آيون، جو مون کي سڃاڻي ها. افسوس صد افسوس! مون ڪنهن طرفان ڪونہ پرائيو.

نہ مون ناڻاٽڻان ڪٽيو، نہ مون ڏاڏاٽڻان
پرين جي پاران، مون سان وڏائي وڙ ٽيا

نہ ساهرا سڃڻ ٽيا، نہ پيڪن ڏنو پيار
نيٺ جو نادان هو، سو پوري ٽيو پتار
چني سگ سيئين پرئين، ڏريائي ٽيو ڏار
صاحب رب ستار، سواي ڪج سچا ڏٺي

اهڙيءَ طرح هن ڏکيءَ جا ڏينهن پيا ڪٽيا هئا. ڏهو چئن مهنن بعد هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٽيو، جنهن بيگم جي زندگيءَ جو هڪ نئون باب کوليو. پره باک ڪنئي هئي، پکي پنهنجي بي زباني زبان سان مڙيون پوليون پولي رهيا هئا، ڏڏڙي ڏڏڙي هير هينئون سڏيو ڪري رهي هئي، وٽن ۾ پنن جا سنها سنها سرڙاٽ ٽي رهيا هئا، اوڏيءَ مهل بيگم اٽي دستور موجب دلا ڪٽي نل تان پرڻ ويئي. اداسي بہ انهيءَ ڏينهن علي‌الفجر باهر نڪتي، سو اچي هن جي پرسان ماڻائو ٽيو. پنهي بي گمانو هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. بس نظرن ملڻ سان ئي نهوڙجي ويا. ڪين خبر نہ پئي، تہ اسان سان ڇا ڇا ٽي ويو! هاڻ تہ عشق جي چٽنگ چولي پئجي ويئي. برهہ جي ٻر شينهن جو چنبو ڪين لڳي ريو. گهائو هڏي

سڏن گهٽ ۾ گهاءُ ڪري وڌو. هي مڙو مڙو درد محسوس ڪرڻ لڳا. ان وقت زبانون پنهي جون بند هيون، مگر دلين هڪ ٻئي سان اٽيئي قول قرار ڪري ورتا، اداسيءَ جا تہ آٽيئي پير جمي ويا. محبت جي ميخن ڪيس سوگهو ڪري ڇڏيو.

اٽيئي آهين جتي اوهان ڇڏيون
اکيون عبداللطيف چوي، ماگ نہ متائين
ٻئي ڏي نهارين، تہ ڪيڙي ڪانگن کي ڏيان

بيگم عورت هئي، تنهن تي حياءُ جو پردو غالب هو، سا ڪنڌ هيٺ ڪري دلا پرڻ لڳي ۽ ٻن ڏن سنتن ۾ ڏٻائي ورتائين. پوءِ تہ سينهو مٽي تي رکي هڪڙو گهڙو ڪٽي ان تي رکيائين ۽ ٻيو رکيائين چيلهہ تي وڃڻ وقت هڪڙي ترڇي نگاهہ اداسي ڏي ڪري رمندي رهي.

سوڙهي گهٽي سپرين، گنگا ٽسي گڏيا
ڏنيل هٿا فراق جا، ڪچي ڪين سگهيا
نهوڙيندا ويا، نہ ماڻا نيٺ ڪٽيو

سڏس گهر سامهون هو، جڏهن ٻاهريون در مٽي اندر ٽي، تڏهن ڪڙيون ڪڙيون وڪون ڪٽڻ لڳي. هن جو خيال سڃوئي پوئٽي ڇڪيل هو، تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيٺ مٿي جو ڪو پتوڙي ڪونہ ٿي ڏيس. اوچتو سندس پير وڇڙي ويو ۽ گهڙن سان وڃي ڦهڪو ڪيائين. ٻئي دلا ڇهون ڇهون ٿي ويا. يڪدم ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙي ٿي ۽ ٻيهي ڪاڙ لڳي. ڪڙڪي تي ڪنڌ جي ٻه اک ڪلي، سو دلا ٻگل ڏسي اچي ٻڌ ۾ ٻيو. هيڪاري زياده بخيلي هن کي انهيءَ ڪري ويئي، جو بيگم کي ارمان ڪرڻ جي بجاءِ ڪلندو ڏڏائين. نيٺ چمائينس ڇوري کڻي اندر ورتو اٿئي؟ هڪڙو ڪرين زيان، ٻيو وري ٻيهي ڪلين! هاڻي سگهي ٿي، ٽڪر پور پڇائي وٺ تہ ڏيون ڪا ٻک کي چاڙ هيءَ وڌي ويئي، ڪڪ ڪاڇر مڙي پوريل ٽاندو ڪولي وڃي ان تي رکيائين، تہ اچي دود ڏيو. پوءِ تہ پکي جا ٻہ ٿي جهلڪا منڊائس ڏڏائين، تہ جاڳتو ٻري ٻيو ۽ هيءَ وڃي رڌ پڇاءِ کي لڳي.

هوڏانهن اداسي ۾ آهستي آهستي ٽلندو وڃي بنگلي ٻيڙو ٽيو. نينهن جي ناوڪ هن جي جگر مان پار اڪري ويئي. برهہ جي بان جو نيشان ٿي ويو. عشق جي تير بي پير هن کي چير وڇهي ڇڏيا. قرب جي ڪمان سندي ڪان جو مهمان ٿي ويو. هيءَ خود حيران هو، تہ هي چا ٿي ويو! اهائي ساڳي بيگم هئي، جيڪا ٻہ ٿي مهينا لاڳيتا منهنجي گهر ۾ ويٺي هئي، ٻہ

کڈهين ڀلجي ٻه .ڏهنجي دل هن کي نه چاهيو. اڄ خبر نه آهي، ته کهڙو سامري وارو قبضو پڙهائين، جو نهارڻ سان جهنجي ويس. هيءُ انهن خيالن ۾ مست ۽ مدهوش هو، ته اوچتو ڪمدار اچي سلام ورايو. اداسي هن کان احوال پڇيو. هن چيو، ته فلاڻيون فلاڻيون شيون گهرجن، جي شهر مان ايندينون، مهرباني ڪري وڃو ۽ اڄ ئي وڃي اچو. اداسي چيو، ته چڱو چڱي ڪنڌ کي وڃي آءُ، ته ڪيس حيدرآباد وڃي وڃان. هيءُ ويو، سو ڪنڌ کي سڏي آيو. اداسي ان کي چيو، ته چاچا، شهر کي آهي، مون سان گڏجي هل، ته لاهي اچون. ڪنڌ ٻاڌهون ٻڌي چيو، حاضر سائين رکي گهڙي کن ڇڏيو، ته ٽڪر پور ۾ پيٽ ۾ وجهي سڀ ڀي اچان اداسي چيو، ته چڱو آڻون ٻه ٽو تيار ٽيان، تون ٻه سگهو اڄ ته هلون. هو سڏو گهر ويو. بيگم کي چوائين ته اسا مانڻ ڏي، ته ڪائي شهر وڃان. بيگم اٿي هن کي مانڻ ڏني. هي ڪائي پي ٻاڻ ڏي سنبري اچي بنگلي تي ويٺو. ٿوري وقفي بعد اداسي ٻه اچي منهن ڪيو. ۽ پئي گڏجي شهر روانا ٿيا. جڏهين اتي پهتا، تڏهين ضروري ڪم ڪار لاهي وڃي هوٽل ۾ ويٺا. هوٽل تمام شاندار هئي. بجليءَ جا پنکا ڦري رهيا هئا. نوڪرن جا طرح طرح جا آواز پئي آيا. ماڻهن جو هجوم تمام گهڻو هو. ڪي کايا پيئا ۾ مست هئا، ته ڪي گپ شپ

ھر مشغول، پر اڃان سڀني گاڙهين اداسيءَ جو ڏيان نہ
ڇڪايو. هنن کنڊ کي خوب کارايو پياريو، مگر پاڻ
پاڻيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ کاڌائين ۽ مٽي جي سڙ
جو ڀاڪو ڪري ساڻ ڪري ويهي رهيو. هن جو جسم
حيدرآباد ۾ هو، مگر روح راهوڪيءَ جي نزديڪ سير
ڪري رهيو هو. هن لاءِ سڀ ڪائڻ پيئڻ ڪارا ٿي پيا،
هن چاهيو ٿي تہ هينئر ئي واپس ورن، مگر کنڊ ڪيس
منع ڪئي هئي. چيائينس تہ سائين ڏينهن تتل آهي،
کاڻءَ جي اک پٽي نڪري، زمين ڏامڻي هنيو ٻيٽي
آهي، ڇڙي ڏينهن ۾ نڪرون، تہ وڃي وڇون. جي
جهولي جي جهڙپ اچي وڃي، تہ پوءِ طبيبن جا در
پڇايون. ڏينهن آڇاپي تہ پوءِ تا نڪرون. پلا اوهان
کي ٽڪر ڪهڙي آهي؟ اداسي وڌيڪ ڪچي نہ ٿي
سگهيو. دل جو راز دل ۾ ٿي سانڊيٽو هوس، هتي تہ هن
کي ٻاڦ ٻ ٻاهر ڪيڏي ڪاهي. اندر جو اندر ۾
پٽي ڇپائين، تہ جيڪر مونکي هينئر پڪيءَ وارا پر ٿي
پون. تہ اڏامي وڃي محبوب جي مڪان ٽي لهان! هن
لاءِ اهي چند گهڙيون ڏاڍيون ڏکيون ٿي ٻيون. نہ
وقت ڪٽي، نہ جند ڇٽي. آخر ڏينهن ڏريو ۽ هي موٽي
اچي ماگهين ٻڌا. هاڻ هن کي ڏينهن رات سڃڻ جي
تات هجي، پر ٻي وائي نہ وات هجي. اٽئي
ويٺي يار جي تار هجي، پر ٻي ڪار نہ هجي. هي هاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر ين لاءِ پاڻ پچائي رهيو هو. هن جي اندر ۾ آگ جا الا ٻئي ٻريا. عشق جي آزار کان اڳ بالڪل بي خبر هو، پر هاڻ پتو پيس، ته:

عشق جيري واري جر، جنهن کي لڳي تنهن کي خبر.

هن کي ته هاڻ جهجڻ ۽ جهوري پلئه پئجي ويا. هن جون نگاهون هر وقت ڪنهن جي تلاش ۾ هونديون هيون. هن جي دل بي قرار هوندي هئي. هن کي نه ستي سک هو، نه ويٺي آرام. هن کي اهو معلوم ٿي نه هو، ته اڳلي کي ڪا منهنجي سڌ آهي يا نه؟

ادا قاصد قريبن کي اسان جي ڪا خبر يا نه؟

هتي سورن وڏو ساڙي اتي آهي اثر يا نه؟

هن ائين ٻئي سمجهيو، ته بيگم کي ڪنهن واءِ جي خبر ڪانهي، مگر هوڏانهن ته پنهٻ پري چڪا هئا. ڇيون آسمان تائين پهچي چڪيون هيون. قدرتي قانون آهي.

يار جني کي ياد سي ياد همشه يار کي.

جي پتنگ پاڻ پچائي رهيو هو، ته شمع به پاڻ گاري رهي هئي. چي اچايل پاڻيءَ جي جستجو ڪري رهيو هو، ته پاڻي به اچايل جو پيرو ڪٽي رهيو هو.

بيگم به ويهي ويهي نل جي نظرن تي گهٽ ڪندي هئي. چوندي هئي، ته چا اداسيءَ کي به ڪنهن جي اداس هوندي؟ وري سڄي سائين کي سوال ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي، ته خدايا! جي منهنجي آس ۽ اداسيءَ جي اداس پنهي کي هڪ منزل تي ملائين، ته کڻڻو نه مزو ٿئي!

هن تي خيالن جون چولبون هڪڙيون لهنديون هيون ته پيون چڙهنديون هون. ڪنهن وقت ويچاريءَ کي اچي اها گهٽي وڪوڙيندي هئي، ته اسين مسڪين مارو ماڻهو، اداسي هڪ زميندار، اهو ميل ڪيئن ٿيندو؟ غريب ۽ شاهوڪار هڪ پياليءَ ۾ ڪيئن ڪائيندا؟ سکيءَ ۽ بکو گڏ ڪيئن گذاريندا؟ ونهيو ۽ ولهو ڪيئن هڪ پئي سان قرب ڪندا؟ سچي ۽ شاهوڪار جي سنگت ڪيئن نهندي؟ مير ۽ مارو جو ڪيئن ميلاپ ٿيندو؟ رئيس ۽ پانهو ڪيئن ڪٺ تي وهندا؟ امير ۽ غريب جي دوستي ڪيئن نهندي؟ دنيادار ۽ مسڪين کي هميشه بچڑين نگاهن سان ڏسندا آهن. هنن کي ملڪيت جو نشو اهڙو خمار چاڑهي چڏيندو آهي، جو اکيون ئي پوريون پيون هونديون اٿن. هو اکين هوندي انڌا هوندا آهن. هوش هوندي مدهوش ٿيندا آهن. هنن جو دين به پئسو، ۽ ايمان به پئسو. دوست به پئسو ۽ يار به پئسو هو هميشه پنهنجي هٿ ۾ پيا چڇندا آهن. وڏائي کان ڪنڌ ۾ ڏي ور هوندا اٿن. آکڑ جو انڌ چڑهيل هوندو اٿن ۽ ڦوندي ۾ پيا ڦاٽندا آهن.

ووي ڪيس خيال ايندو هو، تـــه ڏ، اداسي اهڙن گهرن مان ڪونهي. جي هن جي دل مون سان ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڃي، تہ اها ڪا اڻ ٽٽي نہ آهي. محبت اُوچ ۽ نيچ کي نہ ڏسندي آهي. هن ۾ ذات ڪذات جو فرق نہ هوندو آهي. هن ۾ محلات ۽ جهوپڙي ٻئي هڪ هوندا آهن.

اهڙيءَ طرح هيءَ عشق جي ڪوري ۾ پاڻ پچائي رهي هئي ۽ برهہ جي باهہ جو پارڻ بنجي چڪي هئي. هن کي اهو تہ خواب خيال بہ ڪونہ هو، تہ ڪو اداسي بہ مون لاءِ آتو آهي. هن جون راتيون ۽ ڏينهن غمن ۽ گوندرن ۾ گذرندا رهيا ۽ ڳٽتين جو ڳارانجهو ڪيس ڳاريندو رهيو.

مٿي منجهان مينهن، پسو پاڻيءَ جيئن وهي
مون پانيوئي نينهن، ۾ ڇيون ڇيري سنديون.

سج لهي سانجهي ٿيندي هئي، پکي پنهنجي واهيرن ۾ واسو ڪندا هئا، رات ڪاري ڏاڙهٽ بنجي بيگم جي هيانو ڦاڙڻ لاءِ اچي منهن ڪيندي هئي، اوڏي مهل هيءَ چنل ڪنوڙي تي وڃي پاسو ڪوڙيندي هئي. پوءِ هن جي وندر ۽ ورونهن تارن سان ٽيندي هئي. ننڊ تہ هن کان مورڳو موڪلائي چڪي هئي، تنهن ڪري تارن سان اوريندي وڃي سج اپاريندي هئي.

نيٺ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکين
اڇاميو ٻرن، تو ڪي ساريو سڀرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن ڪنهن وقت وري پنهنجي غربت تي افسوس ڪندي هئي. ڇو ته ڪنوارپڻ ۾ وڏين جي واتان غريبيءَ جي ڏاڍي گلا پڏي هئائين. هو چوندڙيون هيون، ته امان غربت هڪ لعنت آهي. غربت کي دنيا ۾ رهڻ جو ڪو حق ئي ڪونهي. غريبيءَ ۾ هزارين عيب آهن. غريب جي زندگي موت جي زندگي آهي. هو جيڪي ڏينهن جهان ۾ جيئرو آهي، سي رڳو سورن سهڻ لاءِ آهي. هن کي ڪٽنبن جو ڪارانجهو ڪاريو ماريو چڏي. مسڪين لاءِ هيءَ دنيا دوزخ آهي. اڻ هوند سپ کان گهوري. ڏينهن ٽيندو هو، ته وري هن کي جهوري لڳندي هئي دلبر جي ديدار جي. هاڻ هن جون اکيون راهون تڪيندڙيون رهيون. هن جي أڃ ته أڇامڻ جي ئي ڪانه هئي، تاهم پيارل کي پسي پياس کي ڪجهه نه ڪجهه گهٽائيندي هئي.

هڪ ڏينهن هيءَ ڪٽولي تي ليٽي پئي هئي، هن کي پرين جا پور ستائيندا رهيا، خاموش ئي خاموش لڙڪن جون لارون وهائيندي رهي.

اڄ پٽ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريان
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نه ڪن
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺيئي نه لهي.

اوڏيءَ مهل مائي لعل اچي پهتي. هوءَ اداسيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي باڏهين مان هڪ هئي. وڏي چمار جي هئي، تنهن
ڪري وڏي نظر واري هئي. پنهنجي پرائي تي ساه
ڇڏيندي هئي. هن پردهسين جي به اويل سويل اچي
سڌ سماءُ لهندي هئي ۽ بيگم سان قصا ڪٿيندي هئي.
انهيءَ ڏينهن به هن کي اندر واري چيو، ته اڄ بيگم
جي سار لهي اڄ. سو ويچاري چار پير پري اچي نڪتي.
بيگم ته پرينءَ جي پور ۾ پئي هئي، تنهن کي پتوڙي
ڪونه هو، ته ڪا پهر گهر ۾ اچي نڪتي آهي. سا
پنهنجي منهن تڏيون تڏيون آهون پري رهي هئي. اوچتو
سندس زبان مان آواز نڪتو "آداسي، پيارا آداسي!!"
اهو آواز مائي لعل جي ڪنن تي پيو، تنهن يڪدم
سهي ڪري ورتو. ڏنائين ته ويچاري وئي ته وڃي آهي،
پر مور ڪهو آپي کان باهر نه نڪري، سو متان ٻيهي
چيائينس، ته اما آهي ته خير؟ تنهنجا ويري خوش نه
آهن ڇا؟ بيگم چرڪ پري اٿي مائي لعل کي ڪيڪاريو.
پوءِ چيائينس، ته ماسي سپوئي خير آهي. زماني جون
گهٽيون آهن، سو پي پنهنجي منهن پور پچايم. مائي لعل
چيس، ته اما ڏاهي ٿي، مون کي نه سيکار. آئون اهي
ورق اڳيئي اٽلايو ويني آهيان. مون کي ٻار سمجهيو
اٿئي ڇا؟ تو کي ته نينهن جو نيش پڏرو ئي پڏرڻ لڳو
پيو آهي، تون مون سان ڇو پئي نمان نمان ڪرين.
ٻين سان ته هون هون، پر مون سان نه هون هون.
بيگم سياڻي هئي، تنهن ڏٺو ته ماسي لعل کي پتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سمورو پڄي ويو. هاڻ جي هن سان لڳ ڪنديس، تہ گـالهه ٺهندي ڪانہ، تنهنڪري چونہ هن سان اندر اوريان. سو چيائينس تہ ماسي تون وڏي آهين، مون کي ماڻڻ سمان آهين، زماني جا سڀ دفتر اٿلايو ويٺي آهين، تو کان ڪوڙ ڪهڙا آهن. آئون برابر ورتل آهيان. نينهن جي نانگ اهڙو تہ نيش هڻي چڏيو آهي، جو چڙهڻ کان وڏي آهيان. ڪو ماڏو هجي تہ منڊ پڙهي انهيءَ زهر کي منڊي.

مائي لعل چيس تہ اما تون چري نہ ٿي. پاڻ جهل انهيءَ اونهي ۾ پير نہ پاءِ، نہ تہ اهو اهڙو اوڙاهہ آهي، جو جيڪو منجهس ويو، سو وزيو ڪونہ. اها برهہ جي باهہ ڏاڍي بري آهي. لڳي تہ ملڪ لوهي چڏيندي. تو جهڙيون سوين مري ڪپي ويون، هڏو بہ ڪونہ بچين تون پاڻ بچاءِ. دل کي قابو ۾ رک. مئي اهـا راهہ ڏاڍي ڏکي اٿئي. ڪٽين انهن رندن ۾ رڙي مري ويون آهن. اهي پيچرا ڪنڊن سان پر ٽيا پيا آهن، پير رکڻ جي بہ جاءِ ڪانهي.

بيگم چيو، تہ ماسي سچ ٿي چوين. پر آئون چا ڪريان. ٻيوس اٽن بار چڏيا آهن. نہ پاڻ پلي ٿي سگهان، نہ پرينءَ تائين پهچي ٿي سگهان. نہ دل منهنجي هٿ ۾ آهي، نہ دلبر هٿ ٿو اچي. نہ هينئون هيرائي سگهان ٿي، نہ حبيب ملي سگهي ٿو. نہ محبوب وساري سگهان ٿي، نہ محبوب جو وصال ٿو نصيب ٿئي. مون لاءِ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاسا گورا ٿي پيا آهن. باهم ۽ پاڻيءَ جي وچ ۾ آهيان.
اڪٿي باهم ٿي سازيم، پٿي پاڻي ٿو ٻوڙيم. اڳيان آتش
جا آلا پيا برن، پٺيان بحر بي پايان پيو وهي.

مائي لعل چيس، تہ اسا ڏيان ڪر، ڪاريءَ تي
ٿو پير پوئي. هينئر وقت اٿئي، جو پاڻ بچائي سگهين
ٿي، نہ تہ پوءِ ڪوبہ تو کي ڪناري ڪري نٿو سگهي.
تون پرديسياڻي آهين، هت نہ اٿي ڏڻي، نہ سائين، لاش
بہ رلي ويندئي.

بيگم چيو، تہ ماسي ٻيرن ٿي چڙهيو، تہ سيلهن ير
ڪهڙو ڏڃو؟ آڪرين ۾ مٿا وڃهيا، تہ مهرين ير ڇا
ڏڃو؟ درياءَ ۾ گهڙبو، تہ ٻڏڻ جو ڪهڙو خوف ڪيو؟
بيچ ۾ گهڙبو، تہ ڇپ ير ڇا ڪنبو؟ باهم ۾ ٽپو ڏيو،
تہ ساهم جو ڪهڙو سانگو ڪيو؟ اوڙاهم ۾ پاڻ اڇلائيو،
تہ سيڻاهم ڇا پڇائيبي؟

مائي لعل چيس، تہ اسا تون اڃا ٻار آهين،
تنهنجن واڃن مان ڪير ٻڌو وهي. تو هن کي ٻاراڻي
راند سمجهيو آهي ڇا؟ چوري هيءَ اڪ جي ماکي
ڪانهي، جا لاهي وڌندينءَ؟ هتي سرن جا سودا ٿيندا
آهن، هي وهم جون وڏيون پيڙيون آهن، هتي مائٽ
مٽ وساريا، خلق جي خواري سر تي کڻبي، گرمي
سردي سهبي، مطلب تہ موت تائين لڙائي ڏيبي. تون
اڃا ڪچي آهين، پڪل پيڙل نہ آهين، نہ ڪوري ڪانيو
اٿئي، تہ باهم پڇايو اٿئي، ڇڪ، نہ تہ هيءَ ڇپيٽ ڇپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڏيندڙ ٿي.

بيگم وراڻيو تہ ماسي حياڻي آهي، جا هيڪ سان هجي، انهيءَ کان سواءِ زندگي زهر آهي، جيئڻ جنجال آهي، حياتي وبال آهي. منهنجي اندر ۾ آندڙ ماندڙ لڳي پيئي آهي. انهيءَ ۾ ٿوري گهڻي ماڻار تڏهين ٿي اچي، جڏهين اداسيءَ کي اکيون پري کان پسن ٿيون. جيءَ ۾ جانب جي جهوري لڳي پيئي آهي. من ۾ محبوب لاءِ سڪ متو پيو آهي. دل ۾ دلبر جو ديرو ٿي ويو آهي. منهنجي تار تار يار جي گفتار لاءِ ماندي آهي. رگ رگ مان پرين جي پسڻ جو آواز ٻڌڻ ڪري. سنڊ سنڊ سڃڻ لاءِ ساز بنجي چ-و آهي. اکڙين جي خوراڪ ئي پرين جو پسڻ آهي.

وسڻ ۽ وهسڻ، ڏهاڙي ڏسڻ لاءِ،
ڏسي ڏسي آئيون، توهه ٽلاشون ڪن،
ڏايون نہ ڏاپن، منجهان پسڻ پرينءَ جي.

آءٌ جيئن جيئن يار جي ياد دل تان لاهيان ٿي، تيئن تيئن تازي ٿئي ٿي، جيئن جيئن وساريڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي، تيئن تيئن نينهن نئون ٿئي ٿو، نہ ڪو حال پائي، نہ سور ساڻي، ڪنهن سان اندر اوريان؟ ڪنهن اڳيان چپ چوريان؟ منهنجو سينو تہ چيري ڏس. منهنجي متڑي ماسي! نہ سڙيءَ کي ساڙ، نہ ٻريل کي ٻار. نہ وڍيءَ کي وڍ، نہ چيريل کي چير. مئيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کي مار نہ، پر جڏيءَ کي جيار. وار نہ ڪر، پر وار وڃاءِ. ڇڪ نہ ڏي، پر پٿون ڪر. ڪارون نہ ڪراءِ، پر دارون ٿي. درد نہ وڌاءِ، پر دوا بڃ. پرائي نہ ٿي، پر پنهنجي ٿي. پري نہ ڇڄ، پر ويجهي ٿي. وهم جي چڪي نہ ڏي، پر پڪي ڪر. منهنجي تن جو طبيب ٿي، حبيب هيڪاندو ڪراءِ. ٻيو منهنجو نہ مائٽ آهي، نہ مٽ آهي، نہ واهہ آهي، نہ وسيلو آهي، الله ئي الله، خير صلاح.

بيگم ائين چئي هڪ سرد آهہ پري ڪڍي چپ ڪئي، پر هن جون اکيون سانوڻ جي ڪري جيان وسڻ لڳيون.

وسڻ اکڙين جيئن، جي هوند، سکڻين منهن
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندنئون نہ ڪرين

مائي لعل جي دل تي هن جي انهيءَ حالت ايڏو تہ اثر ڪيو، جو هوءَ خود بت بنجي ويئي. هن جي دل پرجي آئي. حواب ڏنائينس، تہ اما مون چاهيو ٿي؛ تہ تون انهيءَ بحر مان بچي وڃين ۽ اهو لوڏو جهلي وڃين تہ چڱو؛ چو تہ؛ رئندين ڏٺيون مون ان در مٿي دادلين. مون ۾ زماني ۾ گهٽئي کي ڏٺو آهي. اسين ۾ پرٽين نہ آهين. تہ چاچي گهٽن جون ٽين آهين. پر تون جڏهن وس کان ٻاهر نڪري ويئي آهين؛ تہ هاڻ منهنجون سڀ همدردين توسان آهن. آئون تنهنجي لاءِ جوگ بنجي مرليون وڄائيندس؛ فقيراڻي بنجي بکيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنندیس ۽ تیسین آرام نہ ڪندیس، جیسین تنھنجي من جي مراد پوري ٿیندي.

بیگم اٹي ھن جي پرن تي ڪري پیئي. چیائینس تہ ماسي اھي تون پنھنجا ٻال پلائیندیں، پیو منھنجي عیبن ڈي نہ ڈسجانءِ. پوءِ تہ مائي لعل ھن کي گراٹڙي پائي ھن کان موڪلائي واپس رواني ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان چوٽون

يار جي تار

کي جو کيڏانهين، اکيون پسي آئيون
تائين تيڏانهين، ملڻ لئي محبوب جي

کي جو کنهين پار، اکيون پسي آئيون
ٽيون ديوانيون دوست لئي، اپر لڳين آر
تهان ٻوءِ قرار، ستيون کين سيد چوي

قدرت جو قانون اٽل آهي، ان ۾ ڪابہ قيرقار ٿي
ي سگهي. سڄ اڀري ٿو ۽ لهي ٿو، رات ٿئي ٿي ۽
را نڪرن تا، باهم ساڙي ٿي ۽ برف ناري ٿي، آدمي
ٿي ٿو ۽ ٻوءِ مري ٿو، زمين ٿي اوڙ اپرن ٿا ۽
ائون لڳن ٽيون، مطلب تہ اهي سڀ گهالهيون اهڙيون
هن، جن ۾ ڪابہ مٽ ست اچي نٿي سگهي. چقمق
وهہ کي ڇڪي ٿو، اهو بہ هڪ فطرتي امر آهي.
ڙيءِ طرح هڪ دل ٻيءِ دل کي ڪشش ڪري ٿي.
نهن جو گاڏيءَ ٻنا تند تار ٿي وڃي ٿو. هت بہ ساڳيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مثال بنيو. بيگم جي ڪشش اداسيءَ کي بہ چڪي ورتو. هن سان بہ ڪاري واري لڳي ويئي. ڪي بہ نہ آڇيس. اٿي وهي منجي ويس. ڪاڌ خوراڪون وسري ويس. اونڌي منجي اچي ويس. پوءِ تہ پنهنجي منهن پيو پڇندو ۽ پڇرندو هو، پر ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍندو هو. اندر جي ديگ اندر ۾ پئي ٿهڪندي هئي. هڪڙو سيلاني فقير هن جو دوست هو، جنهن جو نالو علي نواز ۽ تخلص ناز هو. هو ڪجهہ ڏينهن هن سان ڪچهريون ڪري وري شبل شڪار تي روانو ٿي ويندو هو. اهو هڪڙي ڏينهن اوچتو اچي نڪتو. ڏينهن اڏ رهيو، پر اداسي جي طبيعت هن ڪي نہ وٺي. هو تہ سياڻو هو، ملڪ گهميو ويٺو هو. تنهن سهي ڪيو، تہ دال ۾ مڙيئي ڪالا آهي. هڪ رات اڪيلائيءَ ۾ اداسيءَ کي چيائين تہ سائين آئون سمجهان ٿو، تہ اوهين شهباز جي چنبي ۾ اچي ويا آهيو. پر هاڻ مون کي پڌايو، تہ اهو شڪاري ڪهڙو آهي، جنهن هي بحري اوهان تي بچيو آهي؟

اداسي چيو، تہ فقير ڇڏ انهي بي پير کي، ڪهڙا ٿو دردن جا داستان ڪولائين؟

فقير چيو، تہ سائين آئون زماني ڪان اوهان جو غلام آهيان. اوهان ٻاڻ ٻلائي مون کي عزت ڏني. منهنجون سڀ مرضيون رکيون. مونکي پنهنجو رازدار ڪيو. مون

سانُ هر ڏک سگ اوريو. اڄ هي کهڙي ٿئين ڳالهه
آهي، جا مون کان راز جي پردي ۾ رکي ٿي وڃي؟
اداسي ڇيو، ته ادا آئون ٿو چاهيان، ته تون بـ
مون سان سورن ۾ شريڪ ٿين. مون کي منهنجي حال
تي ڇڏي ڏي. تون ڇو ٿو ڇٽل جند قاسائين؟ هي ڏک
منهنجي نصيبين پيا آهن، سي آئون ئي لوڙيندس.
سکن واري سڌ، متان کا مون سين ڪري
اندر جنهين اڌ ڏونگر سي ڏورينديون

ڏنا جي ڏاتار، سي مون جهولي پائي جهليا.
منهنجي تقدير مون کي قاسايو، آئون ڪنهن کي
ڏوهه نٿو ڏيان.

لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙي نه وهي
پارئو ويٺو پار، جيڪي لعلن لکيو لوح ۾
فقير ڇيو، ته ادا دوستي جو دم هڻي ڏاڍو ڏکيو
آهي. رت ڏيڻ وارا مجنان ٿورا آهن، پر ڪٽي کائڻ
وارا مجنان گهٽا آهن. ڏک پائي ٿورا سک پائي گهٽا
آهن. گهر ويٺي سڀڪو پيو سنگ سنوان ڪندو، پر مرد
اهو جو مهل ۾ ڪم اچي. سک ۾ تـ سڀڪو ساڻي
هوندو آهي، پر ڏکن ۾ ڪو ڏهيسر ڪم ايندو آهي.
مرد ۽ نامرد جي اتي ڪل پوندي آهي. ڪچي ۽
پڪي دوست جي انهي۽ مهل پرک وٺبي آهي. تون
منهنجو امتحان ٿو وٺين پيلي آزماءِ، پر مهرباني ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي پنهنجي اندر جي آزار کان واقف ڪري. اداسي هاڻ مجبور ٿي پيو. ڪيس نالي تي نينهن لڳڻ جو سمورو احوال سڌايائين.

فقير چيس ته ادا مون ته اڳيئي سمجهيو هو، ته اهو ببر شينهن جو چنبو لڳو آهي، جنهن هڻي مناس هڏن تان روڙي ورتو آهي، نه ته بي توکي کهڙي گهٽتي ٿيندي؟ هاڻ فڪر نه ڪر، دل وڏي ڪر، سڀ سهنج ٿي پوندا.

گهڙيا سي چڙهيا ايهين اٿيئي

اهڙين گالهين ۾ دل نه لاهبي آهي، جيڏو الله تيڏو آسرو، صبر کان ڪم وٺ، پڙائي پار ٿي ويندا.

اداسي چيو، ادا آڏون صبر ڪريان سو ڪيئن ڪريان؟ توکي خبر نه آهي، ته عشق جنهن جاءِ تي خيمان کوڙيندو آهي، اتان عقل ۽ صبر اوڏيءَ مهل ئي الهواهي ڪندا آهن. آڏون ته هاڻ مجني مثل آهيان. منهنجي سر مان سڄڻ جي سودا ته وڃي ئي نٿي. منهنجو اندر انهن جي اوطاق بنجي چڪو آهي.

جڏهانڪر ٿيام، سا ماڃاءِ سپرين سين
تڏهانڪر تر جيترو، ويل نه وسريام
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري

آڏون ته سپني ۾ به سڄڻ جي صورت پيو پسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فقير چيو، تہ ادا جنهن ميدان ۾ ٽو پير پاتو آهي، سو نهايت پوائتو آهي. انهيءَ ۾ تو کي سوين مشڪلاتون منهن ڏيندیون، پنهنجا پراوا ٿيندا، دوست دشمن ٿيندا، يار اغيار بنها، سچ ويسري ٿيندا، عزيزن جو اختلاف شروع ٿيندو، انهن سيني سان تو کي سامهون ٽيڙو پوندو.

اداسي چيو، تہ فقير سائين آڏون پنهنجي انـدر ۾ عهد ڪري چڪو آهيان، تہ بيگم سان ڪنهن به قيمت تي شادي ڪندس. جي مون سان زماني سات ڏنو تـہ واه واه، ورنہ زماني سان ڪرهم لڙندس. مون کي نـہ منڻ جي پرواه آهي، نـہ ماڻڻ جي، منهنجو عزيز اهو آهي، جو مون سان پانهن پيلي ٿيندو؛ منهنجي هٿ ۾ هٿ ملائيندو ۽ مون سان همدردي ڪندو، باقي هن وقت جنهن مون کان منهن موڙيو، سو منهنجوئي نہ آهي.

فقير چيو، تہ منهنجا پيارا سائين دنيا جو تو کي ڪوبہ تجربو نہ آهي. زماني جا ماڻهو هميشہ ڦٽوڻيءَ ۾ هوندا آهن ۽ ڪنهن جي سچيءَ ۾ نہ هوندا آهن. هو ڪن به بن دلين کي ملڻ نـہ ڏيندا آهن. هنن کي مشڪندڙ منهن نہ وٺندو آهي، پر رئندڙ اکيون پسند ايندیون آهن. ڪنهن کي وهسندو ڏسندا، تہ پيا ڪپندا ۽ ڪجندا، پر جي گوڙها گاڙيندو ڏٺائون، تہ پڏا ٿهڪ ڏيندا وتندا. تنهنجا مائٽ تہ ورڻ وڏيرا شاهي ۾ ورنا پيا آهن، هو اهو ڪيئن برداشت ڪندا، تہ هڪ ڏٽ ڪاڪ ڏوٽياڻي اسان سان گڏ اچي ڪٽن تي وهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسي ڇيو ٿو ادا نہ ڪو محبت ڪرڻ گناہ آهي، نہ غريبن سان مٺي ڪرڻ ڏوه آهي. اسلام تہ وڏ نندائي جو ڪو فرق ئي ڪونهي رکيو، پوءِ ڇو اسين پاڻ کي مٿيرو سمجهون؟ هي اسان جا پنهنجا بت بنايل آهن، سو آئون اهي بت ڀڃندس، اهي ڪفر جا قلعا ٽوڙيندس، انهن رسومات جي ديون جا سر قلم ڪندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان پنجون

عشق جا آلاڻا

مون کي جياريو، پرين جي گالهه ڪري
ڏنو اڄ اڏيو، هينڊرو ڪوٽ برج جيئن

سانوڻ جو مهينو هو. سارو آسمان لڱهن سان لٽيل هو، هوا خاموش هئي. سيني کي پکا هٿن ۾ هئا، اداسي اکيلوئي اکيلو گهر ويٺو هو. مائي لعل ۽ وجهه وٽي اچي هن وٽ ويٺي. اول ته هتان هتان جون خبرون ڪيائين ۽ قصا ڪٽيائين؛ پر پوءِ نيٺ آئي پنهنجي مقصد تي. اداسي کي چيائين ته ابا اڄ آئون تو وٽ هڪ خاص خبر ڪٽي آئي آهيان؛ چئين ته ٻڌاياءِ. اداسي چيس مائي پلي ٻڌاءِ. هن چيس ته بيگم ويچاري تنهنجي قرب ۾ ڪسي ويئي آهي. هن کان کي کين ٿو اڇهي.

نڻون نينهن لڱوس، ڳري ۽ گالهيون ڪري
اوريندي ارٿ سين؛ پنهل ياد پيوس
ٻهو پٽ ڪروس، هو هٿ هوڏانهين رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي ويچاريءَ ڏاڍيون منتون ڪيون آهن. اول اول مون ته گهڻو ئي سمجهايس، پر ڏٺم ته نه، سمجهڻ کان گهالهه وڏي ٿي ويئي آهي؛ قصو واهگرو کان مٿي چڙهي ويو آهي. هوءَ ته محبت جي بيمار بنجي چڪي آهي. ان جي ڪي ٽنهنجي هٿ آهي. جي تون دوا ڪندين ته واهه؛ نه ته ويچاري برهه جي باهه ۾ جلي جلي پسم ٿي ويندي. اداسي چپ ڪري ويٺي پٽو. هن کي هاڻ پرو پيو، ته مار! مون کان وڌيڪ ته هت لڳل آهي. سو مائي لعل کي چيائين؛ ته مائي محبت همیشه بنهي طرفين پيدا ٿيندي آهي. تون سمجهين ٿي؛ ته رگهو هت پارڻ برپل آهي؛ پر ائين نه آهي؛ هت به ڏاڍا پيا نڪرن. مائي لعل چيو؛ ته ابا هن ويچاريءَ کي ڪهڙي خبر؟ هن جي خيال ۾ ته اداسيءَ کي پٽو ڪونهي.

اداسي چيو؛ ته مائي آئون وري پنهنجي دل ۾ سوچيو ويٺو هوس؛ ته رگهو منهنجي اندر ۾ مچ برپل آهي؛ هت اڇا ڪجهه به ڪونهي. انهيءَ ڪري ڪنهن سان به بڙڪ باهر نه ڪيي اٿم. پلا ڇيم ته اسان کي جن نه ڪن؛ ادي جن کي عشق ڪٽي انڌو ڪيو؛ وارو معاملو هجي؛ ته پوءِ رگهو خواري سر تي کڻي پوندي. پر نه هاڻ ٽڪرانا؛ ڪم سڻاوا آهن. باقي بيون رندڪون پونديون انهن کي رسي وڃجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مائي لعل چيو، تہ ابا پلا آئون هن کي چا وڃي چوان؟ اداسي چيو، تہ مائي تون کيس ڏڻ دلاسو ڪر. مون تہ پنهنجي دل ۾ پرن کيو آهي، تہ آئون ساڻس شادي ڪندس، باقي رهي گهاڻهہ تہ آئون پنهنجن مائٽن کي انهيءَ گهاڻهہ تي آڻيان، سو هاڻي ٿو انهيءَ گهاڻهہ جي پٽيان لڳان. خدا گهريو آهي، تہ سڀ سڌايون ٿيندیون.

مائي لعل چيو، تہ ابا ميان بيبي راضي، تہ ڪوه ڪري قاضي. اوهان ٻئي هڪ ٻئي ۾ خوش آهيو، تہ پوءِ پيا چا ڪندا؟ سيڪو جڪ هڻي مات ڪري ويهي رهندو. ائين چئي هن کان موڪلائي سڌو بيگم جي گهر آئي. ان وقت هوءَ ويچاري اڪيلي ئي اڪيلي آپ ۾ آگم ڏسي اڪڙين مان جرجال وهائي رهي هئي.

تحقيق ورن کان وڇڙيل جهڙ ڏسي جهجي پوندیون آهن. شاه صاحب به اهڙو نظارو هن ريت چٽيو آهي:

ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو، جهڙ پسو جهجن
ور ريءَ واندين اڏيا، پکا سي ۾ پسن
وارث وري تن، اچي شال اولو ڪري

پوءِ تہ بيگم ءِ مائي لعل جي گفتگو شروع ٿي. مائي لعل چيس، اما تو کي مبارڪ هجي. تون تہ وڏ پاڳي آهين. تو کان وڏيڪ تہ اداسي تولاءِ آڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بيگم اهي لفظ ٻڌي بهاري ٿي ويئي. مائي لعل ک
چيائين، ته ماسي تنهنجو وات گلاب، شال اها محبت
پائدار هجي! وڏن ماڻهن وارو چندن جو ڇڪو نه هجي
مائي لعل چيس، ته اما آئون اداسيءَ کي چگيءَ طر
سيجاڻان ٿي. هو جنهن گهاڙهه تي بيهي رهندو آهي
تنهن تي پکو پختو ٿي بيهندو آهي. هو تڙ
کندو آهي، سمجهي سوچي پوءِ سپ گهاڙهه ۾ هن
وجهندو آهي.

بيگم چيو، ته ماسي پلا هاڻ مون سان ملاقا
ڪرائينس. مائي لعل چيو، ته اما چگو سپاڻي صبح ج
توسان اچي ملندو. ائين چئي هن کان موڪلائي ورن
اداسي سان اچي احوال ڪيائين. جنهن چيس، ته چگ
سپاڻي صبح جو آئون وٽس ويندس. پئي ڏينهن خي
جو سج اپريو. ڪٽڻ پاروٽو ٽڪر ڪائي ڪم تي روان
ٿيو. بيگم گهر جي ڪم ڪار کي منٽ ڪري ورن
هاڻ گلابي ڪپڙا پائي گلاب جو گل بنجي اگڻ ج
ڪٽ ٽي انتظار ۾ ويهي رهي، ته ڪڏهين ٿو اداس
اچي. هوڏانهن اداسي رات جو خواب لڏو. جنهن
ڏٺائين ته بيگم آئي آهي ۽ ڪافي عرصو هن سان ويه
ڪچهري ڪئي اٿس. جاڳڻ تي هن کي هيڪاري ح
وڏي، سو باقي رات پاسا ورائيندي گذاريائين. ص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿيل ني سجاڳ ٿي سندو هن جي گهر جو رخ ڪيائين
هوءَ اڳيئي اوسيڙي ۾ هئي، سا استقبال لاءِ اٿي ڪڙي
ٿي بيهي رهي. هونئن ته ڀهي جي دلين ۾ گهاليين جا
ڪي انبار پريل هئا، پر هن وقت زبانون منڊجي وين-
جو جتي سڻ تتي بت بنجي بيهي رهيو. شاه صاحب
فرمايو آهي:

چيتاري چونڊياس، گهاليون ڪي سچڻين
جو منهن مقابل ٿياس، تان سپ ويون وسري

بيگم جي اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ وهڻ لڳا.
اداسي وري جو گوڙها گڙندا ڏٺا، سو ارمان ۾ اچي
ويو، ته خبر نه آهي، ته هن کي ڪهڙو ڏک ٿيو، جنهن
کان هنجون پئي هاري، تنهن بيگم کي چيو، ته محبوب
جو تنهنجن چشمن مان موتي جاري ٿيا آهن؟

بيگم وڏي اداسيءَ جي هٿن تي محبت جي مهر
هڻي بانهون ٻڌي چيو، ته منهنجا سرتاج اهو بيحد
خوشيءَ جو نتيجو آهي. جو ته اڇوڪو ڏينهن منهنجي
زندگيءَ ۾ نهايت سڀورو ۽ سڳورو آهي. آئون هن
ڏي ڏينهن جا تصور ڪندي هيس. قدرت منهنجي
جهوني مراد پوري ڪئي. تو تي مون نماڻيءَ کي
نوازي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گند جني جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ
اني جي اوطاق، راجـــا ريجهي آئيو.

آئون تنهنجي پانهين جي پاڻهي ٻه ٽئي سونهان، پر تو پنهنجا پال پلايا. تو پنهنجا لائق ڪيا. تو پنهنجو پاڻ سڃاتو. هاڻ ٻه منهنجي هيڻي ذات ڏي نه ڏسجاءِ. وڙائنا هميشه وڙ ڪندا آهن.

آئون جيهيائي ذات، تون پاڻ سڃاڻج سپرين
مون ۾ اپار عيب آهن. منهنجيون گهٽتايون ڏسي، مون تان پنهنجي مهر جو هٿ نه کڻجاءِ. مون اڌر ٻڌر جو آڌار ٿجاءِ.

آئون نماڻي نڪڻي، دمج تون دلدار
منهنجا حاڪم سائين! آئون اڳيئي ڏکيل آهيان. امي ڦٽ اڇا نه ڇڻا آهن. ڏسين متان منهنجو پيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪيين. پيار ڏيئي، پوءِ ڌار نه ڪجان. محبت ڏيئي پوءِ مهڻ نه منجان. دل ڦري پوءِ در تان نه ڏکجاءِ. آئون اوچ آهيان يا نيچ، چگي آهيان يا مدي، سهڻي آهيان يا ڪوجهي، جهڙي آهيان، تهڙي تنهنجي آهيان، تنهنجي پناري پئي آهيان؛ تنهنجي دامن لڳي آهيان.

اداسي ڇيو؛ پياري هاڻ تون منهنجي دل جي ملڪه ٻڌجي ڇڪيين. هاڻ زمين آسمان هڪ ٿي ويندا منهنجي ٻولي پي نه ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪئي سا رهي، پولي ياروچن سين

منهنجو ارادو اٽل آهي. منهنجي ڳالهه پٿر تي ليڪو سمجهجانءِ البت مون کي مشڪلاتون گهٽيون ئي منهن ڏينديون. سماج جا ابا ساندي وانگر ڦوڪجي هڪ طرف ڪڙا ٿيندا، ته عزيزن جو جهيڙو ٻئي پاسي شروع ٿيندو، گهر ۾ ممڻ ٽئين پاسي مچندو، تنهن يار اغيار چوٽين پاسي نصيحتون ڏيندا. مطلب ته هيڪر آئون طوفاني حملن جي وچ ۾ وکوڙجي ويندس. چوپاسا ملاکاتيار جي منهن وانگر پون پون ڪري ڦري ايندا. پر انشاءالله سيني سان سامهون ٿيندس. مون کي انهن جي پرواهه نه آهي. آئون ڏندين ڏاند آهيان. هائو ڪري ڪائي مون کي به ڪونه ويندا. پنهنجي نڪان ساهه ٽو ڪٽان. ڪنهن جي ڪڙئي تي ڪونه ويٺو آهيان ڪو ٽوڪي ڪونه ٽو رسائيم.

بيگم چيو، ته پيارا سائين منهنجي زندگيءَ جو سهارو ون ئي آهين. مون کي رڙ واهي نه ڪجانءِ. لائڻي ٽوڙ نباهڻي. آڏون پرديسياڻي آهيان. منهنجو خيال ڪجانءِ. هت الله کان سواءِ ڪوبه اوهي واهي ڪونه م. سپ پراوا آهن.

دلبر سائين! عشق مشڪ لڪڻ جا ڪونهن، سو هنجي پيار جي خبر اجها ٿي پکڙجي. پوءِ ننڍي وڏي ي پنهنجي پچار هوندي. لوڪ منهن موڪ ماڻهن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وات پاڻ ٻڌي ڪونہ سگھنداسين. جيڏرا هونڊا وات اوتريون ٽيندينون گالهيون. تون رڳو پنهنجي سوچ ڪندو اچجانءِ. پرائو ڪن نہ ٽجانءِ. هي دنيا جو چرخو آهي، تنهن کي ڪو ابتو ڦيرو ڏيندو، تہ ڪو سٻتو ڏيندو. چار سڄڻ چار دشمن سڀڪنهن جا آهن، تنهنڪري تون هر ڪنهن جي گالهہ ٻڌي ان تي گهڻ نہ ٻڌجانءِ، پر هوش هلائجانءِ. سياڻن چيو آهي، تہ اڪ ڏٺيءَ تي ٻہ ويچار ڪجي. مون مان ماڻهو سوين عيب ڪيندا. مون تي ڪئين بهتان مڙهيندا. تون ٽڪر نہ ڪجانءِ، ڏيري ڏيري قدم کڻجانءِ. ٽڪر ڪندين تہ پڇتائيندين. آئون ٻيو سڀڪجهہ سهي ويندس، پر تنهنجو رنج سهي نہ سگھنديس. تنهنجو گل ٻہ مون کي گهاءُ ڪري وجهندو. مون کي ماڻهن جا مهڻا ڪونہ مارينداِ خلق خواريءَ جو ڪو خيال نہ ٽيندو، جهان جون جڏيون ڦٽيون سهي ويندس، پر تنهنجي هڪڙي چاڪ ڏي پلي وارو ڇيهہ ڏيئي ڇڏيندي. هڪڙو اوپالو ڏي وڌي ڇڏيندو. انهيءَ ڪري وري وري عرض ڪريان ٿي، تہ وڏ گردو ٽجانءِ.

اداسي چيو، تہ پياري مون کي الله پاڪ عقل ڏنو آهي. ٻاپو ٻڌو ڪونہ آهيان. تون تسلي ڪر. رکي سائينءَ تي.

سهاڄهو ستار، ستڙ سڀئي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ائين چئي هن کان موکلائي واپس وريو. اڄ هن جي دل بهار بهار ٿي ويئي. هي خوش خوش بنگلي تي آيو. هن جي اکين جي اڳيان آئنده جو رنگين زمانو ڦرڻ لڳو. هن کي هرشيءَ وهسندي نظر آئي. هر پکيءَ جي پولي هن لاءِ مسرت جو پيغام هئي. مطلب ته هيءَ خود خوشيءَ جو خمير بنجي چڪو هو.

جو گهيءَ تي جڙاءِ ، نسورو ئي نينهن جو
پتنگ جيئن پيدا ٿيو ، سامي سڄ وڙاءِ
آيو کاڪ تڙاءِ ، ڪنوارن ڪورئو

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان ڇهون

سازش

الا ڪر جيئن، مدي جن جي من ۾
اسان ۽ پرين جون، اميدون پسن
تهان پوء مرن، سڙي انهيءَ سور ۾

بندي جي من ۾ هڪڙي هوندي آهي تہ صاحب جي من ۾ ٻي. انسان ويچارو رڳو اميدن تي ٻيو هلندو آهي. ڪيس آئنده جي خبر نہ آهي، تہ ڇا ٿيڻو آهي؟ ٿيندو. اداسي ۽ پنهنجي دل ۾ مڪ جون ماڙيون بنائي رهيو هو. مگر هن ڪي اهو پتوئي نہ هو، تہ سڀان ڇا ٿيندو! هو وقت جي ڦيرين گهيرين کان بالڪل بي خبر هو.

هي زمانو بہ ڏاڍو ظالم آهي. هو اهڙن عاشقن جو خون سانڍي پنهنجا هٿ لعل ڪندو آهي. هو ڪاسائي وانگر ڪهندي قياس نہ ڪندو آهي. هن وٽ رحم جي رتي بہ نہ آهي. هن اڳيان سڪندر جهڙا شهزادا بہ شڪست کائي ويا. هت بہ اداسي هن جي اڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽي پيو. هن تي پهريون ٽي وار اهڙو خونخوار ڪيائين،
جو هن جي سهڻ ڪان ٻاهر هو. اهو ڪهڙو وار هو؟
اهو هو پنهنجي عزيزن جو حملو. جنهن ڏينهن اداسي
بيگم سان حال اوري رهيو هو، تنهن ڏينهن سندس سوٽ
ڪيس تاڻي ورتو هو. انهيءَ هن جي ٻنيان جاسوسي
ڪئي. جڏهين هن ڪي پڪ ٿي، ته اداسي انهيءَ چوڪري
کي پنهنجو جوڑيوال بنائڻ وارو آهي، نڈهين هن بغاوت
ڪرڻ شروع ڪئي. هن اها گالهه پنهنجي شان ڪان
گهٽ ٿي سمجهي، ته ٻاهرين چوڪري اندر اچي اسان
جا ڪوٽ وسائي. هن پنهنجن پراون سينهي کي چيو ته
اوهين اداسيءَ کي سمجهايو، ته هوش جاءِ ڪري،
پنهنجي ننگ ناموس جو خيال رکي، پنهنجي خاندان
ڏي نهاري، هروپرو لنبو نه پلاڻي. ڪيڏانهن سندس شان
ڪيڏانهن ڪٽڻ جي آبرو! سپاڻي شادي ڪندو ته سپڳو
ڪٽڻ نالي چوندو، ته هي آهي اداسيءَ جو سهرو. پوءِ
گالهه اسان لاءِ اهڙي ٽيندي جهڙي ڪک جو ڪان.
اسين ته پڌڻ جهڙا ٽي ويندا سون. ماڻهو ڪلي مارينڊا.
ڪين جهڙا به اسان تان ٽوڪون ڪندا. رڳي ٽيندي
خلق خواري گڏهه هسواري.

ان بعد دوست احباب، مائٽ مٽ عزيز خويش،
سڀئي واري سان اداسيءَ وٽ اينڊا ويا. ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حجت هلائي، ڪنهن نصيحت ڪئي. ڪنهن ڪهڙو سر آلاپيو ڪنهن ڪهڙو. پر هر هڪ جو رينگٽ ساڳيو ئي رهيو. مگر اداسيءَ تي انهن نڪتن جو ڪٿي ٿو اثر ٿئي؟ نينهن جي نادان تي نصيحت ڪهڙو ڪم ڏيندي.

هوڏانهن بيگم ۽ اداسيءَ جي ملاقات بعد بهار بهار ٿي ويئي. ڪيس پڪ ٿي ته اداسي منهنجو ۽ آئون اداسيءَ جي آهيان. تنهن رات جو پيءُ ڪي چيو، ته بابا ڳالهه پڌ. آئون جڏهين ڪنواري هيس، تڏهين تو منهنجو سڳ ڪيو. توتي برابر بار هو، سو تو لاٿو، پر اکيون پوري. تو مون کي اوڙاهه ۾ اڇلايو. پوءِ مون ڪسو ڪانيو پئي وقت گذاريو. آخر وري به تنهنجن ئي اعمالن سبب آئون تڙجي نڪتيس. هاڻ آئون سمجهه واري آهيان. پنهنجو نفعو نقصان پاڻ چاڻان ٿي، تنهنڪري پنهنجو ور پاڻ چونڊيندیس. هاڻ منهن جو بار توتي نه آهي.

ڪٿن وراڻيو، اما برابر، اهي پلون مون کان ٿيون، منهنجي عقل جي ڪري تو گهٽوئي کي لوڙيو آهي، هاڻ تنهنجي مرضي. پر ڏسي وائسي ڪم ڪجانءِ. هي حياتيءَ جو سودو اٿئي. تون ماڻهن جي ظاهري ڏيک تي پنهلجي نه وڃجانءِ. اڄ رڳو فريب ۽ ڏوکو اٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"باهران چکي مکي اندران بڙ بڙ دکي"

اها حالت آهي. ڏيا جا ڏيا گهٽا ڏسندين، پر سچو ڀچو روشنيءَ وارو ڏيو منجهن کو کو هوندو! ڏسين متان تکڙ کري پنهنجي ساري زندگي زهر کري وهين.

بيگم چيو، ته بابا قدرت مرد کي کسوٽيءَ ٽي پرکي لاءِ عورت کي ٽي صراف کري موکليو آهي. آئون به پار کانه آهيان. گهٽيئي ڏکي کاڌا اٿم. هينئر مون پنهنجي لاءِ اداسي ور چونديو آهي، پوءِ وڌيڪ کٽي قسمت.

انهيءَ بعد اداسيءَ بيگم جون ملاقاتون بنا کٽکي ٽيندڙون رهيون. بيگم جو زور، ته شادي جلد ٿئي، مگر اداسي ڊر کندو آيو. چو ته هن چاهيو ٿي، ته آئون مائٽن کي پنهنجو کري پوءِ اهو کم کريان. هن کي ته سڀئي خيال رکڻا هئا. مائٽن جون دليون به رنج کرڻيون نه هيون. چو ته اهو فکر ٿي ٿيس، ته متان مائٽ جو رنج وڙهي، تنهن کري پنهنجيءَ پر هنن کي ريجهائيندو رهيو. ساڳئي وقت ڇيٽي پور ماڙهو ٻنهي طرفين ڇيرا ڏيندا رهيا. اداسيءَ کي چون، ته بابا راڻي اها جا راءِ کي وڻي. تو کي ڪالهه پسند آهي، ته پوءِ تنهنجا مائٽ چو ٿا رنگ ۾ ڀنگ وجهن؟ لوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پسند کر دل پسند؟ تون مائڙي ڪري چار ڪارڪول ورهائي نڪاح ڪري ڇڏ. جيڪو اچي سو تنهنجو آهي پاءُ، جيڪو نه اچي، سو هيئين جو گهاءُ، تون ڪيترن اڳيان پلاند پوتيون ڪندين؟

بئي طرف وري اداسيءَ جي مائٽن کي چون، ته ابا اوهان جو ڇورو پاڻ زورو ٿي پيو آهي. نه نندي جي ساڃاڻ نه وڏي جي، پنهنجون ناڙيندو وتي. بس نڪا اٽس پهر ڇوڙ واري نڪا آکڙ واري. هيءُ گهر ڇڏي پر ڏي ڪاهي پيو آهي. سياڻن چيو آهي:

وات ڇڏي ڪوات نه وڃجي توڙي هجي ڏور
ذات ڇڏي ڪذات نه وڃجي توڙي هجي حور

ڏاريا نيٺ ڏاريا آهن. انهن مان فائدو نه اڄ ٿئي نه سڀان. هيءُ عشق جو انڌ آهي چار ڏينهن، پوءِ ساڳيو پاڻ پڇتائيندو. اوهان هن کي ڇڙواڳ نه ڇڏيو. چربا کي پنهنجي وس ڇڏبا آهن ڇا؟

اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو موچڪي ڪاتيءَ وانگر حرام حلال ٻنهي ۾ وهندا رهيا. نتيجو اهو نڪتو، جو اداسيءَ مائٽ ڏهن ڏهن جي بجاءِ اٺلندو ڦٽندا ويا. اداسيءَ کي مائٽن ڪليو ڪلايو چيو، ته تون انهي ڳالهه تان لهي وڃ. اها هٽ ڏرمي ڇڳي ڪانه اٽيئي. هوڏي نه ٽيءُ. لنبو نه پلاڙ، انهيءَ ڳالهه جي پڇاڙي سرهي ڪانه ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسي ڇيو، تہ اوهان جو مون کي ڀون ڀون ڪري ڦري ويا آهيو، ســـو آخر ڏٺو ڇا اٿو؟ مون ڪهڙي اربع خطا ڪئي آهي؟ شادي ڪرڻ بہ ڪو ڏوهہ آهي ڇا؟ بلي بلي!! اوهان جي ڇاڙي تہ عرش سان پئي لڳي! اوهين پاڻ کي قريشين کان بہ مٿي پيا سمجهو. وڏ ماڻهپي ٿوري ڪريو. هنن کي الله پاڪ پيدا ڪيو آهي. هو بہ پنهنجي نڪان ساهہ پيا کڻن. رکي سکي ماني پنهنجي کايو ويٺا آهن. اوهان جي پلائن ڏي ڪونہ ٿا نهارين. هو نہ ريشم اوڙهين، نہ پٽ پهرين. نہ چاشنيون چکن، نہ خوراڪون کائين. نہ پوڙن لاءِ پاڙيل، نہ حلون تي هريل. خاڪ هنن لاءِ ڪٽ آهي، پٽ هنن لاءِ پلنگ آهي. هو اوهان وانگر بنگلن ۽ ماڙين جا هيراڪ ڪونہ آهن. هنن کي ڪنهن وٽ جو اولو ملیو، تہ اهوئي هنن لاءِ محل موافق آهي. هو انهن اپالن ڪپڙن ۾ بہ ڏاڍا سونهن ٿا. اوهان جون اکيون هنن کي ڏسي رت ٽيون چڙين، مگر هنن جي نظرن ۾ سپيٽي سائين آهن. آئون تہ انهن کي دل جان سان پيار ٿو ڪريان. آئون اوهان وانگر فرعون کونہ ٽيندس. منهنجي اندر ۾ هنن جـي سڪ جـــو جيڪو سلو ايريو آهي، سو وڏي وٽ ٽيندو ۽ ناپون هٽندو.

مائٽن هاڻ ڏٺو، تـہ هيءُ نانگ مرلين سان ريجهڻ وارو نہ آهي، تنهنڪري ٻـي ڪا رٽ رٽجي. تن هاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کنڌ سان کونس شروع ڪئي. آٽي ويئي مهٽا ۽ طعنا ڏيڻ لڳس. هيءُ ويچارو ڪچهريءَ ۾ اچيو وهي، ته ڪچهري هن کي زهر ڪريو ڏين. به چار پاڙي جا ڏنون به وهاري چڏيائون. انهن جو ڪم ئي هو هن غريب تان ڏنوليون ڪرڻ ۽ ٽوڪرون هڻڻ. مطلب ته هن کي تمام تنگ ڪري ماريائون. پرائو ملڪ، سيئي ڏاريا، هي ڪنهن سان ڪچي؟ نه هن ۾ جنگ جهيڙي جي طاقت، نه ويڙهه جي وسيعت. مٿي به مار مٿي به مار، چپن کي چنو هنيو دل تي پٿر رکيو پئي گهڙيون گهاريائين. اها حالت ڪجهه وقت ته سهندو رهيو، پر نيٺ هيءُ به انسان هو. سهڻ جي به ڪا حد ٿيندي آهي هاڻ ته پاڻي ڪنان تار ٿي ويو هو. سڏو آيو آداسيءَ وٽ. ڪيس چيائين، ته سائين اسان کي هاڻ هيءَ ڏرتي اچلي رهي آهي. مهرباني ڪري موڪل ڏي، ته وڃي ڪو نئون اجهو ونون.

آداسي چيس ته چاچا خير ته آهي؟ ڪنهن هيڪلي وڻ هيٺان ته ڪو نه اٿي آيو آهين؟

ڪنڌ چيو، ته ابا سومر گهٽتي سڌرو پر پٽيانس اگاروء. تون ته ٻور آهين، پر تنهنجن ٻين ته مونکي سور ڏيئي چڏيا آهن. ڪچهريءَ ۾ اچڻ ٿو، ته ڪين جهڙا به اهڙا ڏيڪ ويٺا اچلن، جو مون کي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويهو چڏين. تنهنجا رئيس هنن کي ڪنڌ ڪٽيو ڏين، پوءِ
تہ هو جهڙيون ڦڪڙيون. آئون تہ ٻڌي ٻڌي هاڻ ڪنو
ٿي پيو آهيان.

اداسي چيو تہ چاچا يو ڪان وڌيڪ انهن مون کي
تنگ ڪيو آهي. مون لاءِ تہ زمين ئاسمان جي ڪري
چڏي اٿن. چو طرف مڪرو فريب جا چار وچائي چڏيا
اٿن. جن کي گل سمجهيو هوم، سي خار ٿي پيا آهن.
جي پنهنجا سمجهيا هئم، سي پروان ڪان ٻه ريءِ آهن.
هاڻ منهنجي صلاح آهي، تہ هتان ڏکري ڪو اڙو
هلي ويڙهو وسايون، جتي ڏک جو نالو ئي نہ هجي.
جتي پيار جا پياسي پريم جا پيالا پيئو مست بنيا ويڻاهجن.

ڪنڌ چيو، تہ ابا هن دنيا جو خميرئي مڪرجي
متيءَ مان ٿهيل آهي. هتي اهڙو آستان ڪٿي؟

اداسي چيو، تہ چاچا تون ترس تہ آئون ڪو نہ ڪو
بلو ڪري ٿو وٺان. پوءِ ويچار ڪري ڪري اچي بيگم
وٺان نڪتو. هن جي دل بهار بهار ٿي ويئي. مرڪي
محبوب جي آجيان ڪيائين، مگر اداسي جي اندر کي
گجهو ڪاٽ لڳل هو، سو نہ مرڪيو نہ مشڪيو.
اداسائي جا اهجاڻ هن جي چهري مان ظاهر ٿي پيا.
بيگم سياڻي هئي، تنهن سهي ڪيو، تہ اڄ خير نہ آهي.
سو اداسي کي چيائين تہ پيارا اڄ دشمنن جو منهن ڪٽل
ٿو ڏسجي، خير تہ آهي؟ اداسي چيو تہ پياري دنيا ۾
دلين کي ملهہ نٿي ڏئي. هوءَ چاهي ٿي، تہ کي ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دلبون گنديل نہ هجن. هوءَ تہ اسان کي جدائيءَ جي جانداهہ ۾ پيهڻ گهري ٿي. تنهنڪري هاڻ اسان کي ان سان سندرو ڪرڻو آهي. ڏسون تہ ملهہ ۾ ڪير ٿو مات ڏئي؟

بيگم چيو، تہ منهنجا سهڻا سرتاج مون کي گهالهہ کولي سمجهاءِ، تہ آخر معاملو چا آهي؟

اداسي چيو، تہ پياري هاڻ تو کي هي ڪک ڇڏڻا آهن. هي ماڳ متي وري پيا ويڙها وسائڻا آهن. هاڻ خبر نہ آهي، تہ تقدير ڪهڙو ورق ورائيندي!

بيگم چيو، تہ پيارا پلا اها ڪٿان ٻري ۽ ڪيئن ٻري؟

اداسي چيو، تہ پياري انهيءَ گهالهہ کي ڇڏي ڏي. ملڪ جو واءُ ڦري ويو آهي. هينئر ڪک بہ اسان جا دشمن آهن. اسين هنن جي نظر ۾ هينئر ڪنڊا آهيون. اسان کي هيءَ زمين هاڻي اچاي رهي آهي. انهيءَ ڪري هاڻ تون تياري ڪري وٺ، تہ آڏون سواريءَ جو بندوبست ڪريان. ائين چئي اداسي روانو ٿي ويو. بيگم ويچاري وائڙي ٿي ويئي. هن جي مٿان غم جا ڪکر مس مس وڃي لٿا هئا، ڏ اڄ وري نوان مينگهہ ملار ٿي ويا. نيٽن مان نار وهائيندي اٿي ٽپڙڙا پڏائين. ٽوري وقت ۾ سامان تيار ٿي ويو. پلا هنن غريبن وٽ هو بہ چا؟ ميرڻ جي مڏي بہ حقا ٽين تڏي، تنهن ۾ تہ دير ئي ڪانہ ٿي. ان بعد اداسي بہ ٽانگا وٺي آيو ۽ هي پرديسي پنهنجو سامان انهن ۾ رکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روانا ٿيا. حيدرآباد جي شهر ۾ هنن لاءِ بندوبست ڪيو ويو هو. هي اتي پهچي ٽانيڪا ٿيا. اداسي هنن لاءِ هر طرح جو بندوبست ڪيو ۽ هنن وٽ پنهنجو دل گهربو دوست نازڻ فقير حاضريءَ ۾ ڇڏيو. انهيءَ لاءِ ته هنن جي ديک پال به ڪري ۽ هنن کي درڙ دلاسو به ڏئي. ائين نه ٿئي، جو هو اتي پاڻ کي نڌڻڪو سمجهن. نازڻ فقير جهان ديده انسان هو. اداسيءَ سان هن جي دلي دوستي هئي، سو وڏي خوشيءَ سان هتي رهي پيو ۽ هنن جي اهڙي ته حاضري ڀريائين، جو هنن کي لکائي ڪانه پئي، ته ڪو نئين ملڪ ۾ آيا آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان سنون

منصوبو

پيئي جا پرپات، سا ماڪ م پسو ماڻهوٽا
روئي ڇڙي رات، ڏسي ڏکوين کي

رب پاڪ جو اعليٰ شان آهي. هن جي قدرت عجيب آهي. انسان کي مجال نه آهي، جو ان جي رازن کي پروڙي. هو کڏهين ته منٽن م وڇڙيل ملايو ڇڏي، کڏهين ته سڪندي سال ٽيو وڃن. کڏهين وصال م ويرم ئي کانه ٿئي، کڏهين فراق ڪاروڻ ڪيو ڇڏي. بيگم ويچاري بے وچوڑي جا وڏ سهندي رهي. هن کي رات ڏينهن اها جهوري هوندي هئي، ته هاڻ سڄڻ سان شادي ٿئي ته چگو!! پر هن ندوريءَ کي خوشيءَ عيوض غم نصيب ٿيندو رهيو. هيءَ ويچاري رات جو سنجهو ڪاري سر سجدي م رکي سڄي سائين کي ستائيندي هئي، پر سندس آهن م اثر نه هو. وري مزو اهو، جو اداسي انٿي پهر گڏ هوندي پهن

کان ڏار هو. ويجهو هوندي پري هو، پنهنجي هوندي
پرائو هو.

کي اوڏائي ڏور، کي ڏور بہ اوڏا سپريءَن
کي سنبرجن نہ ڪڍهين، کي نہ وسرن مور
جيئن مينهن ڪنديءَ پور۔ تيئن دوستءِ ار ڪو دل سين

آداسي چاهيو ٿي، تہ مائٽن کي راضي ڪري بيگم
کي لاڏين ڪوڏين پنهنجي پٽ راڻي بنايان، پر انهيءَ
۾ هو ڪامياب نٿي ٿيو. ٻئي طرف آداسي جي مائٽن
جي اها ڪوشش رهي، تہ اداسي انهيءَ ڏس ۾
ڪامياب نہ ٿئي. انهن وچي ميانجي کي منتون ڪيون،
تہ مهرباني ڪري هيءَ فلم اسان تان تار، نہ تہ هيءَ
ڪاهي اجها ٿي اسان جي گلي ۾ پوي. هن آداسيءَ
جي عزيزن کي پڪ ڏيئي پوئتي روانو ڪيو. پوءِ چند
روز رکي موٽر ۾ چڙهي اچي حيدرآباد وارد ٿيو. بيگم
جي جاءِ جو ڏس ڪيس پڪو پختو مليل هو، سو سڏو
آڻي آيو. ڪنهن ۽ بيگم ساڻس مليا. هن بيگم کي چيو،
تہ مائي ڪيترو وقت ٿي ويو آهي، تہ منهن بہ نہ
ڏيکاريو اٿئي. تو کي شايد هن طرف جو واءُ وڻي ويو،
جو تو مور ڪو پوئتي ورڻ واري نہ ڪئي، پنهنجو وطن
وساري ڇڏيئي، هتي کي زنجير پئجي ويا اٿئي ڇا؟
اندر وارن بہ تولاءِ تمام گهٽو پئي تانگهيو. تون تہ دل
ڏاڍي ڪري ويهي رهئين، پر اوڏانهين تہ وقت برقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساروئي لڳي پيئي هئي. هاڻ سنبر ته آئون توڳي وڃي هلان. بيگم شش و پنج ۾ پئجي ويئي. هن جي دل هت قرب جي ڪڙين ۾ قيد ٿي پئي هئي، سا ڪٿي ٿي وطن واڳ وازي! هن لاءِ ماڳ به ڪڙ، ته رکان به ڪڙا هئا. مٿي ۾ مٿي اها جاءِ هئي، جتي سندس جانب هو. جنهن جاءِ تي ٽوڪرون ڪاڌائين، جنهن جاءِ تي بيواهه ٻني، جنهن جاءِ تي هن پٽان جهيڙا ٽيا، اوڏانهين وڃڻ تي هن جو روح نابري ورايو ويٺو هو. تنهن ڪانسواءِ اداسيءَ جي موڪلائڻ بنا هيءَ پير ٻاهر پائڻ واري نه هئي، سو ميانجي ڪي چيائين، ته سائين اوهان وٽ پيرو ضرور ڪجو، پر ڏينهن به مهلت ڏيو، ته سهي سنبري ونون، پوءِ جيئن هوندي قسمت. بابا ڪان به پڇان، اهو ڇا ٿو چوي؟ ميانجي هڪدم ڪنن ڪي ڏنيو. تنهن ڪي چيائين، ته ازي ڪنڌ تون ته هاڻ ٿي ويو آهين وڏيرو، ڪنهن تي مڃ به ڪونه ٿو چنبڊين، اسان وٽان به تو ته پيرو ٿي پيڃي ڇڏيو، پريار اسان ڇجو، ته وري به پنهنجا ماڻهو آهن، انهن تان هٿ نه ڪٽجو، هلي ڪين ڏوري ڏسجو. پيو اوهان ڇنڊ وارا پير ڪنيا هئا، ڳنڍڻ واري ڪانه ڪئي هئي. ڪنڌ ڇجو ته سائين اسين ساڳيائي غلام آهيون. ساڳيائي ٽڪريل آهيون، اسان ۾ وڏ ماڻهپي ڪهڙي ايندي؟ نه ديرو هٿ آيو ائٽون، نه جاگير- آئيون ۽ چاڑهيون ڏٽ ڏهاڙي سومرا. ٽڪو آڻيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪو ڪاڏون پيٺ اٿئون، ٽہ انگ ڪونهي، جي انگ اٿئون، تہ پيٺ ڪونهي. اسان جا ڪجن ڪنهي پيا ڦڦڙ ڏسجن. چولي ۽ چوڙهن چتيون لڳيون پيون آهن. ليڙون لڙڪائيندا وتون. ڏس ڪٽي گهر ۽ ڪو سجو ٽپڙ اٿئون؟ ٻ ڏي پراڏا سراڏا گهدر ڪيو ويٺا آهيون. اها هڪڙي نئين گبري آهي، جا تو ڪي وڃائي ڏني اٿئون. سائين مڙيئي حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻا آهن. مهانجي چيو ڪٽڻ هاڻ بيگم ڪي موڪل ڏي تہ هلي اسان وٽان گهمي اچي ۽ تون ٻ هل. ڪٽن چيو تہ سائين اوهان اڄ قسمت سان هٿ پير پاتا آهن. نہ اڇتا نہ وڃڻا، اسانجي رب ٻيڙ ڪاڏو، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ.

مهانجي چيس، تہ مون ڪي پنهنجي جاءِ آهي، اوهان ڪان حجاب ڪونهي، پر اڄ مون ڪي ضروري ڪم آهي اوڏانهن وڃان ٿو، سپاڏي موڪي ايندس. اوهين تيار ٿيا ويٺا هججو، تہ سپاڏي ڳوٺ وڃي هلانو. ائين چئي هو روانو ٿي ويو. پٺيان بيگم ڪي اچي ڳٺيءَ ورايو، تہ آداسي الائي موڪل ڏيندو يا نہ؟ تنهن ڪڏهن نازڻ فقير ڪي چيو، تہ وڃ وڃي آداسيءَ ڪي وٺي آءُ. هو روانو ٿيو ۽ وڃي آداسيءَ ڪي وٺي آيو. بيگم هن سان سمورو احوال ڪيو. آداسي ڳالهہ ٻڌي منجهي پيو. ويچار ڪري بيگم ڪي چيائين، تہ تنهنجو اوڏانهن وڃڻ سٺو ڪونہ ٿو لڳي. بهتر صلاح آهي، تہ تون ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کو بھانو ڪري ڏيڻائي ڇڏ. ڪٽڻ بہ اُن وقت روبرو ويڻو هو، تنهن اُداسيءَ کي چيو، تہ سائين تون ڪوبہ خيال نہ ڪر. اسين بہ چار ڏينهن ترسي وري ٽا ورون اُتي ڪو اسان کي وهڻو آهي چا؟ مڙيئي ميانجي سان انجام ڪيو اٿون، اُن کي پاڻي ڏيون، نہ تہ چوندا تہ هي اهڙا تہ نمڪ حرام هئا، جو اسان جي ٻڌائون بہ ڪانہ. خدا خير ڪندو، اسين هڏي اندر وري اچي تو وٽ ڏکاءُ ڪنداسون. بيگم بہ ساڳيو سر آلاپيو. چيائين تہ اسين ڪنهن جا لهہ خريد ڪونہ آهيون جو اسان کي ٻڌي وهاري ڇڏيندا. مڙيئي هنن جي راءِ رکي آهي، سو اُتان ئي اچون، تہ چڱو. رڳو هنن جا ميار نہ ٿيون. اُداسي هنن جون آهي ڳالهيون ٻڌي خاموش ٿي ويو، پر اندر جو قاضي هن کي خطري جي گهنٽي هڻي رهيو هو، نيٺ ترسي ترسي بيگم کي چيائين، پياري اڄ تون مون کان موڪلائي رهي آهين. آڏون سمجهان ٿو، تہ تنهنجو ڏوهہ ڪوبهي، تو کي وطن ڇڪ ڪئي آهي. تو سرتين ساهڙين کي ساريو آهي. تو کي پنهنجا ماڳ ياد پيا آهن. تنهنجي اندر مان هاڻ مارئي وانگر هيءَ آواز ٻيو نڪرندو هوندو:

پري پنهنجي پاڻ پسان ملڪ ملير جو

هينئرنہ تو کي ڪا روڪ روکي سگهندي، نڪا جهل جهلي سگهندي. تون پل وچ وچي اصلوڪا ويڙها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وساءِ. پر اهو خيال ضرور ڪجاءِ، ته جنهن پکيءَ کي پنهنجي زلف جي ڪمند ۾ قابو ڪيو اٿئي، اهو ڦٽڪي ساهه نه ڏئي!

بيگم چيو، ته محبوب سائين آئون مجبور ٿي پئي آهيان. ميانجي سان ها ڪري ويهي رهيا آهيون، تنهن ڪري وڃڻو ضرور پيو آهي، نه ته هاڻ منهنجو اوڏانهين ڇا؟ البت نيپاج انهن جو آهيان، تنهن ڪري خيال ٿو ٿئيم، جي نه ويندیس، ته اڳلا چوندا، ته چوري بنهه ڪانوا ڪان نڪري ويئي آهي. تمام ڪڏو روح اٿس، جو رڳو منهن ۾ نٿي ڏيکاري. اداسي هن کي چيو، ته منهنجي منڙي تو کان سواءِ مون لاءِ ڏونگر جڏا ڏيهن ۽ جبل جيڏيون راتيون ٿي پونديون. ڪيئن ڏينهن گذرندا ۽ ڪيئن راتيون ڪٽيون؟ تون ته پنهنجي سنگدلي ڏيکاري هلي سرتين سان ريجهه رهاڻ ڪندينءَ ۽ منهنجو ڪو خيال ڪيو اٿئي، ته ــــ مون سان ڪهڙي ويڌن هوندي؟ پر نه، هينئر تو کي ڪٿان ٿو خيال ٿئي؟ تنهنجو هينئر پٽ تي پير ڪونهي. تون زمين کان مٿي آهين. تنهنجو هت رڳو بوتو آهي، باقي روح هت رهاڻون ڪري رهيو آهي. سچ چيو اٿن، ته پرديسين سان پريت ڪرڻ نسوري نادانی آهي. بيگم چيو ته منڙا سائين تون غلط فهميءَ جو شڪار نه ٿيءُ. هيءُ ته هڪڙو سر آهي، پر جي اهڙا هزار سر هجن ته به تو مٿان صدقي ڪري ڇڏيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٹي اتي منهنجي، جي هون سر هزار
ته تنهنجي ساڻ تنوار، هر هر وڍيم هيڪڙو

منهنجي وار وار جو تون وارث آهين. آئون تنهنجي ملهه خريد باهي آهيان. مون کي تو کانسواءِ گهڙي گهاريه ڏاڍي مشڪل آهي. پر آئون لاچار ٿي پئي آهيان. هنن جو نياپو بہ آيو آهي. جي اڄ آئون لنڊو پلاٽي بيهندس، ته چوندا چوريءَ کي کو حياءِ ئي ڪونہ ٿيو، تنهنکري وڃان ٿي. پر ائين سمجهه ته آئس کي آئس، رکو اکين نٿي ڏسجان. پر جي انهيءَ هوندي بہ تون خوشيءَ سان موکل نہ ڏين، ته منهنجي ڇا مجال آهي، جو پير باهر کڄان. اداسي بيگم جي سچائي ڏسي چپ ٿي ويو. هن کي چيائين، ته پياري تون پلي وڃ. آئون تو کي خوشيءَ سان موکل ٿو ڏيان. ائين چئي اداسي موکلائي روانو ٿيو. پنهي جون اکيون تر هيون. هو نيٺ ٽمائيندو باهر روانو ٿيو. هيءَ اتيئي گوڙها گهاڙيندي رهي. پئي ڏينهن ميانجي اچي ٽکاءُ ڪيو اچڻ سان هنن کي چيائين، ته جلدي ٿيو، ته هلون. هي سنبت اگيئي ڪري چڪا هئا، سي اٿي موٽر ۾ ويٺا. بيگم جي دل ۾ خيال هو، ته اسين ٻه چار ڏينهن گهمي اجهي ٽا وارو ٿيون، پر قدرت کي ته ٻيو ڪجهه منظور هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙي بندي من ۾، بي جا ڪري الله
پاڻهي وجهي ڪن ۾، پاڻيهي اڪاري اوڙاهه
تنهن واحد کي واهه، جو حڪم هوڙائي ڪري

بيگم اتي پهتي، ته سڀ ماڻهو پون پون ڪري وئي ويس. ساهيڙين جون سوين ميارون نڪري پيون. ڪا چوي ته مئي تون ته ڏاڍي ڪا ڏوڻ آهين. هيترا ڏينهن وري ويئي، ته ورڻ واري ڪانه ڪيئي. صفا وساري ڇڏيئي. ڇـائينءَ هت، نپنئين هت، وڏي هت ٽئين ۽ ويئين وڃي اوڏانهين. واهه ڙي ادي!! اباڻي ديس تان دل ئي ڪٽي ڇڏيئي. ڪا چوي، تـه ادي گهوڙا گهوڙا تو ته دنگ ڪري ڇڏيا. تو جهڙي ته نه ڪا ڄائي نڪا جمندي. ايڏانهن ڪٽي منهن ڪيئي، ته پوئتي نهاريڻ ئي بس. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پراڻن پکڙن تي ته پيرو ڪرين ها.

وطن جن وساريو حيف تني کي هوء

تو وطن سان گڏ سڄي ويڑهه کي وساري ڇڏيو. توکي اهڙو ته ڪو قرب جو ڪنيو پئجي ويو، جو ان ۾ ٻڏجي پئين. ڇا انهيءَ ملڪ جو ڪو پاڻي مڙس آهي يا ڪاڏو ڇهرو آهي؟ مئي متان اترادين ماڻهن جي مئي زبان تي پاڻ ڦاسائي ويئينءَ؟ سنپالجاءِ اڪ پنجاڻءَ. زماني ۾ رڳو دولاب پيو هلي. اڄ وقت ڏاڍو نازڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نسيم متي ٿي پاڻي ۾ پري. انهيءَ ماحول جي جي ڪلر رڳو زهر هوندو آهي.

بيگم چيس ته اڄ نه ڪلهه وطن وسارڻو آهي، نه ساهيڙيون فراموش ڪيون آهن. اهي ته منهنجي هيٺين ۾ ٻڌي هونديون. ڀيٽ قسمت جو اوڏانهن ڇڪي ويئي، سو ڪهڙو رسو وقت گذارڻو ٿيو. ڪا هٿان خوشيءَ سان ويئي هيس چا؟ مون کي زوريءَ نيو ويو هو. هٿان ئي ڪان ڏکي ٿري ائين چوڻ ته ڇا روح جي ڪڍي آهين ڪتي جو انصاف آهي؟ ٻيڙ نه ڏي نه:

ڇڏياڻي ماڏي هو ڏي نه هڪڙي
آڻون گنهگار آڻون سيردارءِ معافي جي طلبگار

ساهيڙين چيس ادي نهيو ڪاوڙ نه گهٽي هئي، پر تنهنجي آئي سڀ چڱيسون.

اهڙي طرح گهڻ وقت هنجي ٻاڻ ۾ چوپچو ٿي. پوءِ نه بيگم خوش ٿي ويهي رهي. چند ڏينهن گذريا نه هن کي آڪير ڪنيو. هن جيڪي پوليون ٻڌيون هيون، سي کيس پوريون ڪرڻيون هيون. قولن ڪوڙو ٿيڻو ڪونه هوس. ڪٽ ئي پيڇڙو هوس. سو هڪڙي ڏينهن حويليءَ جي ماڻهن کان موڪلائڻ لڳي. هن کي اهو نه وهم نه ڪونه هو، نه ڪو مون کي قيدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بنايو ويندو. پر پتو ڏڏهين پيس، جڏهين اکيان لڙڪ جواب ملیس. کيس چيو ويو، ته هاڻ تون هت باندياڻي آهين. راهوکيءَ ڏي تنهنجو لاش به ڪونہ ويندو.

هاڻ بيگم جا ڇهہ ئي ڇڇي پيا. جيڪي هٿن ۾ هوس، سو ڪري پيس. وايون ئي ولڙيون ٿي ويس. مغز چڪر کائڻ لڳس. ويچاريءَ جون اميدون ختم ٿي ويون. آس مان نراس ٿي پيئي. اکين اکيان آندي اچي ويس. هتي نہ هن جو اوهي هو نہ واهي. جن کي پنهنجو سمجهيو هٿائين، سي پروارن کان به پري ٿي پيا. جي نندي هوندي هن تي ساهہ پساهہ ڇڏيندا هٿا، سي اڄ هن جي خون جا پياسي ٿي پيا. جن اڳي هن کي جيءَ ۾ ٿي جايون ڏنيون، سي اڄ هن جي جان جا دشمن هٿا. جن کي هن گل سمجهيو هو، سي هن لاءِ هينئر ڪنڊا هٿا. اڳ جن مان هن کي خوشبو ٿي آئي، اڄ انهن مان هن کي رت جي بوءِ اچڻ لڳي. هاڻ هن لاءِ دوست دشمن ٿيا، ته يار اغيار ٿيا. ڏينهن رات ٿي، ته سوجهرو اوندهہ ٿي. هاڻ ته هي ٻيو ڪجهہ ڪري نٿي سگهي. چپ ئي چپ ڪري ويهي رهي. پيءُ سان هن جو ملڻ بند ڪيو ويو. هن جي باهر نڪرڻ تي به بندش وڌي ويئي. هن کي عين بعين پڇري جو پڪيءَ بنايو ويو. ميانجي جو حڪم ٿيو، ته هن ٿي پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چوڪسي ڪئي وڃي. پوءِ ته بيگم ڪجھ ڏينھن صبر ڪيو، پر نيٺ اندر جي باھ ھن کي مات ڪرڻ نه ڏني. اندر حويلي وارن کي چيائين، ته جيڪڏھن مون اوھانجو ڪھڙو ڏوھ ڪيو آھي، جو مون کي گھرائي باندياڻي بنايو ويو آھي ؟

جواب مليس، ته تون ڪري خراب ٿي پئي آھين. تو پنھنجي سڄي ڪٽب کي ڏکو لاڏو آھي. تو پنھنجو ڪڙم ڪنو ڪيو آھي. تو اسانجا ڪڏھ ھيٺ ڪيا آھن. مئي نه ڄمين ھا، نه سورن ۾ وڃين ھا. نڪي ھڪين ھا، نڪي آھي خواريون ٿين ھا! ھاڻ آڻي پيئي لوڙ. وري مرڪي پڇين ٿي ته مون ڪھڙو گناھ ڪيو آھي؟ انھي پڇندي شرم ڪونه آيئي؟ ٻڌي مئي ھت نه ھئي. چا تو کي ڪي رڪ جون اکيون منھن ۾ آھن؟ بيگم حيراني وچان ھن ڏانھن نھاريندي رھي، مگر حرف نه ڪڍيائين. ڪاوڙ سھندي رھي، مگر جواب نه ڏنائين. جيڪڏھن ب ڪاوڙ چنڊي چنڊي نيٺ مات ڪئي ۽ ھي آڻي وڃي پري ويئي. ھن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وھڻ لڳا. ھيءَ پنھنجي تقدير کي پٽڻ لڳي. نيٺ سڄي سائين کي سوال ڪيائين، ته اي سڀاڃھا تون ڀاڃھ ڪر. منھنجون سڀ واھون بند آھن. ھت ڪوبه ٻڌڻ وارو ڪونھي. ڪڃان ٿي ته مسان ٿي تون ٻڌ. تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عرض اناء. تون کا گهري ڪول تو ڪي سپ کا طاقت آهي. تون مون کي هنن جي ظلم جي چنبن مان آزاد ڪر.

هوڏانهن اداسي ۽ انتظار ڪندي ٿڪجي پيو ۽ هر وقت جي بيٺا جهونگارينڊو رهيو.

سر نسرئا پاند، اتر لڳا آءُ پرين
مون تو کارڻ کانڊ، سهسين سکائون کيون

مهنو ڪن ته پئي نهاربائين، ته اجهي ڇاڻ مسافر آيا مگر آسرو ئي آسرو رهيو. ورڻ وارا نه وريا سي نه وريا. هاڻ هن کي پڪ ٿي ته پکي پڇي جي پد ۾ وڃي قابو ٿيو. جي نه ته گهڻو اڳ هت پهچي وڃي ها. ايترو وچ ئي نه وجهي ها. پوءِ ته ڳڻتين جي ڳارانجهي اچي ورتس. کا ڳالهه نه وٽيس. ڪو ڪم نه اجهيس ڪائڻ پيئڻ سپ کارا ٿي پيس. ڏينهان رات سڃڻ جي تات هجيس، پي وائي نه وات هجيس. هڪ ڏينهن بازڻ فقير چيس، ته پيارا اداسي، تون ڇو پاڻ کي ڪائي رهيو آهين؟ ڏس ته تنهنجي تصوير ئي بدلجي ويئي آهي. اڳ تنهنجي منهن مان رت پيو بکندو هو، اڄ منهن ئي سڪي ويو اٽيئي. اڳي ڪچهري جو اهڙو ڪوڏيو هوندو هئين جو راتين جون راتيون مجلس جو مور بنيو ويٺو هوندو هئين، اڄ اوندي منجي آئي پيئي اٽئي. پنهنجو منهن پنهنجي مهاڙ. اڪيلو ئي اڪيلو تياگي بنيو ويٺو آهين. ماڻهن جو ته منهن ئي نٿو وٽئي. ماڻڻ مٽ عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خويش سپ وسريا پيا اٿئي. ڪم ڪارڻ رلائي ڇڏيا اٿيئي. حال ڪان ٻي حال ٿي ويو آهين.

اداسي ڇيو ته ادا، پڇاڙا پرين ڏجي باه ٻيور ڪي، جنهن صورت ۾ منهنجو محبوب مون ڪان ڇنو ويو آهي، تنهن صورت ۾ اڻون ڪيئن خوش گذاريان؟ بيگم منهن جو روح هئي، ان ڪان سواء آڻون بي جان بوتو آهيان. انهي سڃڻ جي صورت ڏني ڏينهن ٿي ويا آهن. مون لاءِ ته هاڻ گهڙي گهارڻ ڏکي ٿي پئي آهي:

ڏني ٿيم ڏينهن، ڪه چاڙن ڪيها پرين
نيڻ پرجي نينهن، پلٽيا پساريون ڪري

....

ڏني ڏينهن ٿيام، ڪه چاڻان ڪيها پرين
ڪوندر غم پرين جا، ولين جيئن وريام
تن ري سال پيام، جن رهي ساعت نه سهان

نازڻ فقير ڇيس ته ادا صبر ڪان ڪم وڻ. گهوڙا گهوڙا مان ڪجهه نه ورندو. تنهنجي پڇرڻ ۽ پاڻ مرڻ ڪري بيگم اڏامي ڪونه تو وٽ لهندي. اهو ننهڪڙ عورتن جو ڪم آهي. مرد مشڪلاتن سان مقابلو ڪندا آهن. جوانن جو ڪم آهي ٽڪر ٽاڪڻ ۽ ڏونگر ڏاڙڻ تون دنيا ڪي ترڪ ڏيئي وڃي ڪا ڪنڊ وسائيندي، ته انهي مان ڇا حاصل ڪندين؟ رڳو ڳٽتي ۽ غم، ٻيو ڪجهه به نه اٿي ايو ٿي. ويڻي شينهن به بک مرن. سهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کندين تہ سچڙ لونديون، همت کندين تہ حبيب ملندءِ
مڙسي کندين تہ محبوب هٿ ايندءِ.

ڏورينديون ڏسن اگـڙ عجـيبن جـا
کوشش کر، تہ کاميابي تنهنجا قدم چمي
ويڻي ور نہ پون، ستي ملن نہ سپرين
جي مٽي رندن روڙ، ساجن ملي تن کي

اُداسي چيو، تہ ادا جتي باهہ ٻري جاءِ اها جلندي، مون سان جيڪي آهي، سا مون کي خبر آهي، ٻيا ڇا ڄڻندا؟ لوڪ سڀ آهي ڪلڙ وارو. تون مون کي زنده ڏسي رهيو آهين، پر نہ نہ، آڏون زنده نہ، پر مرده آهيان جيئرو نہ پر مثل آهيان، مون کي رات تہ رات پر ڏينهن بہ رات نظر اچي رهي آهي. منهنجي دنيا برباد ٿي چڪي آهي. منهنجون اميدون مري چڪيون آهن. جي تو کي مون سا ڪا همدردي آهي، تہ الٽي ڪو بلو ٻيٽي ڪر، وقت اهو اٽئي. سچو دوست بہ اهو ئي هوندو آهي، جو وقت پئي -م ايندو آهي. توکي بہ ياري ملهائڻ جو وقت هيءَ آهي. تنهنجا زباني دلاسا منهنجي من کي آڏت ڏيئي نٿا سگهن. تنهنجون مٺڙيون مٺڙيون گالهيون منهنجو روح پـرپائي نٿون سگهن. تنهنجي نصيحت جو آپ منهنجي اندر جي آتش اجهائي نٿو سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يار سڏائي سيڪو، جاني زبـانـي
آهي آساني، پر ڪرپٽي ٿي ڪل پوي

نازڻ فقير چيو، ته سائين آڻون تنهنجي حڪم جو بندو آهيان. مون کي باهه ۾ اڇلائيندين، ته به ٿيي ڏيڻ کان کين ڪيائيندس. تون اول اها خبر وٺ، ته بيگم سان ڇا وهيو واپريو؟ ڇا ائين ته نه آهي ته هو خود تو کي وساري وڃي پنهنجن سان ملي. حيڪڏهين هن کي زوري قيد ڪيو ويو آهي، ته پوء ڪوشش ڪري هن کي آجو ڪيو ويندو، پر جي هوء خود بهار ويئي آهي، ته پوء اسان جون دانهون ئي اجايون آهن. مون کي شڪ آهي، ته هوء اتي وڃڻ سان منجي ويئي. لاڙ جي واء هن کي ڦيرائي وڌو. ٻيو هيء پار ڪانهي، جنهن کي ڏڪو ڏيئي وهاريو ويو آهي يا اهڙو ڏوهه ڪونه ڪيو اٿس جو زنجيرن ۾ جڪڙي ويئي آهي.

اداسي دانهن ڪري چيو ته نازڻ تون پليل آهين. تون شڪ جو شڪار نه ٿيءَ. هوء بي وفا نـه آهي. دغاباز نه آهي. هوء وفا جو پتلو آهي، سچائي جي تصوير آهي. هوء منهنجي آهي ۽ منهنجي ئي رهندي. هن جي مون سان جان جي بازي آهي. اسان جا سرن جا سودا ٿيل آهن. اسان کي موت ڄاڻ سواء ڪوبه جدا ڪري نٿو سگهي. اسين هينئر به هڪ ٻئي کان ڪوهين دور آهيون، ليڪن اسان جون دلهون گڏ ڪچهري ڪري

رهيون آهن. هوءَ ٻيو سڀڪجهه وساري سگهي ٿي، ليڪن اداسي هن جي دل جي قرهيءَ تان ميٽجي نٿو سگهي. هن تي سوين سختيون ٽٻن، هن جو هڏ چم کان ڏار ڪيو وڃي، هن کي وڏي ڪٽرا ڪٽرا ڪيو وڃي، تہ بہ هن جي ڪٽري ڪٽري مان جيڪو آواز نڪرندو، سو هيءُ هوندو:

اداسي! محبوب اداسي! سچڙ اداسي! پيارا اداسي!

نازڙ اها زبان شل چٽي ٻوي، جيڪا بيگم کي بيوفا سڏي! ڇا تریاق زهر ٿي سگهي ٿو يا شربت جو ساغر بدلجي وهہ جو پيالو ٿي سگهي ٿو؟ گل ڪڏهين بہ خار نہ ٿيندو.

نازڙ چيو تہ ادا برابر تون سچو هوندين. پر بيگم نہ تنهنجو هڏ آهي نہ رت آهي. نہ ڏيهي آهي نہ ڪوٽي آهي. هوءَ تہ پرڏيهاڻي آهي ۽ تو بہ ڏسي وائسي ان وٽ پاڻ اڙايو. پڌو ڪونہ اٿئي:

پرديسين جي کهڙي ياري، رات رهي کن صبح تياري

هاڻ تو کي بہ ڏونگر ڏورٽو ٻڌو. پرين جا پنڌ پيچر پچائٽا ٻيا. سچڙ لاءِ سانگي ٽيٽو ٻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان اڏون

ڏک جا ڏونگر

ڏکيءَ ڏورڻ پاڻ تي، ويچاريءَ وڏو
ڏيل جنهن جو ڏک سين، سپوئي سڏو
هئڙس اڳ لڏو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا

انسان جي قسمت ۾ جيڪي لکيل آهي، سو هر حيلي پرٽو آهي، پر ٽرٽو ڪينهي. تقدير آڏو تدبير نه هلندي. ازل جي ڪاتب پهرين ڏينهن جيڪو قلم وهائي چڏيو آهي، سو ميٽجڻ جو نه آهي. انسان نه ان کان بچي سگهي ٿو، نه ڇٽي سگهي ٿو. ڪيئن ڪوشش ڪجن، هزارين حيلا هجن، پر اهي سڀ بي سود. انگ کي ونگ پوٽوئي ڪونهي،

توڙي ولاڙون ڪرين، توڙي هلين وڪ
لکئي منجهان لک، ذرو ضايع نه ٿئي

بيگم ويچاريءَ کي به ڇٽيءَ جي ڪل کانه هئي. اداسيءَ کي اداس چڏي ڏاڍي شوق سان هٿ آئي هئي. هاڻ هٿ وڌيءَ جو نڪو ويچ نڪو طبيب. ماڻهي پاڻ کي پئي ملامت ڪيائين. هيءَ اندر جي پاڪ هئي، تنهن ڪري هن ذرو به ڪونه سمجهيو هو نه ڪو مون کي ڏوڪي سان نيئي پوءِ نظر بند ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويندو. هاڻ هن کي خبر پيئي ته اڃن ڪپڙن اندر ڪاريون دليون ڏيکيل ٽينديون آهن.

هيءَ ويچاري رات ڏينهن ماڻ ڏي ماڻ ۾ هوندي هئي. جڏ ته چپ سبيا پيا هوندا هئس. هڪ ڏينهن اندر وارن هن کي چيو، ته چوري هاڻ تون اسانجي راءِ تي هل، جي نه ته توسان اهڙو ڪم ڪبو، جهڙو ڀرڙي ڪيو هو پارن سان.

بيگم چيو ته جيجان ڪنواري هوندي منهنجي پيءُ مون کي هڪ حيوان جي پٽيان لائي ڇڏيو هو، ته به مون ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي. مائٽن جي ڏنل مڙس کي پنهنجو سرتاج سمجهيم. مون گولي ٽي هن جي اڳيان وقت گذاريو، مگر هن بي قدر منهنجو قدر نه ڪيو. مون بي گناه کي تڙي ڪڍيو. ان بعد مون کي هر ڪو حق آهي، ته آڏون پنهنجي زندگيءَ جو سهارو، مٿي جو موڙ، سر جو والي، حياتيءَ جو رفيق ۽ عمر جو دوست گولي لهان. آڏون هاڻ وات وکيل آهيان. پنهنجو نفعو نقصان سڃاڻان ٿي. پنهنجي گهاڻي واڌي جي چاڻ ٿم. شرع شريعت موجب حق حي طالبِ آهيان. بچڙي کانم ڪئي اٿم. منهنجو دامن پاڪ آهي. منهنجي اڃا ته الله پاڪ لڄ رکي آهي، اڳتي به انهيءَ نگيءَ تي ننگ آهي. هاڻ پنهنجو ور پاڻ چونڊي پنهنجي پيءُ کي چيو اٿم، ته مهرباني ڪري منهنجو انهيءَ اداسيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان پلئہ گھڑيو. تون هتن سان سرهي ڪر. منهنجي امڙ، انهيءَ ۾ مون کهڙي اربعا خطا ڪئي آهي، جو مون تي طرح طرح جون سختيون ڪيون پيئون وڃن؟ جيڃان خدا جي سرڪار ڏاڍي اٿو. هو بي پرواهہ بادشاه آهي. هو حاڪمن جو حاڪم، شاهن جو شاهہ آهي. هن اڳيان هاٿي ۾ ڪيلي مثال آهي، نمرود کي ناس ڪرڻ وارو، فرعون کي غرق ڪرڻ وارو ۽ شداد جي سختيءَ سان جان وٺڻ وارو اهوئي حاڪم آهي. هو ظالمن کي ڏگهو رسو ڏيئي ڇڏيندو آهي. هن جي ديگ دير سان تپندي آهي. هو ٻيو ڇڏيندو آهي، تہ من اهو ظالم سمجهي ۽ پنهنجي ڪڏن ڪرتوتن کان باز اچي، پر پوءِ جڏهين ڏسندو آهي، تہ هي ستمگر نہ مڙيو، تڏهين انهيءَ کان سپ ڪسرون ساري ڪيندو آهي. منهنجي آهہ بہ انهيءَ ڏانهن آهي. ٻيو هت آئون ڪنهن کي چوان؟ ڪنهن اڳيان کارون ڪريان؟ ڪنهن جي پيش فرياد ڏيان؟ منهنجو ناز هو توتي، سو تون مون کي مڏي ڪاتي سان ڪهڻ لاءِ تيار ٿي ٻيٺي آهين، باقي ٻيو هڪڙو در اٿم؟ هاڻ جي ڪا رحم جي رتي اندر ۾ هجئي، تہ لائقن پري ٿي پنهنجا لائق ڪر، نہ تہ تون وس واري آهين. منهنجي چا مجال آهي، جو تنهنجي اڳيان حرف ڪڍان. وڙائتا هميشہ وڙ ڪندا آهن. چڱن ڪان چڱايون ٿي ڏيندیون آهن. نيڪن مان نيڪي جي اميد رکبي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيجان هن جي انهيءَ گفتگو تي تپي تپي باهه ٿي
وئي. هن کي چيائين، ته تون ايڏي ٿي آهين، جو
منهنجي سامهون ڪنڌ مٿي کڻي ڳالهائي سگهين ٿي.
ي شرم اڃا به تون اداسي اداسي ڪندي وتين. ياد
ر ڪ تون اداسيءَ جي ڪنهن به حالت ۾ ٿي نٿي سگهين
تو کي اسانجي مرضيءَ موجب شادي ڪرڻي پوندي.
امان تو کي نپائي تاتي انهيءَ لاءِ وڏو ڪيو هو، ته تون
وڏي ٿي اٿي عشق ڪمائجان ۽ اسانجو نالو بدنام ڪجان؟
خبردار جي اڄ کان پوءِ اداسيءَ جو نالو ورتو اٿئي، ته
مرنهن جيڏا داڻا ڪري چڏيندي سانءِ.

بيگم چپ چاپ سپ ڪجهه سڻي رهي هئي. جڏهن
جيجان ڪاوڙ چندي بس ڪئي، تڏهين اٿي سندس
پيرن تي ڪري پئي. ڪيس ليلائي چيائين، ته جيجان تون
ماڻهن جي ڳالهين تي لڳي مون کي گهٽ وڌ چئي رهي
آهين، اينهين نه ڪر. تون ٿڌي سيني سان منهنجي
ڳالهه ٻڌي ويچار ڪر. منهجي سائين، مون هيڏي ڇمار
ڏکن ۾ ڏني آهي. چٽيءَ جي چورڻي ٿي هٽ آيس
۽ سامايس ته وڃي سورن جي منهن ۾ پيس.

سرجي تان سور، سامائي تان سک ويا
اهي ٻئي پور، مون نماڻي نصيب ٿيا

پرٿي مان به مون کو نه پرايو. سيڪا سهاڳڻ ٿي
سکن ۾ پوي، پر آڏون ڏهاڳڻن کان به وڌيڪ ڏکن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پٽجي ويس. مون لاءِ هڪڙو سڄ ۾ خوشيءَ جو ڪونہ اپريو. هڪڙي حيوان سان ڏکيو سکيو وقت ڪاٽيم. جي ان وقت آئون ڪاوڙجي اچي ماڻنن ۾ اهان ها، تہ سوين ماڻهو مون تي آگريون سڄين ها. ساڳي تون ۾ چوين ها، تہ چوري وڃي پنهنجي نڪاح پڌي سان نباهہ هت هاڻ چا رکيو اٿئي؟ هاڻ تنهنجي مانيِ ماڻنن جي گهر ۾ نہ آهي. مون تہ سڄ پڄ ڄڃن وقت گذاريو، پر هن مئي نيٺ مونکي جڳ ڪان بچڙو ڪري ڪڍي ڇڏيو. هاڻ مون پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي وڃي ڳوليو آهي، تہ سڄو لوڪ مون تي کسٽو ٿي پيو آهي!! امڙ مون کي ٻين جو ڪو ۾ ارمان ڪونهيءِ جي اٿم تہ فقط تنهنجو اٿم. تون تہ مونکي لاڏين کوڏين پرٽائين ها. تون مون کي هٿين سرهو ڪرين ها. منهنجا انگل ۾ توتي ڏهن ٿا. پر تون اڻلو مون لاءِ قاتل بنجي پئي آهين. مون لاءِ ڪات کهاڙا ڪٽي ڪنيا اٿئي. اڄ منهنجي ڳل تان ڳوڙهو نٿو سڪي، لڙڪن جون لارون پيئون وهن مگر توتي ڪو ۾ اثر نٿو ٿئي !! اڻلو وڌيڪ سخت ٿيندي وڃين ٿي! تون تہ ايڏي رحمدل هٿين، جو پراون تي ۾ اسهم چڏيندي هٿين پر اڄ تو کي چا ٿيو آهي؟ شايد منهنجو نصيب ندورو ٿيو آهي. ياڳ ڏنو آهي. بس بس ڏٽيءَ جا اهيئي پار آهن. هاڻ آئون ڪنهن کي ڏوهہ نٿي ڏيان. ڪنهن تي ميار نٿي رکان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيجان چيس تہ نياگي تون مون کي ڏاڍي پياري آهين. تو ڀڏو ڪونهي، تہ نيپاج اولاد کان وڌيڪ مٺو ٿيندو آهي. پر تو اسان کي ٿڪو لاتو، اسان جو نالو گم ڪيو. اسان تان ماڻهو ڪلايا. تو اسان ۾ چڏيو چا؟ هاڻ به تون پاڻ زوري ٿي پنهنجي مرضيءَ تي ٿي شادي ڪرين تہ، اهو اسان کان ڪيئن سٺو ٿيندو؟ هوڏ چڏ ضد نہ ڪر، آڻ مڃ اسان جي پڌيان لڳ، تہ پوءِ تو کي ڏس تہ ڪيئن نہ ٿا پانيون! باقي تون چوندين، تہ آڏون وڃي اداسيءَ سان رنگ رليون ملهاڀان سو انهيءَ تريءَ تيل لڳڻوئي نہ آهي. تون اداسيءَ کي چڏ ٻيون چارئي ڪنڊون گهول، پوءِ جتي به تنهنجي دل چوي، اتي اسن ڪري ڏيون ۽ اوڏي مهل ٿي ڏاڍن دهلن دمامن سان تو کي شينهن ڪلهي چاڙهيون.

بيگم چيو، تہ جيجان مون جنهن سان ٻول ٻڌا آهن، تنهن سان ٿي پڪا آهن. هي ٻولي ٿيٽي نہ آهي.

ڪٿي سا رهي ٻولي ٻاروچن سين.

جيسين جان ۾ جان آهي، هڏن تي ماهم ۽ سسيءَ ۾ ساهم آهي، تيسين زبان مان هي واڻي نہ نڪرندي. منهنجي قسمت ۾ جيڪو انگ وهڻو هو، سو وهي ويو، قلم کي جيڪي لکڻو هو، سو لکي سڪي ويو، هاڻ چا ٿيندو؟

ڪنهن جي تقدير سي گهر گهاريندين ڪيترو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيجان آئون تلف ٿيس، تاراج ٿيس. برباد ٿيس ناشاد ٿيس. منهنجي راحت کي رنج سان، عيش کي ايذاءَ سان، خوشيءَ کي غم سان، آرام کي آزار سان متايو ويو آهي. آئون پائمال ٿي چڪي آهيان. بنهه فنا ٿي وئي آهيان. هاڻ آئون دنيا جي تختي تي جهڙي آهيان تهڙي نه آهيان. تنهنکري منهنجو هن گهر کي سلام گهر وارن کي سلام. سرتين ساهيڙين کي سلام، جيڏين ويڙهه وارين کي سلام. بنگلن محلن کي سلام، کوڙن کنگرن کي سلام. وڻ ٻوٽن کي سلام. درين ديوارين کي سلام. اوهان جي پيار کي سلام، ته اوهان جي ڏکار کي سلام. منهنجي اکين کي پيارل جي پسڻ جي اميد هئي، سا ختم ٿي. اهي هاڻ اندين آهن، نابين آهن، معذور آهن. جيکي ڏسڻو هون، سو ڏسي چڪيون. ڪنن کي محبوب جي مٺڙي آواز ٻڌڻ جي تمنا هئي، سي هاڻ ٻوڙا آهن. هنن کي به جيکي ٻڌڻو هو، سو ٻڌي چڪا. دل کي آرزو هئي، ته هتان هلي حبيب سان هيکاندي ٿيندي ۽ ريجهه رهاڻ ڪندي، سا هاڻ مري چڪي، بلڪل بي نور ٿي چڪي.

جيجان! هاڻ منهنجا عضوا سست، بدن بيڪار، هڏ هيڏو ٿي چڪو. هاڻ مون کي حياتيءَ جي ڪا درڪار ٿي نه آهي. جيئڻ جو لاچار ڪونهي. هاڻ مون کي مار. مونکي قتل ڪر مون کي گپا گپا ڪر. منهنجو سڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سڏ الڳ ڪر. ٻڌ منهنجي دل جو آواز ٻڌ. ڪن ڏي، ويجهي ٿي. ٻڌ، هوءَ موت کي ڪيئن نه پڪاري رهي آهي! ڪيئن نه موت کي سريلڙا سريلڙا سڏ ڪري رهي آهي! آءُ آءُ اچي سيني تي ڪن رک.

اي محبوب موت! ماڻهو تو کان ڊڄن ۽ ڀؤ ڪن ٿا، ڏکن ۽ ڪنبن ٿا، مگر آئون ته تو کي ساريان پئي، پلپل پڪاريان پئي. تون سڏڙا سڻ، پاڪار ٻڌ، وهلو ور، سگهو اچي مون کي منڙي ننڊ ۾ آرامي ڪر. هنن عذابن کان، مهڻن ۽ طعنن کان، ڪاوڙ ۽ غصي کان، ڏمر ۽ قهر کان آجو ڪر، آزاد ڪر. پنهن جا پرڙا ڪولي انهن ۾ پناهه ڏي.

جيجان ڦوڪجي چيس، ته نياڳي تون اصل ڪانه رهندين. بس منهنجي اکين اڳيان ٿر. پانهين کي حڪم ڏائين، ته هن تي تمام ڪڙي نظر رکو. هيءَ نوا کان نڪتي پئي آهي. هن جو مغز جاءِ نه آهي. هن تي تيسين سختي ڪندیون رهو، جيسين دماغ ٽڪاڻي لڳيس.

پوءِ ته بيگم لاءِ جنسي دوزخ بنجي ويو. جيجان کي ۽ جنهن مهل پور پوندو هو، تنهن مهل ڪٽي سوٽني اچي وٽندي هيس. ڪنهن مهل ٽڦڙن ڏي ٽڦڙن سان هن کي نيرن ڪرائيندي هئي. مطلب ته هن لاءِ هيءَ جهڙي جلاد هئي.

سيان صاحب جي پانهين ۾ رحيمان نالي هڪ ڪنيز هئي جنهن جي عمر تقريبا ٢٠ سال هئي. هوءَ اڃا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنواري هئي. ٻيءُ ڪانسواءِ ٻيو مائٽ ڪونہ هوس منڊس. والده رحلت ڪري چڪي هئي. هوءَ پڙهيل هئي ۽ لکي پڙهي چڱيءَ طرح سگهندي هئي. انهيءَ جو بيگم لاءِ ڏاڍو هڏ ڪرڪندو هو. جنهن وقت هن ٽي مارڪٽ ٽيندي هئي، تنهن وقت هيءَ جهجي پوندي هئي. پر هوءَ ويچاري بيوس هئي. ڪري ڪجهہ بہ نٿي سگهي. البت بيگم کي پنهنجي منهن وچي دلداري ڏيندي هئي. سياڻا چوندا آهن، تہ پڏندي لاءِ ڪڪ بہ سهارو، سو هن لاءِ رحيمان بہ وڏو ڏيڻ ٿي پئي. چند ڏينهن بعد هنن جي پاڻ ۾ تمام گهٽي گهرائپ ٿي ويئي. ٻئي هڪ ٻئي جون رازدار بنجي ويٺون. نيٺ هڪ ڏينهن رحيمان چيس، تہ ادي منهنجي ڪرڻ جهڙو ڪو ڪم هجي، تہ آئون حاضر آهيان. تون رڳو حڪم ڪر.

بيگم چيس، تہ پيٽ جي ايهين آهي، تہ پوءِ هڪڙي مهرباني ڪر. تون پڙهيل آهين. آئون تو کي خط لکايان ٿي، تون اهو لکي اداسي ڏانهن ڪنهن نموني موڪلڻ جي مهرباني ڪر.

رحيمان چيس، تہ ادي منهنجو ٻيءُ مون کي تمام گهٽو پائيندو آهي. آئون ان کي ڏينديس، هو ڪٽي ڏپال ۾ وڃي ايندو. نيٺ اها صلاح پکي ڪري خط لکڻ شروع ڪيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جان ڪان پيارا اداسي

مڙيائي مانڊي هوتن ڊي نه هڪڙي.

دلبر، آئون تو ڪي رنج ڪري ميان صاحب جو راض ڏاڍي حب سان هتي پهتيس. پر هت ته رنگ ئي ڏنم. وڏي ڪا سازش ٿئيل هئي. اول ته مون تي زيادتي شروع ٿي.

جيڏين سرتين مهڻا ۽ طعنا شروع ڪيا پوءِ ته نئين نئين رنگ جون سختيون شروع ڪيون اٿن. جڏهين مار شروع ڪن ٿا، تڏهين اها خبر ڪانه ٿي پوين، ته ڏڪ ماڻن ڪي ٿو لڳي يا حيوان کي. مون کي رت وهي، هٿ ڇا، جي عضوو ڀڄي ته هٿن ڇا! هڪي منهنجا ڳچ ئي الوڙي وڏا اٿن، چار چار پهر، اٺ اٺ پهر ماني کائڻ ڏين. جي ڏين ته رکو ڏڪر ڪتي وانگر اڇلايو ٻاهر ٻه ڏينهن ڪوڻي ۽ پوري ٿي آهيان. بابي ۽ ڀائن کي پاڻ ۽ ملڻ جو امر ڪونهي. هيڏي سڄي ۾ فقط هڪڙي ڇوڪري آهي، جنهن جي مون همدردي آهي، باقي ٻيا سڀ جهڙا ورهين جا ويري.

مون سڏيندي سڏڙا، ساڻي سڏ نه ڏين
ولهيءَ جي وڻاڻ تي، توڏ نه ٽنوارين
هيڏا هاڃا ٿين، بـــري هن ٻنيور ۾

سڄڻ سائين، اها اٿئي منهنجي حال حقيقت. الهن ڪري ئي آئون توسان قولين ڪوڙي ٿيس سچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻئي مول کي ٻي ٻار و ٻر ٻڌايو ويو آهي. منهنجا ڪنب ڏوهي مول کي ٻيرو ڪيو ويو آهي. منهنجي زبان بند آهي. آئون فقط تنهنجو نالو به وٺي نٿي سگهان. چو ته تنهنجو نالو ٻڌڻ سان هن کي ٽانڊو لڳيو وڃي. هو آهي کان ٻاهر نڪريو وڃن. ٽيپو لعل ٽيو وڃن. هاڻ ته ڏڪي آهي جو سڀائي ڪري.

خط جو جواب ۽ پنهن جي خيريت جـــو احوال اڏريس تي موڪلجانءِ. آئون تفصيل وار احوال پوءِ ڏينديس.

واقع ٽنڊو محمد خان. معرفت حاڪم علي
دوڪاندار ملي ڪرڙ کوکر کي.
بيوس بنديائي بيگم

خط لکي رحيمان جي حوالي ڪيو ويو، جنهن شام جو اچي پنهنجي ٻيءُ ڪرڙ کي ڏنو. انهيءَ ٽپال ۾ وجهي وري موڪي اچي رحيمان کي اطلاع ڪيو.

هوڏانهن اداسي به ڏاڍو آتو هو. چيائين پٽي ته من کو پرين جي پاران ڀي اچي پيغام ڀڇجائي ۽ سنيهو سڀائي، ته اوچتوئي اوچتو هڪ لفافو اچي هن کي هٿ ۾ ملبو. خط کولي پڙهيائين. هن جا ون ئي وڃي ويا. نازڪ فقير کي گهرائي خط ڏيکاريائين. هن کي چيائين ته فقير صاحب ڏٺو.

مون تو کي اڳي ٻڌايو هو، ته هن کي ڪنهن لاچار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ر آهي، نه هوءَ جهلي جي نه هٿي. هاڻ تہ تو کي
ڪ ٿي. مون کي وڃڻ وقت ٿي پٽي پرياڻ پيا، پر
ء ان وقت جهلئي نہ جهلجي. چوي تہ جيجان جو
ي آبو آهي، سو آئون وڃان، پر جلد وڃان. هاڻ پل
ڙي، هيءَ ويچاري هنن لاءِ ماندي هٿي، پر هنن جي
ا ۽ هن لاءِ کا وڏي ستبل هٿي. واه ڙي زمانا واه!
جني لاءِ مياس، سي کاندي به نہ ٿياس. پوءِ هينيون
نو لکڻ شروع کيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻڌياڻي بلبل

اُٿن تڏهين ٿي رنو، جڏهين ٻوڙا ٿي سيبا.
مون تو کي پهرئين ڏينهن چيو هو، ته تنهنجو اوڏاهين وڃڻ مون کي ڪٿڪي کان خالي نظر نٿو اچي، ليڪن تون ۽ پڌي وڃڻ ٿي تري بيهي رهيا.

سچ چيو اٿن ته زال کي عقل ٿئي پير جي ڏاڙيءَ ڪڙيءَ ۾، سو به سڄ لٿي کان پوءِ ختم. تو به نه سوچيو نه سمجهيو پنهنجي هوڏي ٻڌي بيهي رهينءَ، هاڻ پاڻ کي ته آزار ۾ وڌءِ، پر ٻين لاءِ به ڏک وهايئ.

پاڻ ته پيٽي ٻن ۾ پر سوڌا به سازڻائين

آئون به تنهنجون راهون تکي ٿکي ٻيس.
منهنجي حالت اجها هيءَ هوندي هئي:

صبح جو سڄ ڪنهي ڪيندو هو، ته اکيون رستي ۾ وجهندو هوس. نهاري نهاري نهاري نهاري نيٺ ٿي ٿڪي پوندا هئا. پائيندو هوس، ته اجها تون آئينءَ. پر تون .....

افسوس تون نه آئينءَ سان نه آئينءَ !

ٻن ڦهرن جو جڏهن سڄ ڪاپار تي اينڊو هو، آسمان مان ٽاندا وسندا هئا، زمين مان چيهون نڪرنديون هيون، ڪاڻءَ جڙ اک ٻيٽي ويندي هئي، پکي پکڻ وٽن جي ڇانو ۾ وڃي آسائشي ٽيندا هئا ۽ مٽيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مڙيون ٻوليون ٻوليندا هئا، تڏهن منهنجي دل ۾ امنگ اٿندي هئي، ته کهڙو نه چگو ٿئي، جو هن وقت منهنجي بلبل مون وٽ اچي ۽ مڙي لات لئوي، ليکن تون.....

افسوس تون نه ائين ۽ سا نه ائين ۽!

شام جو جڏهن سج لهندو هو، پکي پنهجن واهيرن ڏي ورندا هئا، تڏهين آئون چوندو هوس، ته اجهو منهنجو پکيڙو اڏامي اچي ٿو اصلو کو آشيانو آباد کري، مگر تون.....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

رات جو جڏهين تارا پاڻ ۾ اشارا کندا، چند ناسجي مون ڏي نگاه کندو هو، تڏهين منهنجي اندر ۾ آرزو پيدا ٿيندي هئي، ته شايد منهنجا پرين پٽ ۾ آهن. اجهي آيا کي آيا، ليکن تون.....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

ڏينهن جو جڏهن مڙي مڙي هوا لڳندي هئي، وڻن ۾ پنن جا سوسات ٿيندا هئا، مئل دليون به جيئريون ٿي پونديون هيون، تڏهن مون کي تمنا ٿيندي هئي، ٿم شايد هي ۽ هير مون کي سڃڻ جي آمد جو اطلاع کرڻ آئي آهي ۽ پوء انتظار ۾ هوندو هوس، ته اجها تون آئين. ليکن تون.....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪڏهين ڪڏهين مهمانن جون گهوڙا گاڏيون ايندیون هيون ۽ انهن تي پري کان نظر پوندي هئي، تہ اُميدون جاڳي اٿنديون هيون. پوءِ جيئن گهوڙن جي سنبن جو آواز ويجهو پونـدو ويندو هـو، تيئن دل ۾ ڏک ڏک شروع ٿيندي هئي. اکيون انهيءَ طرف کپي ويندیون. هيون. ايستائين جو مهمان گاڏيءَ مان لهي اچي سامهون بهندا هئا. چشمو تنهنجي تصويـر ڏسڻ لاءِ چـو طـرف چڪاسيندا هئا، ليڪن تون ....

افسوس تون نہ آئينءَ سا نہ آئينءَ!

جڏهين آسمان ڪڪرن سان ڪارو ٿي پوندو هو، جانب کان جدا ٿيل جدائيءَ جون ڏانهون ڪندا هئا، تڏهين آڏون نہ آهہ ڪري آسمان طرف نهارينـدو هوس. ڪڪر ڪارا اوري پري ٿيندا هئا، تہ دل ۾ دل ۾ اميد پيدا ٿيندي هئي، تہ ڪو اڏند ڪٽولي بنجي سڄڻ کي سوار ڪري آڻي اڳيان لاهي ليڪن آرزو آرزوئي رهجي ويندي هئي ۽ تون.....

افسوس تون نہ آئينءَ سا نہ آئينءَ!

ڪڏهين ڪڏهين وري ڪانـگل ڪوٽي تي ويهي لات لوندو هو، تہ آڏون بهار بهار ٿـي ويندو هـوس. سمجهندو هوس، تہ هي قريبن جو قاصد مـون کي سڏ ڏيڻ آيو آهي، پوءِ ڪيس چوندو هوس، تـہ اڏر ڪيانتا ٻڌي ٽڪي ڏيانہ خبر ڏي خير جـي، پربن منهنجا ٻڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رها نہ؟ پوءِ هو تہ اڏري هليو ويندو هو، پر آئون تہ
ڏسي ۽ در تي اکيون اٽکايو ويٺو هوندو، هوس. دل
ئي چوندي هئي، تہ اجها بيگم آئي، پر تون.....

افسوس تون نہ آئينءَ سا نہ آئينءَ!

اي فلم! اٽ تيار ٿي. سستي چڏ. اٽ هن دل جي
داستان لکڻ لاءِ تيار ٿي. اڙي خدا جي واسطي ڪجهہ
بار ڏي لک، تہ دل جو بار هلکو ٿئي. ڏينهن گذريا
آهن، مگر آئون تہ سال ٿو سمجهان. بيقراري ۽ انتظاري
کان اندر ۾ آتڏ مانڊ آهي، خدا جي واسطي اٽ. اٽي
سنهنجي سڪ ۽ سوز جو سنيهو محبوب ڏي موکل.

هائو کيس لکڻ تہ:

ڏينهن ٿيا، جو ڏور وڃي ويٺين. پٺ جا ڏنيئي، تہ
پوئتي نہ نهاريئي. اڄ تائين سار نہ لڌيئي، تہ بيمار جو
ڇا حال آهي. تون وئين، تہ وڃڻ کي وئين، وري نہ
ورئين. نہ مکئي سڪ جو سنيهو، نہ پرت جو پيغام. نہ
قرب جو قاصد، نہ سلام ۽ ڪلام. تنهنجي ماڻ جون
راهون نهاريم، واٽون واجهايم، پنڌ پچايم، فالون پايم، پر
ڪٿان بہ پتو نہ پيو ۽ تون.....

افسوس تون نہ آئينءَ سا نہ آئينءَ!

سيارو آيو، ٿڌ وڌندي رهي. ماٺهو ڏڪندا رهيا.
مڻ مٿان ميڙ لڳي وئا. قرب جي ڪڇهرين ۾ راتين
جون راتيون گذرنديون رهيون. مٿان مانگهہ جون رهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شروع ٿيون. پارا پيا، اتر جي سرد هوا جا سوسات ٿيا. تا ته سيارو پنهنجو وارو وڃائي ويو ۽ تون... ....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

بهار آئي، مست هوائون لڳيون. گلاب ۽ موتيو ٽڙيا. چتون ۽ چنبا پوليون پولٽ لڳا. اونداهيون ويون، چاندوکيون آيون. چند جي چانڊاڻ کان مانڊاڻ لڳي ويا. گلن جي خوشبوءِ کان ماڪ واسجي ويا. سرهاڻ آئي، پر آءِ سرهاڻ سڃڻ تون .....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

اونهارو آيو. مهراڻ مست ٿيو، ڏکڻ ڏيهي ڪلي پيو، گرم جهولا شروع ٿيا. تاڙي جي تنوار ٿي، سارنگ سعيو ڪيو. بادل برسيو، سنگهار سرها ٿيا. رت ٽري، زمين ٽڏي ٿي. بج چٽيا، پوکون پچي ويون. آخر آرهڙ به الوداع ڪئي پر اي پرين تون.....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

دل مايوس ٿي اُميدن تي پاڻي ڦري ويو. سرءُ شروع ٿي، هرطرف ويراڻي نظر آئي. گلشن مان گلزاري ويئي، باغ مان بهاري ويئي. وڻ باکڙ ٿي ويا، زمين زرد ٿي ويئي. موسمن جي ايڏي مٽ سٽ ٿي، پر آءِ سهڻا تون.....

افسوس تون نه آئين ۽ سا نه آئين ۽!

آءِ قلم! اڃا به لک، هاڻو لک ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آي محبوب! توڏي ڪئين قاصد ڪجم. باد صبا ڪي پنهنجي اندر جي آهي ڏنيم، اها ضرور تنهنجي ڪن پئي هوندي. سانوڻ جي لڳهن ڪي اکين جا لڙڪ ڏنم، اهي بہ تو مٿان وسيا هوندا. چوڏهين جي چند ڪي نياپا ڏنم، اُهي بہ توکي پهتا هوندا. آسمان سان حال اوريم، ان بہ توسان اوريو هوندو. انهن سڀني قاصدن دل ڪي دلداري ڏني، پر آي دلبر تون.....

افسوس تون نہ آئينءَ سا نہ آئينءَ

بيقرار دل جي بيقراري مون ڪي هتي رلايو. درياءَ تي ويس. لهرن ۾ چولين سان گهالهايم. وچ سير جي وهڪري سان چار چار ڪيم. مڪڙي ۾ ملاح سان روح رهاڻ ڪيم، پر دل ڪي قرار نہ آيو. باغ ۾ ويس. وٽن سان وات ويڙهايم. گلن سان گفتگو ڪيم. بلبل جو ديدار ڪيم. پوندن جا پيرا ڏٺم. جبل جهاڳيم، ڏونگر ڏوريم، ميدانن تي مسافريون ڪيم. واريءَ جي پٽن ۾ پيرا ڏنم. ايڏن جاکوڙن بعد دل ڪي قرار نہ آيو.

آي سڄڻ تو سواءِ سهاڏن بي‌نور آهن، صبح سڄاڻي سور آهن.

جڏهين برسات جي وسڻ جا سعيا ٿيا. ڪارا ڪڪر ڪر ڪٽي آسمان تي چانڊجي ويا، وچ لڇڙي: محبوب وانگر جهاتيون پائڻ لڳي، گوڙ گهمسان ڪيا، اوهيرن جي اوت ٿي، پيچ پيچ جا نعرا لڳا. اني جي هير لڳي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آي منهنجا محبوب تڏهن تنهنجي سر جو سنهن ٿون مون کي
ياد آئين !

جڏهين ندي‌ء جي ڪناري تي شام جي ٽڏ ڪار
ٽي، تڏهين سامهون پيڙين جي قطار نظر آئي، جڏهن
درياءَ جي گهيڙن تي پدمڻين جا ٽولا سينهن تي دلا رکيو
چيرن جا چمڪاٽ ڪندا پاڻي ڀرڻ آيا، تڏهن آي
منهنجا سچ :

تنهنجي حسن و جواني جو قسم تون‌ئي ياد آئين!
جڏهين عيد جو چند ڏٺو، ماڻهن خوشي‌ء وچان هڪ
ٻئي کي مبارکون ڏنيون، پارن ٽپا ڏنا، صبح ٽيو
سيڪو وهنجي سهنجي صاف ٿيو، نوان ڪپڑا ڍڪيائون،
عطر عنبر مکيائون.

تڏهين تنهنجي جوڀن جو قسم تون‌ئي ياد آئين!

تنهنجو سڪايل
آداسي

خط لکي ٽپال ۾ وڌائين، جو ٽئين ڏينهن بيگم
جي هٿن تائين پهچي ويو. رحيمان پڙهيو ۽ هن کن
ڏيئي ٻڌو. ويچاري‌ء کي ويچار ته وڏوئي ٿيو، پر ان
وقت ڪري ڪجهه نٿي سگهي. ڏنائين ته آداسي حد
کان وڌيڪ اوسيڙو ڪيو آهي. دل ۾ چيائين، جي
آئون اها پل نه ڪريان ها، ته هن کي ايتري تڪليف
نه سهڻي پوي ها. پوء رحيمان کي چيائين ته ادي ٻڌاء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇا هاڻ ڇا ٿيندو؟ ڇا اسين وڇڙيل سڏائين واجهائيندا رهنداسون، يا ڪو ميلاپ جو سڄ به ايندو؟

رحيمان چيس، تہ ادي بيگم الله مان ڪو آسرو لاهيو؟

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ للائج
آسرو لاهيج، سڄڻ باجهيندڙ گهٽو

هو ڪريم ڪارساز آهي. هن وٽ ديرئي ڪانهي. جيڪو انسان سچيءَ دل سان هن اڳيان پاڏائيندو آهي، تنهن جي هڪدم سٽندو آهي. هو چاهي تہ نار کي گلزار ڪري، چاهي تہ باهہ ۾ باغ ٻاڻي. هو بي وسيلن جو وسيلو ۽ بي جهلن جو پرجهلو آهي. بي واهن جي واهہ ۽ بي يارن جو يار آهي.

سمر جن نہ ساڻ هوت حمايت تن جي

هن کي سچيءَ محبت وارا جوڙا ڏاڍا مٺا هوندا آهن. البت هنن کي آزمائيندو آهي. جيڪي ان امتحان ۾ پاس ۾ ٿيندا آهن، تن لاءِ دنيائي جنت بنائي ڇڏيندو آهي. تون بہ انهيءَ مالڪ حقيقي ڏانهن منهن ڪر. ڏس تہ ڪٿن نہ دشمن دفع ۽ سڄڻ سامهون ٿو ڪري!

بيگم چيو، تہ ادي سون لاءِ درئي اهو آهي، پيا تہ سڀ دروازا بند آهن. پر هاڻ آڏاسيءَ کي سڄو حال ڪولي لکڻ، تہ ڪيس خبر پوي، تہ مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان بعد رحيمان کي هيٺيون خط لکايائين:

سردار سهڙا

تنهنجو سڪ جو سنيهو ۽ پرت جو پيغام پهتو. هيءَ دکي به ويڻي ويڻي وڃلي. هن درد مند دل جو داستان به ٻڌي ڇڏ.

جڏهين کان مون تي ڏمر ۽ ڏاڍ شروع ٿيا، سختين تي سختيون وڌڻ لڳيون، تڏهن کان منهنجي دل ۾ آرزو پيدا ٿي. آڏون انهيءَ اميد جي آسري تي ڏکڻ جا ڏهاڙا ۽ رنج جون راتيون ڪاڏيندي رهيس، ته من ڪڏهين کوڻن جي قيد مان آزاد ٿيان، پر افسوس صد افسوس جو نماڻيءَ جا نير لٿا! سي نه لٿا!

گهوٽ ۾ شادين جون ڏمون ٿيون. دهلن جا ڏوڏڻ متا. ڪن ساوا ويس ڏکيا، ته ڪن گلابي پوشاڪون پهريون ڪن سرمي سان اکيون سينگاريون، ته ڪن ڪجل پائي اکيون ڪاريون ڪٽوريون بنايون. مطلب ته هر ڪا خوشيءَ ۾ ڇڻ ٽپ ۽ ڦيريون پائڻ لڳي. مون ان وقت به نه ويس ورن ڪيا، نه هار سينگار ڪيا. نه اٽيا سٽيا ڪيا نه تيل ڦليل مکيا. نه سرمون پاتو، نه سرخي لاني. جيجان کي فقط هڪ عرض ڪيم، ته آي جيجان! تو کي هن خوشي جي موقعي جو قسم مون کي موڪل ڏي، منهنجا بند خلاصا ڪر، منهنجون پيڙيون لاهه. پر افسوس.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

عيد آئي سڀني خوشي ملهائي، چو طرف وڌايون وري ويهون. طرحين طرحين طعام تيار ٿيا. سترچيون رڌيون ۽ اوڙي پاڙي ۾ وندون ورچون ٿيون. گهر جي ننڍي وڏي نوان ويس ڏيکيا ۽ خوشبويون مکيون. هڪ ٻئي سان کليو گهالهايو ۽ مبارکون ڏنيون. منهنجي اکيان ان وقت به رکو ٽکر رکيو ويو. مون انکي چمي چشمن تي رکي بسم الله کري پاڻيءَ سان کائي ڇڏيو. پوءِ وقت جو وڃهه وٽي وڃي صدا هنيم ۽ جيجان کي چيم، ته هن عيد جي بهاريءَ جي محابي مونکي موکل ڏيو، ته وڃي نوان ويڑها وسايان. پر افسوس کم نصيب قسمت ان وقت به ساٿ نہ ڏنو ۽ .....

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

مند موڙي آئي، تاڙي تنوار ڪئي. اکين ٽي، ته اُتر کان آگم اُٽيو. ککرن جي کار ڏسي سڃڻ جي سار ٽي. وڃن ور وڏا دل ۾ وڪڙ پيا. بادل منهنجي بري حال تي ماتمي لباس ڏکي مٿان اڇي ٻيڻا. اوچتو وڏ قڙي جا واکا ٿيا. اتر کان اوهيرا هڪڙا بس ٿيا، ته ٻيا آيا. نيٽ انهن به ڪيڇ وقت مون سڙيءَ جي سورن تي روئي روئي ڪٽي بس ڪئي. مون ان وقت الٽي جيجان اکيان پلاند اڇلايو ۽ ڪيس ڇوڙي، ته امڙ هن موچاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مند جي محابي مون کي موکل ڏي، پر افسوس جو اها صدا به منهنجي نه اگهاڻي ۽.....

نمائيءَ جا نيئر نه لٽا سي نه لٽا!

عيد گذاري محرم آيو. ڪن نيرا رڳايا، تہ ڪن ڪارا ڪيا. ڪن رسمي گوڙها گاڙيا، ڪن دليان رنو. ڪن اوسر چيا ڪن هنجون هاريون. ڪن هاءِ هاءِ ڪئي، ڪن واءِ واءِ ڪئي. ڪن اڇنگارون ڏنيون، ڪن نير واهايو. ڪن کير چڏيو، ڪن روزا رکيا. مطلب تہ محرم جا ڏهئي ڏينهن ماتم ئي ماتم نظر آيو. وري عجب اهو، جو ڏهو گذريو تہ ڏک جو نالو ئي نہ رهيو. جت ڦٽکا هٿا اُٽ نچکا ٿيا. جت روڄ هو، ات خوشي ٿي. جن گلن ڏان گوڙهو سکوئي ٿئي، سي سرخيءَ سان سرخ ٿيڻ لڳا. جن جي اکين مان اشکو هنداڻي رهيا، سي ڪجل جي ڌار پائي قتل جي ڪار ڪرڻ لڳيون. جن نيٽن مان نير پئي وهيو، سي سرمي سان سينگارجي ويون. جن هٿن نير سان ڪپڑا پئي ڪارا ڪيا، سي مينديءَ رتڙا ٿي پيا. مون کي ڏاڍي حيراني ٿي. مون ڏٺو تہ اهي ويچاريون لوڪ لڇا ڪان ائين ڪري رهيون هيون، پر. کين ڪو سچو غم ڪو نہ هو. منهنجا سرتاج سچ چيو اٿن:

ٻيون هونهين هٿ هٽن رنڊيون رڙ واريون
مون لاءِ تہ هت اڇڻ ڪان ٻوءِ هميشه ماتم هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوءِ هن محرم گذرڻ بعد آئون جيجان وٽ ويس. ڪيس پانهون ٻڌي عرض ڪيم، ته جيجان هنن شهيدن جي صدقي مون تي ياال ڀلاءِ؛ مون ڪي موڪل ڏي. پر هن ڪي ڪا ڪانه وهي ڪ.....

نماڻيءَ جا نيئر نه لٽا سي نه لٽا!

مند ڦري ڪونجن جا ڪرڪاٽ ٿيا. روهاڪين روهه ساري وطن واڳ واري. سانگي سانگ ڪري واپس وايا. ڪن تي پڙلاءِ پيو، اندر ۾ اڏ مو ٿيو. روح ٽپ ڪائڻ لڳو، جذبات پرڪيا. مون چاهيو، ته آئون به پڪيءَ وارا پر ڪري اڏامي وڃي اداسي وٽ لهان. اٽيس، ڦٽڪيس، زور لاتم، طاقت آزمايم، پر..... پر

نماڻيءَ جا نيئر نه لٽا سي نه لٽا!

هڪ روز جيجان بيمار ٿي. ستيون شروع ٿيون. ڪين فرق نه ڪيو. بيماري وڌندي ويئي. ماٺهن جا ميڙ اچڻ لڳا. هڪڙيون مايون پڇيو وڃن، ته پيون اچن. خوشامدڙين جي ڪڙهه لهي پيئي. جتيون ٽي گهمائي ڇڏيائون دوائن جا شيشا به هڪڙا ڪپن، ته پيا اچن. پر "چري ڪيئن چي ويران ويرِ وڃ" وارو قصو ٿيندو ويو پوءِ ته دوا سان گڏ دعا به شروع ٿي. ڦيٽا چنڊا ٿيا لک صلواتون نڪتيون. آخر بيماري پويان پير ڪيا مهني بعد مٽي پاڻي وڃائين. خير خيراتون ٿيون. معصوم ڪ فقير کارايا ويا. ڏاڏيون خوشيون ملهايون ويون مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بہ رڑھي وڃي مبارڪ ڏني. پوءِ عاجزي سان چيومانس، تہ جيڄان تو ڪي الله پاڪ هٿ سڃو ڏنو آهي. هاڻ مون مسڪين تي مهر ڪر. هي پيڙا پيرن مان ڪڍي مون ڪي آجو ڪر، پر افسوس اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي بہ مون سان اهائي شوخي رهي ءِ.....

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

مهنو گذريو، ميان جي ڪي ولي پاڪ مهر ڪري پٺڙو ڏنو. مٽايون ورهائجي ويون راڳ رنگ شروع ٿيا. ماٺهو ساوا ستابا، تن تي ڏينهن تي راتيون پئي غريب ڪارايا. سوالي موالي ڪٿين اچي ڪٺا ٿيا. جنهن جو جيڪو نصيب هو، تنهن کي اهو مليو. ڪوبہ خالي هٿين در تان ڪونہ ويو. مون بہ اوڏي مهل جيڄان اڳيان وڃي جهولي جهلي. ڪاوڙجي قهر مان چيائين، تہ ٻيو جيڪي گهرين سو گهر، باقي اداسي ڏانهن موڪل نہ ملڻي اٿئي نہ ملندئي. اندر ۾ ارمان ٿيو نراڙ ڪٽيم، قسمت کي پٽيم. چيم تہ افسوس هڙي مبارڪ وقت تي بہ.....

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

هڪ ڏينهن ميان جي جو مرشد اچي لٿو. خلق ۾ دوڙ دوڙان پئجي ويئي. ننڍو وڏو خوشيءَ ۾ اچي ويو. چيلا ٻڪر ڪسي ويا. مرشد سائينءَ جي مانيءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. هانڀون ڏسو، تہ ٻهڪن ٻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڀڳن. آخر طرحين طرحين طعام رڌا، سائينءَ ڏي ڪڇي وياس حويليءَ جي اندر ۾ هرڪنهن ڪائي اوباريو. اهڙي موقعي تي هن بندياڻيءَ کي راتوڪو پاروٽو ٽڪر مليو. آسمان ڏي نهاريم. چيم ته اي مولي تو غريبن کي شايد انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي، ته هي امير انهن کي عذاب ڏيندا رهن! پوءِ شام ٽي ته سائين اندر آيــو ۽ پنهنجا مبارڪ قدم گهمائي ويو. سيئي زيارت بعد ڏاڍا خوش ٿيا. اتي آڏون اٿي وڃي جيجان اڳيان بيٺيس. پانهڙون ٻڌي عرض ڪيم ته جيجان انهيءَ مرشد سڳوري جي محابي مون کي موڪل ڏي ته موٽي وڃان. مگرافسوس اهڙي وقت ۾ بخت نه ٻڌايو. حاڪماڻو غصو وڌيو ۽ گهٽيو نه ۽.....

نماڻيءَ جا نيٺر نه لٿا سي نه لٿا!

منهنجا سڄڻ ســائين راتين جون راتيون جــاڳيس، اوجاڳا ڪيوم. سائينءَ کي ستايم، ڪارون ڪيم. اسر جو اٿي آهون ڪيم، درد منجهاران دانهون ڪيم. پر آهن ۾ اثر نه ٿيو، دانهن ۾ تاثير نه ٿيو، دعا نه اگهاڙي، سوال قبول نه پيا. چا ڪريان ڪاڏي وڃان. نه حال پائي نه سور ساڻي، فقط هڪڙو الله جو آسرو هو، تنهن کي ۾ ستائي ٽڪي پيس، پر ان ۾ سڌڙا نه سٽا، ڀاجهاري کي ڀاجهه نه پئي، قادر ڪرم نه ڪيو. اونڌي سنئين نه ٿي، ڏنل وري نه ٿهي، ۽.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

سانوڻ آيا، سيارا آيا، سرديون آيون گرميون آيون. هوائون بدليون زمانا بدليا. بهار آئي هلي ويئي. وٽن جا پن چٽيا، وري ڦٽي ساوا چهپ ٽيا. ڪئين سج لٿا، ڪئين اڀريا، ڪئين اونداهيون ويون، ڪئين چانڊوڪيون گذريون. پر سڪن شاخون نہ ڪيڏون سي نہ ڪيڏون ۽ ڪوتن ۾ قابو ٽيل قيدياڻي لاءِ اهيئي نيئر اهيئي زنجير، اهيئي لائڻون اهيئي چڪهہ، ساڳيا انڙ ساڳي ديري، ساڳيون ڪوٺيون ساڳيا ماڻهو، نہ مڪان مٽيا، نہ جند ڇٽي. منتون ڪيم، نيزاريون ڪيم رئيس رڙيس گهوڙها گهاڙيم. آزيون ڪيم. عاجزيون ڪيم. نماڻي ٽيس ليلڙائيون ڪيم. نہ ورٽو هو سو نہ وريو اڻلو غصو وڌيو شوخي وڌي. ڇڙ ڇڙهي ڪاوڙ چڙهي، ۽.....

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

مڻا سائين درد دوا نہ بنيو، سورن مان شفا نہ ٽي. ڏکن ڏيهہ نہ ڏيکاريو، گوندرن مان پرين نہ گڏيا. سڪن سات نہ ڏنو، خوشين مون کان هميشه لاءِ موکلاڻي ڪئي. هاڻ جيئڻ کهڙو حياتي کهڙي. زندگي زهر ٽي ويئي، عمر برباد ٽي ويئي، پر هيڏين حالتن بعد بہ....

نماڻيءَ جا نيئر نہ لٿا سي نہ لٿا!

تنهنجي پانهي بيگم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اداسي وٺ خط پهتو. هن ڪولي پڙهي نازڻ فقير کي ڏنو. پوءِ ڪيس چيائين: ته فقير سائين تون زماني جو ماڻهو آهين منهنجي صلاح آهي: تہ تون وڃي ميان صاحب سان مل من خدا ڪيس ساڃاءِ ڏئي ۽ ڪنهن ڳالهه تي اچي وڃي.

فقير چيو سائين بندو حاضر آهي. سرڪار جو حڪم اکين تي. سپاڻي صبح جو ٽو روانو ٿيان. ٻئي ڏينهن فقير صاحب تيار ٿي اداسيءَ سان الوداع ڪري اٿي پنڌ پيو ۽ اچي ميان صاحب جي گهوٽ پهتو. پهچڻ سان ڪرڙ جي پڇا ڪري وڃي ساڻس ملیو. ڪرڙ هن کان خبرون چارون پڇيون. فقير چيو، ته بابا آئون سيلاني آهيان. ڪڏهن برپٽ بيابان ڦرندو آهيان ته ڪڏهن جبل جهاڳيندو آهيان. ڪڏهن رڻ جو رهاڪو، ته ڪڏهن ڏونگر جو ڏورينڊڙ. ڪڏهن جهوپڙين ۾، ته ڪڏهن محلن ۾. ڪڏهين شاهه، ته ڪڏهين گدا، ڪڏهين امير، ته ڪڏهين فقير. مطلب ته سدائين نون نون ويسن ۾ مون کي پسندين. جتي ٻئي اتي وهاڻي. خاڪ منهنجي ڪٽ، ته آسمان منهنجو اولو.

چپون چپر ڪٽ، پهڻ پٽراٽيون پانڻيان
جتي رهان زاتڙي، مرون منهنجا مٽ
سيڻن جي سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٽيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بابا سائين راهوڪي طرف اداسي نالي هڪ زميندار آهي. ان سان پرت جو پيوند ٿي ويو آهي، گهمندي گهمندي جڏهن ان وٽ ايندو آهيان، تہ هو چار ڏينهن ترسائي چڏيندو آهي. سياڻا چوندا آهن، تہ انسان رهي ان وٽ جنهن جا ٻتيهہ ئي ڪلن.

جو آڻي چئي نہ آءُ، وڃي چئي نہ ويهہ
جڏهين ٻيو ڪٽي ڏيهہ، تڏهن اڳڻ وڃجي انجي

هينئر بہ آڻون اتان ٻيو اچان. تنهنجي نالي چيائين؛ تہ ان سان ملجانءِ هو تو ڪي ڪا راز واري خبر ٻڌائيندو، ان لاءِ هلي آيو آهيان ۽ تو ڪي ڳولي اچي لڌو اٿر؛ ٻيو ٻڌيئي خير.

ڪرڙ چيو؛ تہ فقير پلي آئين؛ جيءُ آئين؛ جيءُ جيءُ جي واڻون آئين. تنهنجون لتون اسان جون اکيون. اسين تہ انهي طرف واجهائي رهيا هئاسين. چگو جو تون اچي نڪتين، جي نہ تہ لاچار مون کي ٻنڊ ٻوي ها. هاڻ ڪم ڏاڍو پلو ٿيو تون ويهہ آرام ڪر مسافريءَ جو ٽڪ ٻج. منهنجي نياڻي رحيمان اچي، تہ ٻوءِ تا صلاح ڪريون.

نازڻ چيو، تہ ادا بيگم جي خبر ٻڌاءِ؛ تہ ويچاري ڪهڙي حال ۾ آهي؟

ڪرڙ چيو، تہ فقير سائين اهي خبرون منهنجي نياڻيءَ کان پڇجانءِ؛ تہ پيراڻيون ٻڌايئي. ٻوءِ فقير ترسي ٻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇ لڏي ڪان پوءِ رحيمان بہ آئي، تنهن اول فقيرصاحب کي پليڪار ڪئي. پوءِ پيءُ ڪان هن بابت پڇيائين. ڪرڙ ڇيس تہ اما هيءُ نازڻ فقير آهي. اداسيءَ وٺان آيو آهي. مون کي سويري اچي گولي لڏائين.

مون کيس وهاريو. مون ڪان بيگم جون خبرون پڇيائين. مون ڇيس، تہ اهي احوال رحيمان تو کي ٻڌائيندي. پوءِ تہ رحيمان بہ پنهنجي گهرو ڪم ڪار کي لڳي ويئي ۽ جهٽ پٽ سانجهہ ڪري هنن کي ماني کارايائين. جڏهن سڀ کائي پي واندا ٿيا، تڏهن فقير مائي رحيمان کي چيو، تہ ادي هاڻ بيگم جو احوال ٻڌاءِ، تہ انتظار دفع ٿئي.

رحيمان چيو، تہ ادا ازل کان هن ويچاريءَ جي پڪي اچي سور پيا آهن، سو ڪٿي پڄي. وري ڪنهن لاءِ ڏينهن ڪنهن لاءِ ڏهاڙو، پر هن جي چمار انهن ۾ گذري ويئي آهي. ڪٽنبين گهاري ماري فنا ڪري ڇڏيو اٿس. سڄو پيرو ٿي پيئي آهي. رڳو ساهہ پيو بکي. اندر حويليءَ جي مائهن مان ڪوبہ هنجو خيرخواه ڪونهي. سڀئي هن تي مارا آهن. جيجان جو ڏمر ڏينهن ڏينهن تي ڏيڏوٽو ٿيندو وڃي ٿو. هن جي مرضي آهي، تہ هيءَ اداسي جي پڇر ڇڏي، مگر انهيءَ گاله تي بيگم بہ پير نٿي ڪوڙي. هوءَ چوي ٿي، تہ آئون جا اداسيءَ جي ٿي چڪي آهيان، سا ڪٿي جي ڪيئن ٿيندس؟ پل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون کي گيا گيا ڪري، پر جيسين سسيءَ ۽ ساه هوندو، تيسين آئون اداسيءَ جي آهيان، اداسيءَ جي آهيان، اداسيءَ جي آهيان.

فقير صاحب احوال پڌي رحيمان کي چيو، ته پيڻ بيگم جي توکي هرطرح پارت آهي. ڪيس ڇڏجاڻءِ ته الله تي رک، ان مان آسرو نه لاه، اسين ڪوشش ڪريون پيا. اميد ته جلدئي فتح اسان جا پير چمندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

داستان ناڪون

پرت جو پيغام

لکين ڪيا اسا سين، لاهوتين لوڙا
گهوڙا ڙي گهوڙا، آڻون نه جئندي ان ري

العجب آي ناپائدار دنيا العجب!! تنهنجون رنگينيون ۽ عجيب آهن! تو ڪنهن سان توڙ نه نباهيو آهي. پير پيغمبر، امير فقير، غريب شاهوڪار، پوڙها جوان ننڍا وڏا، ڪچا پڪا، عاشق معشوق، سڀئي تنهنجا سلاسي ٿيا. سڀني ڪي تو مٽيءَ ۾ ملايو. هي خاڪ جا ڪنڊر، هي واريءَ جا ڍڳ، هي مٽيءَ جا ڍڙا تنهنجي قهري ڪارنامن جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن. تو شاهن جي شاهي ختم ڪئي، راجائن جا راج رلايا، حسينن جو حسن فنا ڪيو، سهڻن جي سونهن برباد ڪئي.

اهي شهروز، جي پنهنجي هٿن سان لوهه ڪي ميڙ ڪري چڏيندا هئا، تنهنجي اڳيان گوڏن ڀر ڪريا.

اهي نازڪ، جن پنهنجا پير ڪٽ تان پٽ تي نه رکيا، تن جا پير پٿڻ ۾ پٿون ڪيا.

اهي حسين گلڙا، جن ڪي ڏسڻ لاءِ هزارين حيران هئا، سي دربدر خاڪ بسر ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آي بيوفا دنيا! چو تون هيڏو ظلم تي سندرو ٻڌين ٿي؟ چا تو کي گوڙهن پريون اکيون وٽن ٿيون؟ چا تو کي نير وهندڙ نيٺ پسند اچن ٿا؟ افسوس صد افسوس! تو کي ڪنهن مصيبت جي ماريل تـي قياس نٿو اچي! تو ۾ رحم جي ته رتي ئي ڪانهي! پل تون پنهنجا روپ بدلاءِ نوان نوان ستم ايجاد ڪر، پر ياد رک عاشقن اکيان تو کي شڪست ڪائڻي پوندي. هو ظاهري فنا ٿين ٿا، پر مري تو کي مات ڪن ٿا ۽ پنهنجو نالو هميشه لاءِ دنيا جي تختي تي ڇڏين ٿا.

بيگم به اڳڻ ئي سچن عاشقن مان هئي. هن کي جڏهن نازڻ فقير جو نياپو پهتو، تڏهن ڪيس جواب ۾ چوائي موڪليائين، ته ادا آئون هرمشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ جان جي بازي لڳايو ويٺي آهيان. اوهين همت ڪريو. من ڪڏهين مولي راضي به ٿئي! اول ميان صاحب کي ڏسو. جي اهو ريجهي پيو، ته پوءِ سڀ سڌيون آهن.

نازڻ فقير کي اهو پيغام پهتو، سو شام جو سهڻي سنبري ميان صاحب جي باغ ۾ ويو. اتي قدرتي نظارن سان نيٺن کي ٺاريندو اکٽي رمندو رهيو. اکيان مالهيءَ سان ملاقات ٿيس. ان پڇيس ته ادا خبرون ٻڌاءِ. فقير چيس تـه ادا مسافر آهيان، ميان صاحب سان ملندس. ٻڌاءِ تـه ڪٽي ملندو؟ مالهيءَ چيس تـه ادا سامهون ٻنگلي تي وڃي ملينس. پوءِ ته فقير روانو ٿيو ۽ وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

میان صاحب سان ملیو. خوش خیر عافیت بعد میان صاحب خبرون پچیس. فقیر چیو، ته سائین خلقیل خدا جو، امتي مصطفیٰ جو، نالو نازڻ فقیر، وطن سر زمین سنڌ.

میان صاحب چیو، ته تنهنجي گهٹي رهائش ڪٿي ڪٿي آهي؟ فقیر چیو ته سائین منهنجي ڪچهري قرب وارن سان آهي. جیڪو مون کي پریم ڏیندو، سو منهنجو پرین آهي. جیڪو مون کي محبت ڏیندو، سو منهنجو محبوب آهي. جیڪو مون سان مٺو گالهائیندو، سو منهنجو سائین آهي. جیڪو مون کي پیار ڏیندو، سو منهنجو یار آهي. جتي مون کي جيءُ جيءُ ملي، اهو منهنجو آستانو آهي. جنهن منهنجو مان رکیو، سو منهنجو خان آهي. جنهنجو مون سان چاهه ٿیو، سو منهنجو شاهه آهي. جنهن مون کي میٹ ڏني، سو منهنجو سیٹ آهي.

میان صاحب چیو، فقیر تنهنجي گفتگو ته شاعرن ۽ سگهڑن جهڙي پئي ڏسجي. فقیر چیو، ته سائین لوهه کي پارس سان گڏي رکبو ته سون ٿي پوندو. مٹي ۽ کي گلن سان گڏي رکبو، ته خوشبوءَ دار ٿیندي. ڪپڑو عطر جي پرسان رکبو ته سر هو ٿیندو. تنهن بہ مثل آٹون بہ اوهان جهڙن عاقلن جي صحبت مان رگیل آهیان. چگن جي صحبت همیشه چگو ڪندي آهي. آٹون سیلاني آهیان، گهر گهر جو مهمان آهیان. جتي کا سو کڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏسندو آهيان، اتي وڃي رهندو آهيان. مون ته سچ پچ اهڙن سياڻن جي ئي صحبت مان پرايو آهي.

ميان صاحب چيس، ته فقير مون اڪثر ڏٺو آهي، ته ٻگي ظاهري ساڌو بنجي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندا وتن. هو منهن ۾ موسيٰ اندر ۾ ابليس آهن. ڏسڻ ۾ درويش، پر سچ پچ ڏوکيباز آهن هو حرص جا بندا ۽ هوس جا غلام آهن.

فقير چيو، ته سائين اوهين صحيح آهيو. اوهان جيڪي فرمايو ٿا، سو درست آهي. چند ٻگن فقيري ويس پائي دنيا کي ڏوکو ڏنو آهي. مگر هاڻ ته "ٻڪر ڪٽي هڪڙو واٽ وڃي سڀن جي" وانگر سڀ فقير بدنام ٿي چڪا آهن. سچ پچ فقيريءَ جا پنڌ پري آهن.

ميان صاحب چيو، ته فقير پلا تون هت فقط سير واسطي آيو آهين يا ڪو ڪم به اٿئي؟

فقير چيو، ته سائين اوهان جي خوشبوءَ به ولايتون واسي ڇڏيون آهن. مون به سير ڪندي ڪيترن هنڌان اوهان جي سخاوت جي ناموس ٻڌي. دل ۾ خيال ٿيو، جو نه اهڙي سخي مرد کي هلي ڏوري ڏسجي. سو ڪهي ڪهي اچي هت پهتو آهيان. آئون به مڱڻتو آهيان. هڪ سوال جو سوالي آهيان؛ يقين اٿم ته خالي نه ويندس. جو ته سخين وٽ سر قربان ڪرڻ بمعمولي ڳالهه آهي. هو ريڍل هوندا آهي، ته به راغبي ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن، جي ڏمربا آهن، تہ بہ ڏيندا آهن. مطلب تہ سندن چت ۾ هميشہ چڱي هوندي آهي.

ميان صاحب چيو، تہ فقير برابر اهڙا سخي مرد بہ ٿي گذريا آهن ۽ هينئر بہ آهن، مگر آئون تہ انهن سان ڪلهو هڻي ڪونہ سگهندس. انهيءَ ڳالهہ لاءِ جگر گهرجي. نون بہ ڳالهہ ظاهر ڪر، تہ پتو پوي. منهنجي وس جي ڳالهہ هوندي يا منهنجي هٿ جي شي هوندي، تہ انشاءالله ڪنڌ نہ ڪيائيندس.

فقير چيو، تہ سائين آئون اهڙوئي سوال ٿي ڪونہ ڪندس، جو اوهان جي وس کان ٻاهر هجي. آئون بہ زماني جو ماڻهو آهيان، اوهان جهڙن سان آٽ ويهہ آهي. ٻهرن کان پير ڪونہ گهرندس؟

سائين آئون اُداسي طرفان آيو آهيان. انهيءَ جي امانت اوهان وٽ آهي. مهرباني ڪري اها انکي واپس ڏيو.

ميان صاحب چيو، تہ فقير ٻيو جيڪي گهرين، سو گهر، باقي اها شي واپس نہ ملندي.

فقير چيو، تہ سائين فقير جيڪا صدا هڻندا آهن، اُن تي پڪا هوندا آهن. هو حرص جا پتلا نہ ٿيندا آهن. هن کي مال نہ کپي، نہ ملڪيت، نہ گنج نہ خزانو. نہ کاڌا خوراڪون، نہ ڪپڙا پوشاڪون. نہ زر زمين، نہ سون چاندي. ٻڌو نہ اٿئي، تہ ٻيجل جڏهن راهہ ڏياڻ اڳيان سر جي صدا هنئي هئي؛ تڏهن هن کي ڪٿين آڇون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿيون هيون. مگر هن اهي قبول نہ ڪيون ۽ پهرئين ٻي سوال تي قائم رهيو. آئون به نہ مال جو بکيو آهيان، نہ پيٽ پوڄاري آهيان. مونکي تنهنجي ڪابہ آڇ پنهنجي پير تان تر به هٽائي ٿي سگهي.

ميان صاحب فرمايو تہ فقير اداسيءَ جو گهر ڦٽو پيو آهي. سندس سڀ عزيز قريب؛ مٽ مائٽ انهيءَ مائٽي ۾ ناراض آهن. سندس سڳو سوٽ تہ انهيءَ جي سخت خلاف آهي. هن مون وٽ ڪيترا پنڌ ڪيا آهن ۽ مون به هن سان اهڙو انجام ڪيو آهي. هاڻي مونکي ٻڌاء تہ آئون پنهنجو انجام ڪيئن ڇڄان؟ وعدي خلافي مرد جو شيوو نہ آهي. تون اڳرات مون وٽ اچين ها، تہ آئون اوهان کان ٻاهر ڪين وڃان ها، پر هن وقت آئون به مجبور آهيان. زبان ڪري وري ڦري وڃان، اهو منهن جي ڪٽي جو وڙ آهي.

فقير چيو، تہ سائين آخر سندس مائٽن جي هن ڪهڙي ٻلي ماري آهي؟ ڪهڙو ڏاڙو هميو آهي؟ هڪ غريب پرديسياڻيءَ سان هو حق شرع موجب نڪاح ٿو ڪري، پوءِ پين کي انهيءَ تي اعتراض ڇو هئڻ گهرجي؟ ڇا هو غريب ٿي تہ عيبدار ٿي پيئي؟

ميان صاحب چيو، تہ فقير اهي هنن جا گهرو معاملا آهن، هو پاڻ ۾ ڇاڻن. منهنجي نہ اداسيءَ سان دشمني آهي نہ بيگم سان. آئون تہ وچ ۾ راهہ گناهہ اچي ڦاٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهيان. جي پنهنجا پاڻ ۾ ٺهي وڃن، تہ اسان جون اکيون ڏيون. اسين ٽياسون ڪير ۾ ڪنڌ وجهڻ وارا. پر هنن جو پاڻ ۾ ايتري قدر نزاع وڌي ويو آهي، جو هڪ ٻئي جا جاني دشمن ٿي پيا آهن. هڪڙيءَ تي اداسي آهي، تہ ٻيءَ تي هو آهن. ضد ڪوبہ نٿو ڇڏي. هاڻ هنن جو پرچاءُ ڪيئن ٿئي؟ آئون چاهيان ٿو، تہ هنن جو پاڻ ۾ صلح ٿي وڃي. خانداني فرد آهن، وڃن هڪ ٻئي کان پري پوندا. تنهن کان بهتر آهي، تہ اداسي هن گالهہ جي پڇر ڇڏي ڪري مائٽن جي چوڻ کي مان ڏئي، تہ قصو سولو ٿي پوي. بيگم ۾ تہ ڪو سون ڪونهي رکيو، جو اداسيءَ کان هليو ٿو وڃي. ڇڏي ڇوريءَ جي پڇر، آخر تہ هن کي پنهنجن سان ئي وقت نباهڻو آهي يا سيني سان ترڪ ڪري جوگي بنجي وڃي مڙهيون وسائيندو؟

فقير چيو تہ سائين اوهين ٺيڪ آهيو. پر اداسي بہ کو بچڙو ڪم ڪري، تہ هو ناراض ٿين. گهوڙا گهوڙا چو چي اونهائين وارو معاملو تہ نہ بنجي. اداسي کي رنڊيون نچائي، تہ اسين بہ هن کي ڇڏون، تہ هو بچڙو ڪم ٿو ڪري يا چڪلو وسائي، تہ هن کي پون پون ڪري ڦري وڃون، آخر هن جي خطا ڪهڙي؟ زميندارن جا فعل ڏسبا آهن تہ خدا جي پناه! شراب، نشو، جوا، رنڊي بازي، لونڊي بازي، پئسو وڃائڻ يا اهڙا ڪئين بچڙا ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن: جن ۾ هو مبتلا هوندا آهن. هن کي ته الله پاڪ انهن سڀني عيبن کان پاڻهه ڏني آهي- سڌريل زمينداري طبقي مان آهي. باقي رهيو سوال ته بيگم ۾ هن ڏنو چا آهي؟ غريب نوازا: اها محبت جي بازي آهي. اها برهه جي بي پرواهي آهي. عشق ۾ ذات ڪذات جو فرق نه هوندو آهي. عشق ۾ امير غريب هڪ جهڙا هوندا آهن. عشق ۾ سهڻو ڪوجهو ٻئي مٽ آهن- ڏس "ليلي" به ڪاڙي نه ڪاري ۽ ڪوجهي هئي، پر "قيس" ويچارو نه مٿس چريو ٿي پيو هو. چون ٿا ته وقت جي خليفي ليلي کي چيو هو: ته ليلي تنو ۾ ته ڪا سونهن ٿي ڪانهي، تو کان وڌيڪ پيون هزاين موچاريون مو تون وٽيون ڦرن. تو قيس کي ديوانو ڪيئن ڪيو آهي؟ ليلي جواب ڏنو: ته حضور تو کي اها اکين ٿي ڪانهي. ليلي کي مجني جي اکين سان ڏس ته تو کي پتو پوي: ته هوءَ حسين آهي يا قبيح سهڻي آهي يا بيڙي: وٽندڙ آهي يا اڻ وٽندڙ.

مٺا سائين تون به بيگم کي اداسيءَ جي اکين سان ڏس ته تو کي خبر پوي. هن لاءِ ته هيءُ جنت جي حور آهي. هن جي روح جو سرور آهي. هن جي اکين جو آرام آهي. هن جي دل جي پسندي آهي. تون ۽ آئون هن کي چا به سمجهون، پر هن کان کي پڇيو اٿئي؟ تون محبت جو قدر ڪر. عشق جي عزت ڪر. ۽ن قرب جي ڪٿن کي زنده ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ميان صاحب فرمايو تہ فقير سائين تون پاڻ اداسيءَ
ڪي سمجهاءِ. هروپرو چو ٿو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي. بيگم
ان شادي ڪندو تہ گهر ۾ پڙڏولو مچي ويندس. ڳالهہ
ان ڳالهوڙو ٽي پوندو. چوندا آهن، تہ اهو سون ڏي
ڳهوريو، جو ڪن ڇني. هن ڪي آخر لاچار ڪهڙو؟ هي
هنجو پاڻ تي ضابطو رکي. وڏي نہ لڳي. رڳو عشق
انڊر ٽي وچ ۾ پهنجي تباهي آڻي آهي. اک ڦٽي،
وشيار ٿئي، دماغ ٺڏو ڪري، ڏسي وائسي ڪڏ ۾ ٽپو
ڏئي.

فقير چيو، سائين عشق جي آگهڙئي ڪي ڪا ڳالهہ
ٿر نہ ڪندي. اسين چئون ٿا تہ هو دل تي ضابطو رکي،
ر اوهان کي خبر آهي، تہ دل هن جي هٿ ۾ آهي
يا هو دل جي هٿ ۾ آهي؟ هو هاڻ انهن ڳالهين کان
وڏو ٽي ويو آهي. اوهان کي جي ساڻس همدردي آهي
تہ اوهين قرب ڪري هن جو عرض اگهايو. چڱا هميشہ
چڱايون ڪندا آهن. اوهان کان بہ جيڪا پلي پچي، سا
اوهين ڪريو، پوءِ وڏيڪ ڪٽي سندس قسمت. آڏون بہ
چار ليون لٽاڙي اوهان وٽ آيو آهيان. مون تي بہ
مهرباني ڪريو. اوهن کي انهي پلائيءَ جو ڀاڙو اسان
وٽان ڪجهہ نہ ملندو، ليڪن مولي پاڻ وٽان ضرور
ملندو. اوهين بہ دليون راضي ڪري حج اڪبري ڪٽو.

انهيءَ تي ميان صاحب بلڪل خاموش رهيو ۽
وڏي ويچار ۾ اچي ويو. نوڪر کي حڪم ڪيائين، تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڙي نبو وڃي فقير صاحب لاءِ چاءِ ڪٽي اچ. پوءِ اٿي اندر حويلي ڏانهن هليو ويو ۽ نازڻ فقير اتيئي ويٺو رهيو. اڌ ڪلاڪ بعد نبو چاءِ ڪٽي آيو ۽ اچي فقير صاحب جي اڳيان رکيائين. فقير کيس چيو، تہ ادا نبو تون بہ ميان صاحب جو خاص ماڻهو آهين. هيلي تون بہ ڪا ڏاڍي اسان جي پاران وڃ. نبو چيو تہ فقير سائين هي آهي پاڻي ولهڻو. تون آڏون پر سئو ٻيا گڏجي ميان صاحب کي انهيءَ لاءِ چئون، تہ بہ ورندو ڪي ڪين. هو انهيءَ ڪوشش ۾ آهي، تہ بيگم جو اڄ سڀان کهن سان نڪاح ڪرائي ڇڏجي، تہ گرگر اهي پوي. مگر اهڙو ماڻهو اڃا هٿ ڪونہ ٿو اچيس، نہ تہ گهٽا ڏينهن ڪم ٿي لهي وڃن ها! ازانسواءِ هوءَ اصل پير ٿي نٿي ڪوڙي. هنن بہ حيلا ڪري ڇڏيا آهن، پر هوءَ چوي ٿي، تہ مونکي قاسي چاڙهيندا، تہ بہ اداسي سواءِ ٻئي جي نہ ٿيندیس. جيئن جيئن هي سختيون ڪن ٿا، تيئن تيئن هوءَ سخت ٿيندي وڃي ٿي. اٿلو عشق جو جنون هن تي وڌيڪ سوار ٿيندو وڃي ٿو. هاڻ هنن بہ شدت ڇڏي آهي، تہ اداسي سان تنهنجي شادي نہ ٿيڻي آهي نہ ٿيندي.

فقير چيو تہ ڀلا انهيءَ لاءِ ڪو اسان کي رستو ٻڌاءِ.

نبو چيو، تہ سائين پلي صلاح اٿو، تہ انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏي ڏيو. چو تہ هتي جي مونکي خبر آهي، تہ زمين اٿلي پوندي تہ هي ايهين نہ ڪندا. وڌيڪ اوهين مرضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جا مالڪ آهيو، پل آزمايو.

پوءِ فقير صاحب چاءِ پي ڪرڙ جي گهر روانو ٿيو. مائي رحيمان اڳيئي هن جو انتظار ڪري رهي هئي. جڏهن هي پهتو، تڏهن چيائينس، ته ادا بيگم پيٽ تو کي سلام ڏنا آهن. چيو اٿس، ته پيارا ڀاءُ اوهان ٻنهي جا لک ٿورا مون مسڪين تي آڻون اوهان جي هڪڙي ئي ٿوري پوري نه پوان. اوهان کي آفرين آهي، جو منهنجي بادگيري ڪئي اٿو. اداسيءَ کي چئج ته منڙا آڻون تنهنجي آهيان، تنهنجي ٿي رهندیس ۽ تنهنجي ٿي مرندیس. توکان ڪا ڪوشش پڄي سگهي، ته واهر ڪج، ٻيٽو آڻون ته هتي باري بندن ۾ بند ٿي آهيان.

فقير چيو ته ادي رحيمان تون بيگم کي هيءَ هدايت ڪج، ته روئي ۽ رڙي نه، نه پاڻ پٽي نه پاڻ ماري، نه گهوڑها گاڙي نه هنجون هاري. انهن گالهين مان نڪي ورندو نڪي سرندو، جهڙا ڏينهن سامهون اچن، تهڙا گهاري، صبر کان ڪم وٺي داتا کان دعا گهرندي رهي. آخر ڏکن جي شام ڪٿي ۽ سکن جو صبح اينڊو اڄ نه ته سڀان، سڀان نه ته پرينءَ.

ٻئي ڏينهن فقير وري ميان صاحب جي بنگلي تي ويو. ميان صاحب چيس، ته فقير آڻون اوهان جو سوير کان وٺي انتظار ڪري رهيو هوس. ڏاڍيون ديريون ڪيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فقير چيو، تہ سائين اسان ملنگن ٻي ڪهڙيون سيارون آهن. مون لاءِ ڏينهن رات، تہ رات ڏينهن آهي. نہ اُڏي جي نہ ڪٽي جي، نہ ڏڪار جي نہ سڪار جي نہ واڌي جي نہ گهاٽي جي، نہ سائي جي نہ سڪي جي، اپري تہ چا جي لهي تہ چا! چو تہ اِهي گهالهيون اهي ڏسن، جن کي دنيا ۾ ڪا اميد هجي. جنهن شخص دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏيو، تنهن جو انهن گهالهين سان ڪهڙو واسطو؟

ميان صاحب چيس تہ فقير پوءِ تون اداسيءَ لاءِ هن دنياوي معاملي ۾ چو تڙپي رهيو آهين؟

فقير چيو تہ سائين آئون ٻئي کي ڏک ۾ ڏسندو آهيان، تہ دل ۾ جي پوندي اٿم ۽ اندر ۾ هورا ڪورا ٿي پوندي اٿم. چاهيندو آهيان، تہ هن جو ڏک ڪٽجي. ۽ـوءِ ان لاءِ ڪوشش ڪندو آهيان. مون کي ننڍي هوندي استاد اها نصيحت ڪئي هئي، تہ ابا جڏهين بہ ڪنهن کي ڏک ۾ ڏسين، تڏهين تون ان جـي ڏک مٽائڻ لاءِ حيلا ڪجانءِ ۽ تيسين آرام نہ ڪجانءِ، جيسين هن لاءِ آرام پـيـدا ٿئي. انهيءَ ڪري آئون اداسي لاءِ اڻيو آهيان. هن کي جهجهندو ڏسي آئون رهي نہ سگهيس. ساڻس انجام ڪيم، تہ الله جي حڪم سان يا تہ تنهنجو دڪ دور ڪندس يا همیشه توسان ڏک ۾ ڀاڱيوار رهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميان صاحب چيو، ته فقير ٿنهنجي زبان ۾ جادوءَ جو اثر آهي. آئون تو کان گهاڻهين ۾ پاڻ ڇڏائي ڪونه سگهندس. هاڻ پڌ. آئون تو سان هڪڙو واعدو ٿو ڪريان، ته بيگم جو نڪاح پئي سان ڪنهن به حالت ۾ نه ٿيندو. جي ٿيندو، ته اداسي سان ئي ٿيندس. باقي هڪڙو ڪم تون به ڪر. بيگم کي آئون دروازي تي گهرايان ٿو. تون اڃي هلي ساڻس مل ۽ کيس سمجهاءِ ته ماڻهپي ۾ اچي. پنهنجا حال برا ڪري ڇڏيا اٿس. کائڻ پيئڻ سڀ ڇڏي ڏنا اٿس، ائين نه ڪري. ائين ڪرڻ سان اسان تان ڪڪ ٿي لاهي ۽ ماڻهو ٿي ڪلائي. اسين به مٿس هاڻ کا سختي ٿا ڪنداسين. پوءِ ميان صاحب ۽ فقير گڏجي حويلي جي دروازي تي ويا. بيگم کي اتي گهرايو ويو، جا فقير سان اچي ملي. سندس نيٽن مان پاڻي نار ڪري وهڻ لڳو. فقير چيس، ته پيڻ تون ڏاهي ٿي. قسمت جو لکيو ڪير به ميٽي نٿو سگهي. تون پنهنجا برا حال نه بناءِ تون صبر کان ڪر وٺ. ميان صاحب جن کي پنهنجو قبلو ڪعبو ڪري سمجهه. انهن مان ئي تو کي نفعو ٿيندو. اهي ئي تنهنجي سجوڙي ڪندا. تون انهن جو فرمان اکين تي رک. رب ڪندو، ته تنهنجي من جي مراد جلد پوري ٿيندي.

بيگم سڄو وقت خاموش ئي خاموش هئي. فقير جي گفتگو کن ڏئي پڏي رهي هئي، ليڪن اکر به کچائين ڪونه. هن جي دل اداسي اداسي پڪاري رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن جا نماڻا نيڻ ۽ نماڻي صورت ڏيکاري رهيا هئا، تہ هيءَ ڪنهن جي پياسي آهي. فقير جي چپ ڪرڻ بعد آهستي آهستي هن کي چيائين، تہ ادا نازڪ، مون کي اداسي هڪ دفعو ملاءِ. مون تي اهو احسان ڪر.

فقير چيس، تہ ٻيڻ انشاءَ الله هو جلدئي توسان ملاقي ٿيندو. پوءِ ٻنهي هڪ ٻئي کان موڪلايو. ميان صاحب سمورو وقت پريرو ويٺو هو. جڏهن ٻنهي هڪ ٻئي کان موڪلايو، تڏهن هي به اٿي ڪڙو ٿيو ۽ فقير کي ونڊي بنگلي تي آيو. اتي ڪيس چاءِ پياري پوءِ موڪل ڏنائين. فقير سڏو ڪرڙ جي گهر آيو. جنهن هن کان حال احوال پڇيو. هن سربستو احوال الف کان ي تائين ڪري ڏڪايو. ڪرڙ چيو، تہ فقير سائين پلا هاڻ تون چا ٿو سمجهين؟

فقير چيو، آئون پانيان ٿو، تہ ميان صاحب، هاڻ راضي ٿيو آهي. هاڻ هن جي اندر ۾ ٻيائي ڪونهي. هاڻ هو اسان جي فائدي ۾ آهي.

ڪرڙ چيس، تہ نہ ڙي فقير نہ. تون پلجين ٿو. ڏسين متان انهيءَ جي دام ۾ ٻہ ٽنگو ڦاسين. هو اهي سڀ اٽڪاون انهي ڪري ويڙهائي رهيا آهن، تہ رکو بيگم اسان جي ٽئي ۽ ڪنهن طرح سان اسان جي ڦندي ۾ ڦاسي. جي هوءَ هنن سان سچي ٽئي ها، تہ گهٽا ڏينهن ڪم لاهي ڇڏين ها. پر ڏسن ٿا تہ چوڪري صفا ڦري ٻيٺي آهي، تنهن ڪري پيا اڙڪيون ڏڪيون هڻن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فقير چيو، ادا سپ ڪنهن کي نيت جو نانگ ڪائيندو. جي اسان جي مدي ۾ هوندا، تہ ڏڻي ڏسندن. ٻيو اسين هينئر هنن کي ڪري چا ڏيا سگهون؟ اسان جي آهي ٻانهن ٻڌڻ جي وات. جي ان مان ڪجهه فائدو ٿيو، تہ واهه، نہ تہ پري کان ويٺا نهاريندا سون. خير اهي گهالهيون ڏيون. هاڻ صلاح ڪريو، تہ اداسي هن سان ڪيئن ملي؟ ڪرڙ چيس، تہ فقير تون لڪ ۾ چپ ۾ اداسي کي هت وٺي اچ؛ پوءِ وڏيڪ بار اسان تي آهي. خدا ڪندو، تہ هنن کي ملاقي ڪرائي وجهنداسين. ان بعد فقير هنن کان موڪلائي دلبر جو ديس ڇڏي نينهن وارن جو نياپو ڪٽي عاشقن جي آشياني ڏي روانو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان ڏهون

مٺي ملاقات

شڪر گڏياسون سپرين جيئري جاني يار
ويٺي جن جي وٽ ۾، ڪوڙين ٽيا قرار
ڏٺم ڪر ۾ ڏار، پاڙو تن پرين سين

محبت جو پيالو ڏاڍو مٺو ٿيندو آهي. جنهن ان ساغر مان سرڪي پيري هوندي، تنهن کي ئي پوري پروڙ هوندي. جيڪي پريم جا پياسي پي پر ٿيندا آهن، سي سر جو سانگو لاهي ڇڏيندا آهن. انهن اڳيان آگ به پاڻيءَ مثل آهي. هنن کي سدائين يار جي تار لڳل هوندي آهي. اداسي به انهي پيالي مان ڏيڪ پيتو هو، تنهن کي ڏينهان رات سڄڻ جي تات هوندي هئي. فقير کي موڪلڻ بعد هي انهي اوسيڑي ۾ هو ته ڪڏهين ٿو قريبن مان قاصد موڪلي. نيٺ هڪ ڏينهن سندس اهو انتظار دور ٿيو ۽ فقير اچي منهن ڪيو. هن سان ملي حال احوال پڇيائين. فقير هن کي سربستو احوال ويهي ٻڌايو. اداسي چيو، ادا نازڪ ٻڌاءِ تو کي ڪا اميد نظر اچي ٿي يا نه؟

فقير چيو ته سائين، ميان صاحب دلاسو ته ڏنو آهي پر پوءِ خبر نه آهي، ته هائيءَ جا ڏند ڪاڙ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا بيا ٿيندا يا سچاڻي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏيکاريندو! ٻيلي ماڻهو ۽ ڪاڻ جي پور جي خدا کي خبر آهي، باقي آڻون سمجهان ٿو، ته هاڻ مدي من ۾ ڪانهيس ۰

اداسي چيو، ته پلا بيگم جو احوال ٻڌاءِ، ته ڪيئن ڏنئيس؟ فقير چيو، ته سائين هوءَ ويچاري هڏن جو پنجرو ٿي پئي آهي۰ ڳٻٽين سندس ماس روڙي ڇڏيو آهي۰ فراق هڏي هن کي قارون قارون ڪري ڇڏيو آهي۰ جدائيءَ جي جانداهه ۾ پيسي پائمال ٿي ويئي آهي۰ وڇوڙي هن کي وڏي چيري چڇري ڇڏيو آهي۰ اکيون ڏرا ڏيئي ويون اٿس، ڪپڙا ليڑون ليڑون ٿي ويا اٿس۰ سڄ پڄ سڃاڻپ کان ئي ٻاهر ٿي ويئي آهي۰

اداسي چيو، ته ادا توکي ملاقات وقت کا خاص گهالهه چيائين؟

فقير چيو، ته سائين هوءَ ڪهڙي گهالهه ڪري ها! هڪ ته ميان صاحب اسان جي مٿان عزرائيل بنيو ويٺو هو، پيو ته هوءَ ڏک ۾ اهڙي ته پري ويئي هئي، جو ڪجهه به ڪچي نه سگهي۰ سندس اکين جا ابر پرجي وسڻ لاءِ آيا ٿي، پر انهن کي وسڻ نه ٿي ڏنائين۰ دل مان اڌما اٿيس ٿي، پر اهي ظاهر نه ڪيائين۰ اندر ۾ کي راز هئس، پر اهي فاش نه ڪيائين۰ سندس منهن جا ورن گهڙيءَ گهڙيءَ پئي مٽيا ۽ مون انهن مان ڏي اهي گهالهيون معلوم ڪيون۰ مون جيڪي پئي چيومانس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سو ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي ٻڌائين. نہ هان ڪيائين نہ هون. آخر ۾ فقط ايترو چيائين ادا، اداسيءَ کي چئو تہ هڪ واري ڪيئن بہ مون کي منهن ڏيکاري.

اداسي چيو. تہ فقير پلا هاڻ ڪهڙي صلاح ٿو ڏين؟

فقير چيو، سائين اوهين تيار ٿيو. ڪرڙ اوهان جي ملائڻ جو پورو بندوبست رکيو آهي.

پوءِ تہ اداسي ۽ فقير سهي سنبري محبوب جي ملڪ ڏي روانا ٿيا. رات ٿي تہ انهن اچي ڪرڙ جي گهر ٻڌهہ کوڙيا. رحيمان ۽ ڪرڙ هنن جي ڏاڍي آجيان ڪئي. اداسي رحيمان کي چيو، تہ ادي منهنجي محبوب جي خبر ٻڌاءِ، تہ سندس ڪهڙو حال آهي؟

رحيمان چيو، ادا هاڻ ميان صاحب جن جي ڪاوڙ هن تي ڏري آهي. منهنجي گهر اچڻ کان هن کي روڪ ڪانهي. تنهنڪري آئون سپاڻي کيس هت وٺي ايندس. پوءِ تون روبرو ڏسجانءِ، تہ سندس ڪهڙو حال آهي؟

ان بعد هي ماني ٽڪي ڪائي سمهي پيا. رات گذري خير جو صبح ٿيو. رحيمان گهر جو ڪم ڪار جهٽ لاهي حويلي تي رواني ٿي. اتي وڃي بيگم سان اداسيءَ جي اچڻ جو احوال ڪيائين. بس هن جي مرده جسم ۾ جان پئجي ويئي. هن کي چيائين، تہ ادي هاڻ جلد ٿي ڪم ڪار لاهي وٺ تہ هلون. پوءِ تہ رحيمان منٽ ڪري ورتا. يڪدم ڪم لاهي بيگم کي ساڻ ڪري اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهران نڪتي. پئي سڄڻ هڪ ٻئي جـي سامهون ٿيا.
اکيون اکين سان ملينون، بهاري ٿي ويئي.

ٿيا نيڻ نهال، جنين دلبر ديکيو

اداسي چيو، ته محبوب سائين ڏس رب جو رنگ،
وڇڙيلن کي نيٺ مولي ملاقات ڪرائي، نـه ته آئون
نا اميد ويٺو هوس.

بيگم چيو، ته سڄڻ سائين شڪرانا. پـر آئون ته
تو کي آفرين ٿي ڏيان، جو هيڏا ڏک ڏاکڙا سهي هت
پهتو آهين. تو ته مون نماڻيءَ کي نوازي ڇڏيو. مون
ته لک ٿورا ڪري ڇڏيا. مون کي سونو ڏک وجهي
ڇڏيو. آئون ته تنهنجي هڪ ٿوري به پوري نه پوان.

ورم وساريج، آهيان تنهنجي آسري

اداسي چيو، ته محبوب آئون پاڻ کونه آيو آهيان،
پر مون کي تنهنجي قرب جي ڪشش هت ڪٽي آئي.
تنهنجي محبت جي چقمق هت چڪي ورتو، جو ٻهرن
جو پنڌ پلڪن ۾ پورو ٿي ويو.

بيگم چيو، ته منهنجا سرتاج مون کي ته هاڻ هت
ونگ ٻڌجي ويا. منهنجو هتان ڇڻڻ مشڪل آهي. مون
گهٽيئي حيلا ڪيا. جيڏي جي تيڏي ٿي بيٺيس. پر جڏ
نه ڇٽي. ٻيءُ منهنجو جهڙو آهـي، تهڙو ڪونهي. باقي
ٻيو ته ڪوبه هڏ ڏوکي يا مٽ مائٽ آهيئي کونه، جو
هنن کي ستائي. هنن جـو ڏينهون ڏينهن بغل ڦرندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڃي. تنهنڪري آڏون صفا نراس ٿي پئي آهيان. هتان چٽڻ لاءِ فقط هڪ گس وڃي رهيو آهي، جو آهي پڇي نڪرڻ. پر منهنجا سڄڻ سائين اهو ته ٺيڪ نه آهي، نه تولاءِ چگو نه مون لاءِ چگو. چوته اهو داغ سڄي ڄمار ڪونه لهندو. تنهن ڪري ائين ڪري ڪر ڪي ڪونه لڄائيندیس، نه وري تو ڪي ڏي ڏهڻي هاب ڪندیس. چاڪاڻ ته سپاڻي تو ڪي به طعنا ملندا، نه پاڇوڪڙ وهاريو وينو آهين، مرڪين چا تي پيو! هاڻ پڏاءِ ته چا ڪريان؟ ميان وارن جي مرضي آهي، ته مون ڪي هتي پرڻائين. انهيءَ لاءِ مون سان هنن پوريون ڪري ڇڏيون آهن. نرمي به ڏيکاري اٿن، ته گرمي به. مٺا به ٺيا آهن، ته ڪڙا به. پر منهنجي وات مان ٻي وائي نڪتي ڪانهي. مون ڪي چيائون، ته تنهنجي لاءِ اهڙو شاهوڪار ور ٿا گهوليون، جتي ڪٽ چڙهي ويڻي هوندين. سڀ ڪجهه تو ڪي اتي پيو ملندو. سون ۾ ڳاڙهي ٿي ويندين، رپي سان راندیون ڪندين. ڪئين ڀانهيون تو اڳيان ڀانهون پڏيو ٻيئيون هونديون. مطلب ته بادشاهي ٿي هوندينءَ.

مون کين جواب ڏنو، ته آڏون:

پکن جي پريت، ماڙين سين نه مڻين

منهنجو ور به اداسي، ته وارث به اداسي. آڏون جيڏري به انجي آهيان، ته مئي به انجي آهيان مونکي اهي آڇون هرگز نه آڇو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سون برابر سڳڑا، ماروءِ سندا مون
پٽولا پھنوار کي، عمر آڇ ۾ ٿون
ور لوئيءِ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا

اداسي ڇيو، ته پياري ٿون جيڪي ڇوين ٿي، سو اکر به اکر صحيح آهي. پاڻ عزت ۽ شان جا گھورا آهيون. اهڙو ڪم ڪريون، جو ڪنهن کي آگر ڪٽڻ جي مجال نه ٿئي. اهڙا بچڑا خيال اسان جي اندر ۾ هجن ها، ته گھٽا ڏينهن لاڏا ٿيا وينا هجون ها! منهنجا محبوب! مون کي به انئي پھر اها تار لڳي پيئي آهي، ته ڪيئن بيگھر کي هٿ ڪريان. آڏون تيسين ڪوشش ڪندو رهندس، جيسين من جي مراد پوري نه ٿيندي. تون آسرو نه لاهه، فڪر نه ڪر، مولي مالڪ آهي، ضرور وچڑيا ميلينڊو. اسانجو ڪم آهي اڳتي وڌڻ.

توڙي لهين نه پير. توءِ راحت آهه رڙهڻ ۾

ٿون ڏکيو سکيو وقت گذار، تڪليف سهه. ڏکن کي ڏر، سورن سان سينڌ رک.

جھڑا اڇن ڏينهڑا، تھڑا ويئي گھار

ڏکڻ ڪانپوءِ سکڻ ٿيندو. روزن ڪانپوءِ عيد ٿيندي. سورن مانڻي ساجن ملندو. اهنج بعد ڏي سهنج ٿيندا. باقي ٿون اهو يقين ڪر، ته آڏون ماڻ ڪري ڪونه وهندس. اهي به ته عاشق هئا، جن جبل ٽڪايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مونکي به متي ٿي اچي ويئي، ته پوئتي نه پوندس.
وک هميشه اڳتي وڌندي رهندي.

مرد ٿا سر کي فدا ڪن عزت و توقير تي

بيگم چيو، ته سهڻا سائين تون جيڪي چوين ٿو، سو آئون به سمجهان ٿي، چوته آئون به پار ڪاڪ آهيان، پر سهڻ جي ڪا حد ٿيندي آهي. آخر آئون عورت آهيان. مون ۾ باقي هڏا ۽ ڪل وڃي بچي آهي. آئون هتن جي سختين کي ڪيئن سهي سگهان! ڏس ڏس منهنجي بدن ۾ ڇا بچيو آهي؟ هيڏن هڏن بنا ٻيو باقي نه ڪي رهيو آهه.

ايريام انگور، ستي سپرين جا
ڪاپو ڪاپو سور، لڇيو لوچيواٽيان

اداسي چيو، ته پياري هاڻ انهن درد جي داستانن کي بند ڪر. مهنن بعد ملاقات ميسر ٿي آهي، سا به سور سليندي گذاريندا سون، ته پوءِ ملڻ مان ڪهڙو لطف؟ هيءُ وقت خوشيءَ جي دفتر کولڻ جو آهي.

بيگم چيو، ته پيارا سائين هن گهڙيءَ جي خوشيءَ مان مون کي ڪهڙو مزو ايندو، جڏهين ڏسان ٿي، ته وري سور سامهان ٿيڻا آهن. مونکي بهاري ڏهين ٿيندي، جڏهين منهنجا بند خلاص ڪرائيندين. آئون ته هينئر پيري جو پکي ٿي ويئي آهيان. انهي قفس جي قيد مان آزاد ٿي ڪيڙا کولي پر هلايان، ڏهن دل تان بار لهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسي چيو، ته پياري رڪ مولي تي دل نه لاهه.
متان ماندي ٿي آهين. همت بندا مدد خدا. اجهي ٿا
ڏک ڏور ٿين. پاڻيهي سائين سبب بڻائيندو.

جو نوازي ڏڏ، آسر لاهه ۾ ان جو
تون داتا جي در تي ٻاڏائيندي رهه، پاڻيهي سڏ سڻندو.

ٻاکارون ٻانهن جون ٻاجهارو ٻڌندو

پوءِ ٻنهي پاڻ ۾ دل کولي رهاڙ ڪئي. جڏهين شام ٿي، تڏهين محبت جي پروانن هڪ ٻئي کان موڪلايو. سبحان الله! اهو وقت ڪهڙو نه دل ڏارينڌڙ هو! شمع ڳري رهي هئي، ته پتنگ پچي رهيو هو. هڪ طرف اوچنگارون هيون، ته ٻئي طرف ٻاکارون هيون. هڪ طرف آهون هيون، ته ٻئي طرف دانهون هيون. نيٺ ٻئي نيٺ ٽمائيندا هڪ ٻئي کان ڏار ٿيا. رات جو اداسي نازڪ کي ساڻ ڪري سڄڻ جو ساٿيه چڏيو ۽ پوئتي واڳ ورائي.

ڪٽا منجهه قرار، هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏارو ڏار
نه جاڻان ٻيهار، ڪيئن ميلو ٿيندو سڄڻين؟

——

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان يارهون

فريبي چار

پل پل ۾ پليانس، پل نه رهي پرينءَ ري
حئن جهوريءَ کان جهليانس، جهجهيو تئن جهوريءَ پوي

عاشق هميشه گوندرن ۾ غرق هوندا آهن. هنن کي ڦوڙائي جا ڦٽ ڦٽي ڇڏيندا آهن. جدائي ۾ سندن جيءَ ئي جڏو ٿي ويندو آهي. پرين کان پري رهي پٽ پٽجي ويندا آهن. هنن جي اکين مان هميشه آب وهندو رهندو آهي. نيٽن جا نار سدائين جاري هوندا اٿن. محبوب جي ياد کين ستائيندي رهندي آهي. هنن جي اندر ۾ محبت جو مچ ٻبو ٻرندو آهي. سندن هردي ۾ نينهن جي نهائين چڙهيل هوندي آهي؛ پر هو ڪڏهين به ٻاڦ ٻاهر نه ڪيندا آهن. اڌي جو اتي پيا پچندا ۽ پچرندا آهن. گهاڻو سندن گهٽ ۾ گهاءُ ڪري ڇڏيندو آهي. هنن جي وات ۾ بي ڪابه وائي نه هوندي آهي، فقط پرين جي پسڻ جو آلاپ آلاپيندا آهن. دلبر جي ديدار جي ٻولي ٻوليندا آهن. هنن کي موت جو ڪوبه خوف نه ٿيندو آهي. جگ ۾ جيئڻ جي خواهش نه هوندي اٿن.

عاشقن اجل سامهان اوهي ڪات اچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيءَ عشق جي بيماري بـ لاعلاج آهي. منس نـ
کنهن حڪيم جو حيلو هلندو آهي، نه طبيب جي دوا
اثر ڪندي آهي. هن جو دارو فقط دلبر جو وصال آهي.
ڏون ڪيون بيڪارءِ ستيون بـي سود آهي. هت
اداسيءَ بيگم به ساڳئي ئي مرض ۾ مبتلا هئا. هنن
چاهيو ٿي، ته اسان جو حقيقي ميلو ٿئي، ليڪن قسمت
سندن سات نٿي ڏنو. جيئن جيئن ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش
ڪندا ويا، تيئن تيئن هڪ ٻئي کان پري ٿيندا ويا. اداسي
ملاقات بعد موٽي اچي ملڪ پهتو ۽ بيگم اتي ڏي رهي.
ميان جي وارن هاڻ وري نئين کيڏ پکيڙي. ڏنائون ته سختي
مان ڪجهه به نه وريو. تنهن ڪري هاڻ آهستي آهستي
ٿي مٿا ٿيڻ لڳا. بيگم تي جيڪي پابنديون هيون، سي
هٽائي ڇڏيائون. جيڄان هاڻ هن تي مٿي تان هٿ ڦيرڻ
لڳي بيگم جي دل پاڻ هئي، تنهن ڪي پتوئي نه ٻيو،
نه ڪو انهي ڪڙ ۾ وڌو طوفان لڪل آهي. هن
سمجهيو ته نازڻ فقير جي نماڻي گذارش وڃي اڳهاڙي.
ٻانهين کي به سبق ملي ويو. سي به سيئي هن سان ڳالهائڻ
ٻولهائڻ لڳيون. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن
هن کي وڌيڪ ميٽ ملندي وئي. تنهن ڪري هن ڪي
هيڪاري پڪ چمندي وئي. هڪ ڏينهن ميان جي وارن
کي ماڻڻ طرفان شاديءَ جي ڪوٽ ٽي، جي بدين
طرف رهندا هئا. شاديءَ ۾ باقي هفتو ڪن هو، تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري ميان جي سڀني گهر جي پائين کي چيو ، هاڻ هفتي اندر سڀئي سنيت ڪري وڃو. هنن هڙني تياري ڪئي شاديءَ کان پ ڏينهن اڳ موٽر گهرائي ويئي. سڀ ماڻهو ان ۾ سوار ٿيا. هلندي هلندي هڪڙي گهوٽ وٽ اچي پهتا. ميان جي موٽر جهلائي لهي پيو. سڀني کي حڪم ڪيائين ته هيٺ لهو ، ته هت چاءِ پاڻي ڪري پوءِ اڳتي هلون. سڀ ماڻهو لهي پيا ۽ هلي هڪ گهر ۾ ويٺا. گهر جو مالڪ ميان صاحب جو گهرو دوست هو ، تنهن هنن سڀني لاءِ هڪدم ماني تيار ڪرائي. پوءِ سڀئي کائي پي خوش ٿيا .ميان جي چيو ته هاڻ بيگم هت رهي. باقي ٻيا سڀ ماڻهو هلي موٽر ۾ چڙهن. بيگم حيران ٿي ويئي. چيائين ته سائين مون عريب ڪهڙو گناه ڪيو؟ آئون هت ڏارين ۾ ڇو وهان؟ خبر نه آهي ، ته هي ڪير ماڻهو آهن؟ ميان جي چيس ته بس هاڻ تو کي اتيئي گهارڻو آهي. پر جيڪڏهن اڄ به آڻ مڃين ۽ اداسي تان مٽ ڪٽين ، ته پوءِ تو کي به وٺي هلون. بيگم چيو ته سائين هيءُ ته هڪڙو سر آهي ، پر جي هزار سر هجن ته به اداسيءَ تان قربان ڪري ڇڏيان.

ميان جي چيس ، ته پوءِ هاڻ اتي لوڙ ۽ تيسين لوڙيندي رهه ، جيسين تنهنجي جان ۾ جان هجي. ائين چئي موٽر موڙائي روانو ٿي ويو. بيگم بيچاري نماڻا نيٺ ڪٿي نهاريندي رهي. بيچاريءَ کي اڳ ته آسرو هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو ته اداسيءَ جو ديدار ڪڏهن نه ڪڏهن ٿيندو، پر هاڻ ته اهو به آسرو لهي ويس. ڪيس اهو به پتو نه هو، نه هي ڪهڙو گهوٽ آهي ۽ آڏون ڪٿي آهيان!! ڇي هتان نه اداسيءَ ڏانهن نياپو موڪلي ٿي سگهي، نه سندس نه خط نه پٽ، تنهن ڪري هيڪاري دل لاهي وڌائين. جنهن گهر ۾ هن کي ڇڏيو ويو، تنهن گهر ۾ فقط به ياتي هئا. هڪ مرد بي سندس زال. انهن هن کي چيو ته اما ميان جي تنهنجي بانهن اسان جي حوالي ڪري ويو آهي هاڻ تون اسان جو ٻچو آهين. اسان جي سر سٽين آهين تون کو فڪر نه ڪجانءِ. رب ٻچ جيڪي هوندو سو گڏجي ڪائينداسون. بيگم چيو ته چاچا مون سان ظلم ڪيو ويو آهي. مون کي هت ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏني ويئي آهي. مون سان ڏوڪو ۽ فريب ڪيو ويوآهي جاني دشمن سان به ائين نه ڪبو آهي، جيئن مون سان هنن ڪيو آهي.

محرم چيو ته اما ڀلا چو ته سان ائين ڪيو اٿن؟

بيگم چيو ته چاچا اهو منهنجي سورن جولنبو داستان آهي. اها منهنجي قسمت جي برائي آهي، نه ته

ڪير ڪن آڏون ڪير، ڪير ڏمر سهي ڏم جا
قضا ريءَ ڪير ڏري، مٿي پاڻيءَ پير
پنهنر پنيءَ وير، لڏو تي تي لوڙيان

محرم چيو، ته اما تون مون سان پنهنجو حال اوڙجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سچ پچ تو سان ناحق هوندو، ته آڏون ٿنهنجو سالي آهيان. مونکي پرائي قبر ۾ پوٽو ڪونهي.

بيگم چيو، ته چاچا اسين ميان صاحب جا ماڻهو آهيون. آئون چايس ته اما کي الله پاڪ گهرائي ورتو. پوءِ مونکي حويلي وارن نٻايو. وڏي ٽيس ته بابي مونکي پنهنجن مائٽن ۾ هڪ عزيز سان پرڻايو. ڪجهه عرصي بعد هن مونکي طلاق ڏني پوءِ اسين لڏي راهوکي وڃي ويٺاسين. اتي اداسي نالي هڪ شخص سان منهنجي پريت ٿي. اسان هڪ ٻئي سان انجام ڪيو، ته پاڻ شادي ڪنداسون هن جا مائٽ انهيءَ ڳالهه ۾ ناراض ٿيا. تن ميانجي کي چيو ته هيءَ بلا اسان تان ٽار. هي اسانجي ڇوڪر کي ٿي ڪاري. انهي تي ميان صاحب اتي آيو ۽ بابي ۽ مونکي ڳوٺ وٺي آيو. پوءِ ته مونسان طرحين طرحين تعديون ڪري ڇڏيائون. مونکي چون ته تون اسانجي مرضيءَ تي مڙس ڪر. مون کين ٽڪ جواب ڏنو. مون چيو، ته هاڻ آئون وات وڪيل آهيان. پنهنجو مڙس آئون پنهنجي مرضيءَ تي ڪنديس. بس انهيءَ تان هن کي باهه چڙهي ويئي آهي. هاڻ اڃي مونکي هت رڻ واهي ڪيو اٿن. چاچا ٻڌاءِ ته انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو قصور آهي؟

محرم چيو ته اما تنهنجو ته ڪو ڏوهه ڪونهي. هي وڏا ماڻهو هميشه اهڙا ڏاڍ ڪندا رهندا آهن. هنن جو اهو شيوو هوندو آهي. پر هاڻ تون فڪر نه ڪر تون اسانجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻڌو آهين. آڏون ميان صاحب کي سمجهائيندس. من کيس خدا ساڃاڻ ڏئي!

هوڏانهن اداسيءَ کي ڪرڙ نياپو موڪليو، ته بيگم کي ميان صاحب الائي ڪٿي ڇڏي آيو آهي. اسان کي ڪوبه پتو نٿو پوي. گهٽيئي حيلا ڪيا اٿون، پر خير ۽ پردو.

اداسيءَ کي پيغام پهتو، ويچاري کي ڏکر چڙهي ويا. نازڻ فقير کي چيائين، ته اڏا هنن ته ڪري گذاري. ههڙي نه سمي ڪڏي نه سومري. هاڻ صلاح ڏي ته ڇا ڪجي؟

نازڻ چيو، ته سائين هي ماڻهو پنهنجا خير خواهه ٽيٽائي ڪونه آهن. هنن جي پاڻ سان رڳو زبان ٽي ڳالهائي باقي اندر ۾ رڌا پيا آهن. هاڻ پاڻ کي وڌيڪ ٽيڻ گهرجي. هوءَ ويچاري عورت آهي، اها ته ڪجهه ڪري نٿي سگهي.

اداسي چيو ته هن جو پتوئي ڪونهي، هاڻ پاڻ ڪيڏانهن هلون؟

نازڻ چيو، ته سائين هاڻ اسانکي آرام ترڪ ڪرڻو آهي. جوگي ٿي در در تي وڃڻو آهي مطلب ته هر حيلي هن کي ڳولي لهڻو آهي.

وڃي ور نه پون، ستي ملن نه سپريين
جي مٿي رندن رون، ساجن ملي تن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسي چيو، ته ادا هاڻو هاڻ ويهڻ واجب نه آهي، سڄڻ کي ڏوري ڏسڻو آهي. پر ٻيلي آڻون هن کي ڪٿي گهوليان؟ تون سياڻ آهين، ڪٿين ملڪ گهميو ويٺو آهين، پلائي ڪري وڃ، وڃي ڪٿان کو پتو ڪڍي اڃ.

نازڻ چيو، ته سائين حاضر آڻون حڪم جو بندو آهيان. منهنجي سسيءَ ۾ جيسين ساهه آهي، تيسين گهوليندو رهندس. ٻيلي جي مري ويس، ته پوءِ مون تي به ميار ڪانهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو فقير الفي ڏڪي، بگري کلهي ۾ هٽي الله تي آسرو رکي اٿي پٽڻ ٻيو. اداسيءَ کي چيائين، ادا هاڻ دعا ڪجانءِ!

آڻون ٽي چڙهان چوٽئين، ورڻ هوءِ نه هوءِ
پاڙيچيون پر توءِ، مون نماڻيءَ جو نجهرو

هن کي خبر نه هئي ته بيگم ڪهڙي پاسي ويل آهي. پر توڪل رکي ڪٽي هڪ پاسي منهن ڪيائين. سچ پچ هن لاءِ جر جون گدون گهوڙو هو، پر توڪل وارا ڪنهن به ڪم ۾ ڪائڻين نه ڪيندا آهن. هو رب تي پروسو رکي ڪاهي پوندا آهن.

هي به لاڙ ڏانهن رخ ڪري هلندو رهيو ۽ ڳوٺ ڳوٺ ڪري گهمندو رهيو. سپ ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي در در تي سين هٽندو هو، صرف انهيءَ خيال کان ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيڪڏهين اتي بيگم هوندي، آواز سڃاڻي نڪري
ايندي. پر ويچاري جو آسرو آسروئي رهجي ويندو هو.
اهڙيءَ طرح هو ڪيترا ڳوٺ ڦريو، پر ڪٿان به پتو
ڪونہ پيس. گهٽيئي اٽڪلون ويڙهايائين، پر بيگم هجي
نہ هن کي خبر پوي. ننڍڙن ٻارن کي خرچيون ڏيئي
ڪائنس پڇا ڪندو هو ، تہ اوهان وٽ ڪي مهمان آيل
آهن؟ پوءِ جيڪڏهين ڪو ٻار ها ڪندو هو. تہ ان
کان نالا نشان پڇندو هو. ڪٿي ملا بنجي ويهي رهندو
هو. ماڻهو وٽس ايندا هئا، تہ انهن کي ڦل لکي ڏيندو
هو ۽ ڦيٽا وجهندو هو. پوءِ جڏهين ڏسندو هو. تہ هاڻ
ماڻهن جو هجوم ٿيو آهي ۽ سندن ويساهہ پڪو آهي،
تڏهين پوڙهن عورتن کان نمونی سان پڇا ڪندو هو.
کين چوندو هو، تہ ميان جي فلاڻي ڳوٺ ۾ ويٺل آهي،
انهيءَ جو هن ڳوٺ، وارن سان تہ ڪو لاڳاپو ڪونهي.
جڏهين کيس پڪ ٿيندي هئي، تہ هت ميان صاحب
جو نڪو ايرنڪو پير، تڏهين اوچتو رات پيٽ ۾ گم
ٿي ويندو هو. ماڻهو صبح جو رڳو ڪاريءَ وارا ڪک
اڇي ڏسندا هئا.

اهڙيءَ طرح رمندي رمندي هڪڙي ڳوٺڙي وٽان
اڇي نڪتو. ان ڳوٺ جي پرسان واهہ پئي وهيو. آسپاس
ساوڪ ئي ساوڪ لڳي پئي هئي. = ٿي ڪٿي گهاٽا ۽
سارا ڇڇ وڻ بيٺا هئا، جنجي ڇانو فرحت پئي بخشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوا ٿڌي ۽ وٽندڙ هئي. مطلب ته نظارو اهڙو سهڻو هو، جو ڏکڻ جو ڏڌيل به في‌الحال موج ۾ اچي وڃي. فقير کي اها جاءِ پسند اچي ويئي. چيائين ته هڪ الله ڪري هت ويهي رهجي. پيو هلي هلي ته ٽڪڻ جو رت ئي سڪي ويو آهي. جي مولي کي سڏائي ڪڍي هوندي ته اتيئي پٽو پڄي ويندو. پوءِ ته دونهڙي ڏکائي ويهي رهيو. آهستي آهستي ماڻهو هن وٽ اچڻ لڳا. هن پنهنجو نالو نازڻ فقير راهوڪي وارو مشهور ڪيو. ڪجهه وقت بعد انهيءَ ڳوٺ ۾ انجي آسپاس هن جي واکاڻ وڌي ويئي. ننڍي وڏي جي وات ۾ هن جو نالو پڄي ويو. پوءِ ته ڪٿين هن وٽ پيا ايندا هئا. ڪي خالي ديدار جا پياسي هوندا هئا، ته ڪي سوالي بنجي ايندا هئا. مطلب ته هر نموني ۽ هر طرز جا ماڻهو هت رجوع ٿيا. قدرت مالڪ جي، انهيءَ ڳوٺ کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي بيگم رهندي هئي. هڪ ڏينهن انهيءَ جي گهر فقير جو ذڪر نڪتو. هيءَ نالو ٻڌي ويچار ۾ اچي ويئي. سمجهيائين ته نازڻ فقير اهو ئي هوندو پر ڪهڙو هوندو. پوءِ هڪ ڏينهن محرم ۽ سندس زال کي چيائين، ته چاچا اهو جيڪو درويش فقير پر پڄي، هلو ته انهيءَ جي زيارت ڪري اچون. هو بزرگ آهي، ڀاڻ گهڻگار آهيون، هلي کا دعا گهري اچونس. هو ماڻهو به وسوسيا هئا. تن چيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اما چگو سپاڻي صبح جو هلنداسون. ٻئي ڏينهن سويري ماني کائي پنڌ پيا ۽ اچي فقير وٽ نڪتا. نازڻ ته هڪ وڻ جي ڇانو ۾ رلڻي پاسي کان رکيو ويٺو هو، سو هنن سان بيگم کي ڏسي بهار بهار ٿي ويو. ڏنائين ته مولي نيٺ مهر ڪئي ۽ ويٺي ٿي مراد پوري ڪيائين. بيگم دعا گهرڻ جي بهاني سان فقير جي پر ۾ وڃي ويٺي ۽ ڪيس سموري سرگذشت سڻايائين. نازڻ ڇيس ته ادي منهنجا هي حال ته تنهنجي ڪري ٿيا آهن. هاڻ شڪرانا جو تنهنجي خبر پيئي. نه ته هنن اهڙي چالاڪي ڪئي هئي، جو سڄي ڄمار اسان کي تنهنجو پتوئي نه پوي ها. هاڻ تون سڀ ڪنهن جمع ڏينهن زيارت جو بهانو ڪري هت پيئي اچجانءِ. آڏون اڄ ئي اداسي کي خط ٿو لکان. اميد ته هو جلد ايندو ۽ اوهان جي مٿي ملاقات ٿيندي. پوءِ وڌيڪ صلاح مصلحت هن جي اچڻ بعد ڪنداسون. بيگم اها گاله قبول ڪري هن کان موڪلائي روانو ٿي. فقير يڪدم قلم ۽ ڪاغذ کڻي هيٺيون خط شروع ڪيو:

پيارا اداسي

شاهه صاحب فرمايو آهي:

ناميدي نيچ ته اوڏي ٽٽين اميد کي

مون به ڪئين ڪوٽ ووڙيا، جهنگل جهاڳيا، پاڻڊي پڇاپا پتوئي نه پيو. ناميدي وٺي ويئي. جڏهين ڏٺم ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هاڻ هلڻ بـي سود آهي، تڏهين هڪ الله ڪري هڪ هنڌ ڪٽي ڏوڙـي هنيم. بس واحـد جـا وڙ ڏس، ويڻي ويڻي ووڙيندڙ ملي ويو. هڪڙي سدوري صبـح جـــو نماز پڙهي سائين کي ستائيم، تـــ هاڻ تون مدد ڪر. بيگم کي اپ جي ڪڙي وانگر ڪٽي هٽ اڇلاءِ. ٻيو هوئين تہ مونکي ڪجهہ بـہ معلوم نـٿو ٿئي. بس اها اهڙي تہ موچاري مهل هٽ اچي ويم، جو اوڏيءِ مهلڻي سوال اگهاڙو. اڃا ڪانو ڪن سڄ مس مٿي چڙهيو، تہ بيگم اچي منهن ڪيبو. ٻوءِ تہ ويچاري دعا گهرڻ جو بهانو ڪري اچي ويجهي ويڻي ۽ مون سان سموري ماجرا بيان ڪيائين. مون کيس چيو، هاڻ سپ ڪنهن جمع تي زيارت جو بهانو ڪيو پئي اچجانءِ. آئون بہ اداسيءِ کي احوال موڪليان ٿو. اميد تـــ هو جلدئي ايندو ۽ اوهان جي گڏجاڻي ٿيندي. هاڻ مهرباني ڪري جلد اچ ۽ روبرو اچي صلاح مصلحت ڪر.

خط ٽپال ۾ ڏيو. ٽئين ڏينهن اچي اداسيءِ جي هٿن ۾ ملبو. هيءُ ويچارو بہ حيران پريشان ويٺو هوندو هو. ڪنهن وقت ڪهڙا جولان چڙهندا هئس، تہ ڪنهن وقت ڪهڙا. ڪڏهين نماڻو ٿيو ويٺو نيٽن مان نار وهائيندو هو، تہ ڪڏهين ڪست ۾ اچيو ويٺو ڪرڻيون ڪائيندو هو. جذبات هن کي چوندا هئا، تہ وچي ميان جي ملڪ کي مسمار ڪري، پر انهن تي ضابطو رکي ڪٽي صبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪندو هو. اڄ جڏهين خط ملبس، تڏهين نازڻ جا اکر سڃاڻي خوشي ٿيس. ڪولي پڙهيائين ته سڀ غم لهي ويس. هاڻ هن جي مرضي ٿي، ته هينئر ئي پيدا ٿين ۽ آڻون پکي ٿي وڃي پرين اڳيان پر ڌاريان. پوءِ ته دير ڪيائين ڪانه. هڪدم سهي سنبري گهوڙي تي سوار ٿي اٿي روانو ٿيو. ٻئي ڏينهن فقير جي ڏسيل پتي تي اچي پهتو. وڃڻ ڏينهن دوست ملڻ، دل جا بند کلڻا. هاڻ هنن کي جمع جي ڏينهن جو انتظار ٿيو. هوڏانهن بيگم به جمع کي سارينديءَ رهي. آخر اهو سڄ به اچڻو. بيگم تيار ٿي مائيءَ سان گڏجي اچي فقير جي آستاني تي ٽڪي، اداسيءَ اکيئي اتي حاضر هو. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏسي روئي ڏنو. فقير چيو، ته هيءَ وقت روئڻ جو ڪونهي. اوهين تجويز ڳوليو ته هاڻ ڇا ڪجي؟

بيگم اداسيءَ کي چيو، ته پيارا هاڻ مون ۾ وڌيڪ سهڻ جي سگهه نه رهي آهي. قوتون جواب ڏيئي چڪيون آهن. هاڻ مون کي ڪنهن بلي ڪره نه ته موڪل ڏي ته آڻون دنيا کان موڪلاڻان. اداسيءَ چيو، ته پياري صبر ڪان ڪم وٺ. ڏٺي ڀاڪ اسان جي ڇڳيءَ ۾ آهي. ڏس ته هن رڻ ۾ اسان تو کي اچي ڳولي لڌو. اها به الله پاڪ مهرباني ڪئي. نه ته اسان کي ڪيئن سڌ پوي ها، ته تون هنن پٽن تي ٻئي وسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بيگم چيو ته پلا آئون چا ڪريان؟ هٿي منهنجو آهي چا؟ هت آئـون ڪيئن پنهنجو وقت ڪاڌيان؟ ڏينهن ڏينهن سال جي برابر پيو لڳي. پٽين ۽ وٽن سان اوري اوري هاڻ ته چرين جي درجي تي پهچي ويئي آهيان.

اداسي چيو، ته چگو تون سنبري ويهه ٻئي جمع تي آئون هت موٽر وٺي ايندس، پوء هتان هليا هلنداسون.

انهيءَ بعد بيگم موٽي ويئي ۽ اداسي به واپس وطن وريو. نازڻ کي فقط ايترو چيائين، ته تون اڃا اتي ديرو دمايو ويٺو هج، جيسين آئون وري اچان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

داستان بارهون

موکلاڻي

سڄهي مون نہ سنياليو، تہ ڪي اوڻي ڪندا ائين
ڪهي ڪميني ڪيئن، جـڏي رات جتن ڪـي
انسان تدبيرون سوچيندو رهي ٿو، تقدير مٽائيس
ڪلندي رهي ٿي. اداسي ۾ هاڻ ٻڌا وهر وساري انهيءَ
ارادي تي پڪو پختو ٿي ويٺو تہ هاڻ بيگم کي ڪيئن
ٻڌري هٽ ڪجي. تنهن لاءِ هن پنهنجو پروگرام تيار
ڪيو. مگر ڪيس خبر نہ هئي، تہ تقدير وري ڪو نئون
ڦيرو ڪائيندي. هي گهوٽ روانو ٿيو. بيگم ۽ هوڏانهن
پهچي ويئي. پئي ڏينهن ميان جي وڃي محرم جي گهر
ڏٺو. ڪائنس حال احوال ورتائين. هن ويچاري ڪجهہ
ڪوڙ ڪجهہ سچ ملائي هن کي ٻڌائي، پر هو تہ جهونو
گنهگار هو، تنهن کي شڪ پئجي ويو. ڏٺائين تہ هاڻ
بيگم جو هٽ رهڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. سو هڪدم بيگم
کي موٽر ۾ چاڙهي روانو ٿيو. بيگم چپ چاپ هئي.
وات مان اکر ٻہ نہ ڪڍيائين. جڏهين گهوٽ پهتا، تڏهن
بيگم کي پٽو ڏيو، تہ مار وري اچي ڪوٽن ۾ قيد ٿيس.
هن کي خيال هو، تہ باقي هڪڙو هفتو وڃوڙي جا وڌ
سهڻا آهن، ٻوءِ وڃي محبوبن سان ميلو ٿيندو، پر هاڻ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيس ڏسڻ ٽي ويو تہ محبوب سان ملڻ نہ ٽيندو. اندر پهتي تہ وري بہ ڪنڌن وانگر سڀ چهٽي ويس. هن ڪنهن کي جواب ڪونہ ڏنو، گنگي ۽ ٻوڙي ٽي ويهي رهي. هوڏانهن نازڻ فقير کي پتو پئجي ويو تہ باز آيو، جو جهرڪڙي جهپي چنبن ۾ ڪٽي روانو ٽي ويو. سوآڏيءَ رات جو وڃي پڳو. صبح جو ماڻهو وڃي ڏسن تہ فقيرجو آستانو خالي پيو آهي نازڻ پيرين ٻيادو پڇندو پڇندو بن ڏينهن بعد اچي اداسي وٽ پهتو. ڪيس ٻڌايائين، تہ ميان جي آيو، سو ويچاري بيگم کي وري وڃي ويو. بس ٻڌڻ سان هن جا طاق ئي لڳي ويا. مغز چڪر کائڻ لڳس. ديوانن جيان دانهون ڪرڻ لڳو. نازڻ هن کي دم دلاسا ڪيا، دلداريون ڏنيون، پر هن جي حالت ساڳي رهي. هوڏانهن بيگم بہ هاڻ ڏنو، تہ سڀائين جي سورن سهڻ کان مرڻ مبارڪ آهي. تنهنڪري اٽل ارادو ڪيائين، تہ حياڻيءَ کي ختم ڪيو پر هڪوار يار اکين نار جو ديدار ڪري بار هلڪو ڪريان، پوءِ بس. سو

ويچاري رحيمان کي سڏي چيو، تہ ادي هي منهنجو آخري خط اداسيءَ ڏي لک. اميد تہ هن بعد نہ بيگم هوندي، نہ تو کي تڪليف ڏيندي. رحيمان چيس، تہ ادي چو اڄ تون ٽڙيليون گالهيون ڪري رهي آهين. وڃ تنهنجا ويري، تو کي آئون ڪٽي ٽي چڏيان؟ بيگم چيو، تہ ادي تنهنجي احسانن جو بار منهنجي گردن تي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهو آئون لاهي ڪانه سگهنديس. انجو اجر الله سائين توکي ڏيندو. باقي منون دنيا تان آسرو ڪنيو. ڏٺم گهٽو ئي ڏٺم، هاڻ ڏسڻ جي تمنا نه رهي اٿم. هينئر مونکي اصلي ڏيهه سڏي رهيو آهي. منهنجا هتان بند خلاص ٿيڻ وارا آهن. هاڻ ويندیس رهنديس ڪانه. فقط اوتريون گهڙيون گهاريندیس، جيترين ۾ اداسي هڪوار پاڻ پسائي. منهنجي منڙي پيڻ وقت نه وڃاءِ. خط لک ۽ اهو جلد موڪل، متان فراق جو تاب نه جهلي آئون محبوب جي موڪلائڻ کان اڳ مري وڃان.

رحيمان چيو، ته ادي آئون تنهنجي حڪم جي بندي آهيان. هڪ خط ڇا. هزار خط چوين، ته به لکنديس. ان بعد هينيون خط لکڻ شروع ڪيائون:

پيارا اداسي: محبت جي ٻاهه بي آرام ڪري ڇڏيو آهي. پيار جي پياس پاڻي ۽ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. هڏ هڏ چور آهي، عضوو عضوو سور آهي. سنڊ سنڊ ساڙو آهي، نس نس ناسور آهي. اميدون ختم ٿي ويون آهن، جذبات مري چڪا آهن. جدائي جان کي پهچي جوڙ جوڙ جدا ڪري ڇڏيو آهي. وصال لاءِ گهٽوئي واجهايم، پر ـــ پر وصل جو واءُ نه وريو سو نه وريو!!

ديس ڇڏي پرديس آيس. جوڙايوال جي جسجتو ڪيم. آخر تون پڪي پئين. خوش ٿيس ڪليس چيم ته ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کا بخت واري آهيان، جو هڻو سڃڻ سائڻي ٿو ملير.
پوءِ ته انئي پهر توسان گڏ هوندي هيس. پر عجب اهو،
جو ايتري ويجهائي هوندي به تون ملي نه سگهئين. آئون
به اميدن ۾ هوندي هيس، ته اجها ٿي سهاگڻ ٿيان. پر
واجهائيندي ورهيه ٿي ويا. ع.....ع

وصل جو واءُ نه وريو سو نه وريو!!

محبوب سائين رحيمان چئي ٿي، ته غمن کي پٽن
تي وراءِ. هار سينگار کر. رئڻ ع راڙو ڇڏي ڏي.
خوشي کي دل ۾ جاءِ ڏي. پر آئون ائين کيئن ٿي
کري سگهان؟ منهنجو چت سڃو چور ٿيو پيو آهي.
اندر ۾ جدائي جي آگ پئي ٻري. درد جو کورو پيو
کامي. مون وٽ خوشي کٽان اچي؟ مون کي ته کوٽين
جي قيد کنبائي ڇڏيو آهي. ديون جي پهري ۾ پئي
آهيان. رکيو انهن جي شڪل ڏسيو ڏيل ڏکيو وڃيو.
مون گهڻئي کوشش کئي آهي، ته هتان آجي ٿيان،
پر جيئن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ پتوڑيان ٿي، تيئن تيئن زنجيرن
۾ وڌيڪ جکڑجان پئي. هي باري بند آهن، موت کان
سواءِ کلڻائي نه آهن. انهن قيدين ۾ کٽين زمانا ڦريا.
کڏهين اڌ اوت ڏني، ته کڏهين پورب پاڻ ملهايو.
کڏهين ڪاڪ لڳي، کڏهين ڏکڻ کليو. پر سيکنهن
هير رکيا تير هنما ع.....ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وصل جو واءُ نہ وريو سو نہ وريو!!

مٹا سائين اڄ آرهڙ پنهنجي پوريءَ جواني تي آهي. پيرون پڇن لعل ٿيا هوندا. سيڪا سهاڳ ڀڻ ڊالڻا ۽ ڪيون ڪٽي چارڻ کي چهٽي پئي هوندي. اڄ جهنگل ۾ منگل هوندو. جڏهين سندن ٿـانو پيرن سان پـر ٿيندا تڏهين ڪلنديون ڪڏنديون چرچا گڏها ڪنديون واپس ويندیون هونديون. پوءِ انهن کي انهيءَ وقت ڪيڏي نہ خوشي ٿيندي هوندي، جنهن وقت وٽا پري ورن اگيان رکنديون هونديون!! مٹا آئون بہ تہ انهن جهڙو انسان آهيان. مون کي بہ اهڙئي دل آهي. مون کهڙو قصور ڪيو آهي، جو ڪوٽن ۾ قابو ٿي پئي آهيان؟ هاءِ ها! مون لاءِ تہ ڪا موچاري موسم ڦي نٿي منهن ڪڍي! مون تہ سڄو آرهڙ نهاريو، پر..... پر

وصل جو واءُ نہ وريو سو نہ وريو!!

سڄڻ سائين ورهيہ ٿيا آهن، تہ پيٽ پري نہ ڪاڏو اٿم. ڪڏهن انين پهر، تہ ڪڏهن پارهين پهر رکو ٽکر ملیم ٿـو. عيد ڏينهن بہ مون لاءِ اهائي پاروٽي ماني! ڏاڪڻان ڏکجو هيڏانهن جا هوڏانهن پيا وڃن، پر مون ڏانهن تہ ڪو نهاري بہ نٿو. چور ۽ ڏاڙيل بہ انين ڏينهن ڇڪو چوکو ڪائيندا آهن، خونيءَ تي بہ ايڏي سختي ڪانہ ٿيندي آهي، پر مون لاءِ تہ همٹشہ مصيبت هري پئي آهي. ڪيڏا فقط اهي آهن، جـي انگ تي آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سي بہ هاڻ وڃن ريڑون ريڑون ٿيندا. چتين تي چتيون هڻي اوگهڙ پئي ڏيکيان. پلا ڪنهن کان گهران؟ هو پائين تہ بندوق هڻي ساهہ ڪڍي ڇڏيونس، نہ تہ بہ انبور ڪڍي اکيون ڪڍي انڌو ڪريونس، هاڻ ٻڌاءِ تہ اهڙن ماڻهن وٽان مون کي ڇا ملندو؟ ڪنهن انسان کي ڪا مجال نہ آهي، جو منهنجي هٿ تي پگهڙي جي ڦار رکي. ڪنهن کي همت نہ آهي، جو ڪپڙي جو وال مون کي ڏئي. منهنجو سارو ڏينهن سهمن مهڻ ۾ پورو ٿو ٿئي. رات جا بہ پويان بہ پهر مون تان ملامت لهي ٿي، جن ۾ هنن کي موت جهڙي نند اچيو وڃي. نہ تہ جيسين پيا جاڳن، تيسين مون تي طعنن جو وسڪارو پيو پوي. اهي ڳالهيون انهيءَ لاءِ ستم، تہ محبوب ملي، پر..... پر

وصل جو واءُ نہ وريو سو نہ وريو!!

سهڻا سائين، هاڻ هن بي ترس دنيا کان دل ڪٽي ٿي پئي اٿم. هڪ گهڙي بہ مون لاءِ ورهيہ نظر اچي رهيو آهي. آءٌ تہ توکان موڪلاڻي ڪري وڃان. هاڻ مونکي ٻي ڪابہ حسرت دل ۾ نہ رهي آهي. فقط اها حسرت آهي، تہ هڪوار تنهنجو ديدار فرحت آثار ڪريان ۽ جيءُ پري توکي ڏسي وڃان. همت تہ ڪٽين چاري اسان تي چوڪسي ڪري رهيا آهن، ڪٽين رقيب اسان جون راهون روڪيو ويٺا آهن، پر همت بعني آخرت ۾ نہ رقيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوندو، نہ دشمن، نہ چاري کهوندو، نہ چوکيدار، بالکل آزاد ۽ بي اونا هونداسين.

والسلام

تنهنجي ديدار جي مشتاق بيگم

خط لکي ٽپال ۾ وڌائون، جو جلدئي وڃي اداسيءَ وٺ پهتو. خط پڙهي نازڻ فقير کي ڏيکاريائين. پـوءِ کيس چيائين، تہ فقير سائين آڏون هاڻ وڃان ٿو. متان منهنجي نہ پهچڻ تي بيگم جـي دل کي سخت صدمو پهچي!! پوءِ تہ سهي سنبري روانو ٿيو. رات ٿي، تہ اچي کرڙ جي گهر پهتو. هو هنکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. رحيما چيو، تہ ادا چگو جو تون اچي پهتو آهين. بيگم جو دماغ ٺيڪ نہ آهي. هو اهڙيون گالهيون ويٺي کري جو خدا ڏئي پناهہ! هاڻ کيس تون مل ۽ کو دم دلاسو کري ريجهائينس. اداسي چيو تـہ ادي چگو اچي تہ آڏون سمجهايانس.

رات گذري صبح ٿيو. بيگم کي رحيمان سويرئي وڃي پيغام پهچايو. هن چيو تہ چگو تون کرکار لاهي وڃ، تہ پوءِ هلون. رحيمان يکدم کر کي لڳي ويئي. بيگم چا کيو، جو زهر جي پڙي کولي اگيان رکي، ٻئي هٿ رب جي درگاه ۾ کڻي بـاڏائي چيائين، تـہ الله سائين آپ گهات مها پاپ آهي ۽ آڏون ڏسي وائسي چاڻي ڇڏي اهڙو ڏوهہ کري رهـي آهيان. ڇو؟ تمام لاچاري ۽ مجبوري کري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مون زنده رهڻ لاءِ وڏائي حيلا ڪيا، پر ڪوبه ڪارگر نه ٿيو. ڪوششون ڪم نه آيون، سعيا ساب نه پيا. هاڻ آڏون تنهنجي دنيا کان موڪلائي رهي آهيان. فقط ڪن گهڙين جي مهمان آهيان.

تنهنجي ظالم ۽ مڪروه دنيا کي سلام، دنيا جي مڪر ۽ فريب کي سلام!! دوستن يارن کي سلام، ۽ دشمنن اغيارن کي سلام!!

منهنجا مولي! تنهنجي دنيا ۾ ته رڳو انڌيرئي انڌير لڳو پيو آهي. رحم جي ڪنهن ۾ رتي برابر نه آهي. انصاف ملهه وڪامي رهيو آهي. سچ ڪنهن جو ڪوڙ ۾ منهن آهي. سچ سون کان به مهانگو آهي. زبانن ۾ نانگ وارا وروڪڙ آهن. دلين ڪنجي ڪارين ٿي ويون آهن. حق جو گفتگو به ڪونه ٿو چوي. ڪو وعدو وفا نٿو ڪري. هرڪو پنهنجي مطلب وارو آهي. سيڪو پاڻي ته منهنجي ساڃي ٿئي، ٻئي جي هڙ ٻڏي ته ٻڏي وڃي.

اهڙي انڌير نگري کي هزار هزار بار سلام!

اي پروردگار! ظلم جي ڪا حد ئي ڪانهي. ظالمن کي ڏکهو رسو ملهيل آهي. هنن کي نڪا آهي رند نڪا روڪ. سندن قهري ڪارناما هميشه چالو آهن. سندن جور و جفا جو ڪو ڇيهه ئي ڪونهي. ضعيفن تي سندن زور و زبردستي سدائين ٻئي هلي. هو مسڪينن کي بي موت ماريو ڇڏين. اڻوجهن جو

رت چوسيو ونن- هيٺن ۽ جڏن کي پيا پيڙين- سندن زور جو ڏنڈو آهي ڪنهن غريب تي ڏاڍ ڪرڻ- کو سگهو ساهه سندن اڳيان ڏٺو ڪٿي سگهي- کو ڪنڌ مٿي ڪري ساڻن گالهائي نٿو سگهي- ڪنهن کي مجال نه آهي، جو کيي سچ چوي- جنهن چيو سو قاڻو- انجو جيسين جن ڇڇو نه پيڙائيندا، تيسين سڪ ڪري نه سهندا- هن ظالمن جي جائز ناجائز خواهش مڃڻ لاء سيڪو پڌل آهي- جي ڪنهن انڪار ڪيو، تہ پنهنجي لاء باهه وهائي- پوء انجي حياتي ڪڙي ڪري ڏيندا- هنن کي نه خدا جو خوف آهي، نه قيامت جو ڊپ- هنن لاء جيڪي آهي، سو اڄ آهي، سيان وارو ڏينهن هنن لاء وهم آهي.

اهڙن ظالمن جي دنيا کي هزار هزار بار سلام!!

رب سائين! جيڏانهن تيڏانهن مڪر جو ڇار وڇايو پيو آهي- هيٺ مٿي فريب جي ڦاهي ٽنگي پئي آهي، جنهنکي پنهنجو ٿو سمجهي، سوئي پرائو آهي- جنهنکي گل ٿو سمجهي، سو ئي ڪنڊو آهي- جنهنجي زبان مٿي آهي، تنهن جو اندر سڄو زهر سان ڀريل آهي- جنهن ۾ اميد ٿي رکجي، تہ هي منهنجي پاڻ پالا جهليندو، سوئي پالا ٿو هٽي- جنهن ۾ گمان بہ ڪونهي تہ هيءُ ڪنڊو هٽندو- سو تہ وهايو ڪڍي- جنهن کي رت ڏيئي پت ٿو ڪارائجي، سو نيٺ رت ڪڍڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لاءِ تيار ٿيو وڃي. جنهنکي خـون پسڻو هڪ ڪري نپائجي ٿو. سو نيٺ خون جـو پياسي ٿيو پوي. جنهن کي پنهنجو دوست ٿو سمجهي، سو دشمنن کان وڌيڪ ايذاءُ ٿو پهچائي.

اهڙي ڪريلي دنيا کي هزار هزار بار سلام!!

قادر سائين! جن نپايو تن ئي مونکي ماريو. جن پيار ڏنو، تن ڏـي وار ڪيو. جنهن گهر ۾ البيلي ٿي پليس، تتي قيديائي ڏـي رهيس. جـي پنهنجا هئم، سي پراوا تيا. محبت عداوت سان بدلجي ويئي، قرب ڪينيءَ سان منجي ويو. ترس بي ترسيءَ سان بدليو. قياس جي جاءِ قهر ورتي. نه آهن مان وريو، نه دانهن مان فائدو ٿيو. نه ليلڙائيون ڪم آيون، نه دعائون ا ڪهايون. سچ چيو انر:

ماسي ٿئي نه ماءُ چاچو ٿئي نه بيءُ.

سگهي ماءُ هجي ها، ته هنکي رت جي ڇڪ اچي ها، پر هيءَ ڏاري هئي، سا نيٺ ڏاري ٿي - هاڻ انهن اوپرن وٽ آئون ڪيئن وقت ڪٽيان!

تنهنڪري هن ڏارين جي دنيا کي هزار هزار بار سلام!!

ڪريم سائين! ورهيه گذري ويا آهن، ته سورن سنڌو نه ڪيو آهي- ڏينهون ڏينهن ولين جيئن وڪوڙيندا ويا آهن انهن سـورن جي شار ڏي نٿي ٿئي- نت نت نئين رنگ سان منهنجي سر تي اچيو ڪڙڪي-

هڻ انهن سورن کي سلام.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سورن جي دنيا کي هزار هزار بار سلام!!

او خلقٽهار! تو کي سڀ ڪجهه معلوم آهي، ته هنن مون سان ڇا ڇا ڪيو آهي!! منهنجي چمڙيءَ جي ذري ذري تي هنن جي ڇهڪن جا نشان بڻيا آهن. منهنجو عضوو عضوو الڙيل آهي. هڪڙو ڏڪ هڻي ماري ڇڏين ها، ته چڱو هو، پر هنن مون کي چنڇلائي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪڙا گهاءَ چٽائي نٿي، ته پيا ٽي ڪيائون. بکن ۾ پاهه ڪيائون، اڄ ۾ تڙپايائون. هڪ جيڏين سان ڳالهائڻ بند، ته پيءُ سان ملاقات ختم. مطلب ته هر طرح جا ايذاءَ ڏنا اٿن.

پر اڄ آئون تنهنجي ملائڪن جي شاهدي انهن کي سڀ ڪجهه بخشيان ٿي، بخشيان ٿي، بخشيان ٿي. اي بخشٽهار! هاڻ آئون تنهنجي ٿي، بخشش جي سهاري هيءُ بچڙي ۾ بچڙو ڪم ڪريان ٿي.

پاڻي عيب پلئه ۾، اڳڻ جـــي اچـــن
منهن ۾ مديون تن کي، ڏسڻ سان نه ڏجن
اوگڻ عيب مٽايون، ڏيڻ ٿي ڏيڪجن
توڙي ڪچيون ڪن، ته به معافي ڪجين مينڊرا

ائين چئي زهر جي پڙي ڪٽي پاڻيءَ سان پي ڇڏيائين ٿوري دير بعد رحيمان اچي ويئي ۽ هن کي وٺي سڌو پنهنجي گهر آئي. اداسي اڳيئي انتظار ۾ ويٺو هو. هو هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن ويچاري کـي اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

معلوم ٿي نہ هو، تہ ڪو هيءَ ڪونج اڄ هتان وڃڻ جون تياريون ڪري چڪي آهي!

بيگم تي بہ هاڻ زهر پنهنجو اثر ڪرڻ لڳو. هن جي منهن جي رونق گهڙيءَ گهڙيءَ مٽبي ويئي. اداسي چيس تہ بياري، تنهنجي روئداد اڄ بگڙيل پئي ڏسجي، خير تہ آهي؟

بيگم چيو، تہ مٺا سائين آئون نيڪ نہ آهيان منهنجي حياتيءَ جو ساڻ پرجي چڪو آهي. منهنجون اکيون انهيءَ گهڙيءَ بند ٿيڻ واريون آهن. آئون هاڻ موت جي منڍيءَ گود ۾ سمهڻ واري آهيان. هاڻ آئون توکان الوداع ڪريان ٿي. هن بعد بيگم جو گنهگار چهرو تنهنجون اکيون وري نہ ڏسنديون. هاڻ نہ بيگم هوندي، نہ بيگم جو پيار هوندو، فقط مٽيءَ جو ڏڙو مقام ۾ هوندو.

ان بعد هيءَ خاموش ٿي ويئي، گهڻ مدت بعد اداسي جا هٿ چمي، چمائين، تہ اي سهڻا سائين، منهنجي ڪري تو ڪئين تڪليفون سٽيون ۽ ڏک ڏنا. هاڻ آئون انهن جي توکان معافي ٿي وٺان. تون مون کي دل و جان سان بخش ڪر. جڏهين تون مون کي بخش ڪندين، تڏهين منهنجو سفر سهنجو ٿيندو ۽ منهنجي ساهه تان تڪليف لهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اداسي ڇيو، ٿہ پياري، ڇا ٿـون مون کـي اڪيلو ڇڏي ويندين؟ تون اهو مناسب سمجهين ٿـي؟ آڏـون تو کان سواءِ ڪهڙي زنـدگي گهاريندس؟ نہ مٿن گڏ هوندس، نہ جيئرن گڏ. نہ هوندس دين ۾ نہ دنيا ۾ جي تون وڃين ٿي، تہ مون کي بہ پاڻ سان وٺيو وڃ. مون کي رڙ واهي نہ ڪر. مون سان سات ڏي.

بيگم ڇيو، تہ محبوب سائين، تون مون وانگر قيد نہ آهين. پين جي وس نہ آهين. تون تہ آزاد دنيا جو پکيئڙو آهين. تنهنجا ڪليل آهن. تون مائٽن مٽن جي وچ ۾ آهين. يار احباب توسان گڏ آهن. ڪائڻ پيئڻ ۾ پين جو محتاج نہ آهين. توتي پهرو يا چوڪي ڪانهي. تنهنجي زبان تي مهر لڳل نہ آهي. مطلب تہ تون سڀ ڪنهن پابنديءَ کان ٻاهر آهين. تنهن ڪـري تنهنجو اهڙو خيال ڪرڻ ئي نامناسب ۽ ناموزون آهـي. مگر آڏون بلڪل ٻـيءَ حالت ۾ آهيان. نہ اٿم مائٽ نـہ مٽ، نہ عزيز نہ قريب. نہ گهر نہ گهاٽ، نہ واهہ نہ وات. نہ ساڻي نہ سڄڻ، نہ ٻيلي نہ واهرو. نہ ٻڌڻ وارو نہ سڏڻ وارو. زبان مبديل اٿم، ٻوٽ بدل اٿم. ڪچان ٿي، تہ هيڪاري مسان ٿي. دانهن ڪريان ٿي، تہ ٻيٽو درد ٿا ڏين.

منا سائين، تون ڪوبہ انسان ڏسندو هوندين ۽ تـہ خوش ٿيندو هوندين. تنهنجي روح کي ڪجهہ نہ ڪجهہ آڏـت ايـندو هونـدو. پـر آڏون پانيان تـہ منهنجون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اکيون انساني صورت ڏسن ئي نه. چو ته جيڪو منهن ڪيندو آهي، سو مون لاءِ مصيبت بنجي ايندو آهي. اڇڻ سان ڪونه ڪو ايذاءُ مون کي ضرور ڏيندو آهي. وري جي انهيءَ تي آئون لچندي ۽ ڦٽڪندي آهيان؛ ته بيهي ڪلندو آهي. سندس بدا بدا ٿهڪ هوا ۾ پيا ڪڙڪات ڪندا آهن.

پيارا چئو ته اڃا به جيئان؟ اڃا به هن دنيا ۾ رهان؟ آجي ٽيڻ جي اميد ڪانهي. بدن بيزار ڪري وڏو آهي. ڏکن ڏڏي ڇڏيو آهي. هڏ هلاڪ آهي. هاڻ انهن سڀني گهالهين جو علاج فقط هڪڙو وڃي رهيو آهي؛ جو آهي موت. انهيءَ کي نه هي روڪي سگهن ٿا، نه رندي. نه جهلي سگهن ٿا، نه پلي، نه ته اتي به وڏائي وس ڪن.

منهنجا محبوب، موت جو ملائڪ هاڻ مون وٽ اچي پهتو آهي. هاڻ منهنجي انهيءَ سان ڪچهري ٽيندي. گهالهائي دنگ ڪيم، ڏسي ڇيهه ڪيم. اکيون پوريون سي وري نه پٽيون. زبان بند ٽيندي، سا وري نه ڪلندي. هاڻ موڪلاڻي. موڪلاڻي .....موڪلا.....

ائين گهالهائيندي گهالهائيندي هن جي زبان بند ٽي ويئي. انهيءَ تي اداسيءَ کان بي اختيار اوڇنگار نڪري ويئي. رحمان جا پڏي، سا ڊوڙندي آئي ۽ اداسي کي چيائين، ته ادا ڏاهو ٽيءُ، ٽون سياڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سمجهو ، هيئن ٻارن وانگر رئندين، تہ قصو ڪيئن ٿهندو! ائين اسان تان ڪک لاهيندين. مڙس ماڻهو ٽيءُ، شينهن جو جگر ڏار، دل ڏاڍي رک.

ان بعد بيگم ڪي وڃي ٻانهن کان ورتائين. ان جي زبان بند ٿي ويئي هئي، پر اڃا ايمان جي سلامتي هيس؛ سا هن سان گڏجي وڃي حويليءَ تي پهتي. ڪٽ تي ليٽڻ سان هن جون اکيون پورجي ويون. رحيمان يڪدم وڃي حويليءَ جي ماڻهن کي ٻڌايو، تہ بيگم ويچاري تمام ناچاق آهي، سي سيئي ميڙو ڪري ڦري ويون. هن کي گهٽيئي سڏ ڪيائون، پر هن جواب ڪونہ ڏنو. هوءَ تہ خدا سان گاڙهيون ڪري رهي هئي. هن جون تياريون انهيءَ ڏيهہ ڏي ٿي رهيون هيون، جتان اڃ تائين ڪو ڪونهي وريو. ڪچ مهل گذري، هڇڪي آئي بس امانت وڃي ڏٽين کي پهتي، باقي خاڪي پيجرو وڃي ڪٽ تي رهيو.

خاڪ مٽي کابان، ڪاٽيا پوءِ ڪجهہ نهين.

هوڏانهن اداسي ساڳي پڙيءَ تي پٽر بنيو پيو هو. پهر ڪن بعد رحيمان آئي، جنهن کيس چيو، تہ مٽڙا پاءُ وڃڻ وارا ويا ۽ هميشہ لاءِ ويا. اوڏانهين ويا، جتان وري نہ ورندا. سچ چيو اٿن:

جيڪي وڃان وڃان ڪن سي رهي رهندا ڪيترو!
اداسي آهہ ڪري آسمان طرف نهاريو ۽ چيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اي مولي! بانهن جي پاڪار ۾ وارو تون آهين، بيڪسن جو پرجهلو ۽ اڻين جو آڌار تون آهين. رحم جو درياءُ ۽ پلاين جو پنڌار تون آهين. تو ۾ زليخا جو درياءُ ۽ يوسف ملايو. مون کي جوان ڪيو، توئي ساڻس يوسف ملايو. مون کي جيئري نه ڇڏ مئي هيڪاندو ڪر. اي سهاڳها سوالي جي صدا سڻ! هڪ سوالي جي صدا سڻ!

سور چرندي سال گذر ڏي ويا. مصيبتون سهندي مدتون گذري ويون. نه ڏکن جا ڏينهن کٽيا نه جند چٽي. آئون بيڪس، هو پنهان پيا. آئون ڦٽڪيس، هو چنبڙيا. حيلا ڪيم ڪارگر نه ٿيا، وڇڻ وارا وڇڻ کي ويا. هاڻ ڀيون اميدون ختم ٿي چڪيون آهن، فقط هڪ اميد آهي، ته موت اچي محبوب ملائي.

اي سهاڳها سوالي جي صدا سڻ! هڪ سوالي جي صدا سڻ!

اڄ منهنجي ڪنن اهو ٻڌو، جو سهڻ کان ٻاهر آهي. منهنجي دل اندر جو اندر ۾ ڦٽڪي رهي آهي. منهنجون اکيون بيتاب آهن. جنهن جي سهاري ساهه پئي ٽڪايم، سو ته سڄڻ سفر سڌاريو. اميدون کوڙيون نڪتيون، آسرا اجايا ثابت ٿيا. تمنائون تاراج، پروسا برباد ٿيا. هاڻي حياتي ۾ باقي ڇا رهيو آهي؟ موت ۽ صرف موت

اي موت جي ملائڪ کي حڪم ڏيندڙ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاپ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نياڻيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book